
نئون ديرو
دل وارن جو ديرو
عاشق منگي
نئون نياپو

# نئون ڏيرو

## دل وارن جو ڏيرو

(ساروڻيون)

عاشق منگي

نئون نياپو اڪيڊمي

سچل ڳوٺ، ڪراچي، سنڌ

ڪتاب جو نالو: نئون ڏيرو : دل وارن جو ڏيرو
موضوع: ساروڻيون
ليکڪ: عاشق منگي
تعداد: پنج سئو
ڇاپو پهريون: مني 2012
پارن: نئون نياپو اڪيڊمي،
A-12 سچل ڳوٺ گلشن اقبال ٽائون ڪراچي
Cell # 0346-2103811
مُلهه =/150

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

– مسودي‌رو: منهنجي جم جو هنڌ.

منجهس پليس ۾ پارا ٽيون راتديون ڪيڊيم.

خاص طور تي منگين جي ويڙهي اندر.

– نئون ڊيرو: منجهس وڏو ٿيس.

وڏيم ۾ چڱا ڏينهن گهاريم.

مان پنهنجي هيءَ ڪاوش

پنهي شهرن ڏانهن منسوب ڪريان ٿو.

عاشق منگي

# سٽاءُ


| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. | پبلشر جو نوٽ | انعام عباسي | 6 |
| 2. | ٿئون ڏيرو– دل منجهه ڏيرو | انجنيئر عبدالوهاب سهتو | 7 |
| 3. | هم– ڪلاسيءَ جو وڏو ڀاءُ | انجنيئر رشيد احمد ڪنڀر | 13 |
| 4. | جو جيءَ اندر آيم | عاشق منگي | 15 |
| 5. | راهون، رستا ۽ دوستيون | | 19 |
| 6. | ڀٽو صاحب جو بنگلو | | 54 |
| 7. | اديب، نقاد ۽ دوست: پروفيسر نذير احمد سومرو | | 67 |
| 8. | وڻ، راهون ۽ جانورا | | 106 |
| 9. | سارين جا ٻلوڙ فصل ۽ ڏڪار | | 132 |
| 10. | سڪل پلو ۽ سيٽ پرتم | | 136 |
| 11. | ڪچي جون زمينون ۽ روزگار | | 144 |

# نئون ديرو: دل منجهہ ديرو

نئون ديرو سان منهنجي وابستگي ٽہ پاءُ صديءَ کان مٿي رهي آهي، جيڪا منهنجي هم جماعت رشيد احمد ڪنڀر جي ڪري آهي. بي اي (سول) يعني انجنيئرنگ جا چار سال، پورن ستن سالن ۾ پڇائڻ دوران، نوابشاهہ توڙي ڄامشورو ۾ ڪڏهن بہ هڪ ٻئي کي هٿ ڏيڻ تہ پري جي ڳالهہ، سلام بہ نہ ڪيو هوندوسين. جڏهن تہ سندس رول نمبر ٢٢ ۽ منهنجو ٢٩ هيو. پريڪٽيڪل جي هر گروپ ۾ گڏ، امتحان هال ۾ نمبر بہ ويجهڙا لڳندا هيا، تنهن هوندي بہ هڪ ٻئي سان وابستگي نہ رهي.

پڙهڻ پڄاڻان، جڏهن نوڪرين جي تلاش ۾ نڪتاسين، تڏهن بہ انٽرويوز ۾ هڪ ٻئي کي سلام نہ ڪيو هوندوسين. پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ڊپارٽمينٽ ۾ آڪٽوبر ١٩٨٤ع ڌاريہ ٻئي گڏ پرتي ٿياسين. پاڻ ٢٢ تاريخ تي نوڪريءَ تي اچي چڙهيو جڏهن تہ مان ٢٩ تاريخ تي اچي ساڳي آفيس ۾ چڙهيس. ڪلاس جي رول نمبرن ۽ نوڪريءَ تي چڙهڻ وارين تاريخن ۾ هڪجهڙائي ۽ مماثلت

هئڻ باوجود، پنهي جو هڪ ٻئي سان جوڙ جڙ گهٽ رهيو. هن کي بہ لاڙڪاڻي ۾ نوڪريءَ تي چڙهڻ جو حڪمنامو مليو تہ مون کي بہ اتي چڙهڻ لاءِ حڪنامو صادر ٿيو. پهرئين ڏينهن بہ هڪ ٻئي سان اتي ڪو نہ ملياسين. راجا ڪوڙومل، پنهي جو هم ڪلاسي بہ هئو تہ ساڳئي عهدي تي ساڳي آفيس ۾ ساڳئي انٽرويو ذريعي، اسان سان گڏ سرويئر ٿي اچي چڙهيو هيو. اهو بہ جڻ اسان جو هم- پيشہ ٿي پيو. پاڻ ڏوڪري شهر جو هيو. پڙهڻ دوران، منهنجي ساڻس وابستگي هئي. ساڻئي ڪاتي ۾ پرتي ٿيڻ کان پوءِ، رشيد صاحب سان جڻ، ان نئين سر ملاقات ڪرائي هئي.

نئين سر، نئين سرزمين تي واقفيت ٿي. پوءِ تہ جڻ هڪ ٻئي کي دريافت ڪري ورتوسين. لکڻ جو شوق، مون کي اڳي ئي هيو. روڳ، رشيد ڏياريو. ڪتابن پڙهڻ ۽ ڪتو ڪرڻ جو شوق ڪو نئينپڻ کان هيس، جنهنڪري نئون ديري جي ادب-دوستن ۽ شاعرن سان ڏيٽ ويٽ بہ سٺي هيس. هلهي ملهي، نئون ديرو ادبي سنگت جي روح روان منٺار سولنگيءَ سان ملاقات ڪرايائين. وٽس ۽ منٺار وٽ اچڻ وڃڻ ٿيو. آٿر ادبي سنگت سان وابستگي ٿيڻ کان پوءِ، لکڻ لاءِ نئون دڳ ۽ اتساهہ مليو. اها سنڌي ادبي سنگت ۾ تحليل ٿي، تڏهن بہ ساڻ هياسين.

لڳ ڀڳ ٽيهارو کن ادب-دوست، نئون ديرو منجهان، منهنجا واقفڪار ۽ چاڻو ٿيا. منجهائٽن ڪن سان وابستگي تہ منٺار جي ڪري ٿي ۽ ڪن سان وري رشيد ڪٽپر جي ڪري ٿي. رشيد جو والد، سائين محمد بخش ڪٽپر جيئن تہ ڪيترن جو استاد رهيو هيو ۽ پنهنجي پاڙي يا قوم جو پڳدار بہ هيو. پٽو صاحب کي جڏهن پڳ ٻڌرائي پئي وئي تہ پنهنجي ذات وارن طرفان معندار طور سائين محمد بخش بہ پڳ کي وڍ ڏنو هيو جنهن جي تصوير تن ڏينهن ۾ جنگ ۽ ڊان اخبار ۾ ڇپي هئي. اهو ئي سبب هيو جو نئون ديرو جا نوجوان سائين لاءِ احترام هئڻ جي ناتي سندس اولاد جو بہ ادب ۽ احترام ڪندا هيا. مان بہ رشيد جو دوست ٿيس تہ مون کي بہ چڱو ماڻ مليو. نئون ديرو سنڌي ادبي سنگت جو جڻ مان بہ بنيادي ميمبر ٿي پيس. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ متحرڪ گهٽ نہ هيس.

انهن ادبي محفلن ۾ نئون ديرو جا ڪيترا اديب ۽ شاعر پڻ واقف ۽ دوست ٿيا. جهڙوڪ: امام راشدي، سائين حاجن شاهہ، عبدالڪريم گهايل، امتياز وفا سومرو، عبداللطيف ڪرٽيو، منظور منگي، عبدالغفار تبسم پٽي ۽ عبيد ڪٽپر وغيره. ان کان علاوه جن ٻاهرين اديبن سان ڏيٽ ويٽ يا ملاقات ٿي، سي هيا: آٿر

ناٿن شاهي، يوسف سنڌي، عبدالرزاق مهر، واجد منگي، محترم اياز قادري صاحب، ملڪ آگاڻي، شوڪت ڪيهر، ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، قاضي مقصود گل، مختيار گهمرو، عبدالفتاح عابد لاشاري، ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو صاحب، محمد علي پٺاڻ ۽ سويو گيانچنداڻي وغيره.

منظار سولنگي، جيئن نالو هيس، تيئن هيو. جيئن آڳاٽي دؤر ۾ سندس ناني مينهون ماڃيءَ جو نالو هيو تيئن هن جي دور ۾ وري هن جو هيو. سنگت لاءِ، جيري خاطر ٻڪري ڪهڻ وارن منجهان هيو. گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ ته پري جي ڳالهه، سر اڌيءَ تي رکڻ وارو هيو. گهر ۾ رهائڻ، مانيون پچرائي ڪارائڻ، هنڌ ڍوئي سمهارڻ جو بندوبست ڪرڻ، ويندي هٿن ڏوٿارڻ تائين به پنهنجي سر ڪندو هيو. ايڏو ملنسار ۽ هٿ-ڦاڙ جو جهڳي تي ٽانڊو. همين ياران بهشت، همين ياران دوزخ، جو عملي مثال هيو. نه سنگت ۾ حساب رکيائين، نه سنگت جون بي-وڙايون دل ۾ ڪيائين. سنگت جا سڀ سور، ڪلندي سٺائين. ڪنهن جي ڏنل ڏنڀ جو ڪنهن کي به ڏوراپو به نه ڏنائين.

سوجهرو رسالي ۾ جڏهن، منهنجي ڪتاب "ورجيسون" ( Idiomatic Phrases) جون شروعاتي قسطون ڇپيون ته مٿن تنقيد پڻ ٿي. هڪڙي نئين نالي واري شخص، جنهن جو نالو نذير احمد سومرو هيو. خطن جي صورت ۾ ٽيڪاٽپڻي ڪئي هئي. خبر نه پئي پئي ته اهو نذير احمد سومرو وري ڪٿان جو آهي. البته رشيد ڪٽپر ٻڌايو ته، سومرو صاحب پروفيسر آهي ۽ پير جو ڳوٺ، نئون ديرو جو آهي. نئون ديرو ڪاليج جو پرنسپال به رهيو آهي. هن وقت اهو رتوديرو ڊگري ڪاليج ۾ پاڪستان اسٽڊيءَ جو پروفيسر آهي. ملاقات ڪرائڻ لاءِ چيائين پر موقعو نه ملي سگهيو. هڪ ڏينهن سندس پيءُ جي وفات جو ٻڌايائين. هلڻ لاءِ چيومانس ته به موقعو نه ملي سگهيو. آخر ڪيس ڇپيل ڪتاب ڏنم ته پروفيسر کي تنقيد لاءِ ڏي ته انهن تي به لکي.

پروفيسر ڏي ڪتاب ڏياري، مون پنهنجي ڪتابن بابت اپياس جا ڄڻ دروازا بند ڪري ڇڏيا. ڪيس ڪتاب ته مليا پر مٿن تنقيد نه لکيائين. هڪ ڏينهن فيض جي ڪتابن واري دڪان تي ٻئي ويٺا هياسين. اتين جيئن روز ڏنلن کي ڏسبو آهي ۽ وري احترام ڪبو آهي، تيئن احترام ڪيوسين. نه ڪيس خبر ته مان وهاب سهتو آهيان ۽ نه وري مون کي خبر ته منهنجي پر ۾ ويٺل ڊگهو مڙس ڪو پروفيسر نذير آهي. اوچتو محمد علي پٺاڻ اتي اچي نمودار ٿيو. ٻنهي کي گڏ

پر هڪ ـ ٻئي کان اڻ ـ ڄاڻ ٻيٺل ڏٺائين تہ يڪدم پروفيسر کي چيائين: ”هيءُ آهي انجنيئر عبدالوهاب سهتو جنهن جي ورجيسن تي توسوجهرو ۾ تنقيد ڪئي آهي.“ محمد علي جي لفظن تي مون ڪنڌ ڪڍي، ان شخص ڏانهن ڏٺو جنهن سان هن منهنجو تعارف ٻئي ڪرايو تہ يڪدم مٿان مون ڏي مخاطب ٿيندي چيائين: ”هيءُ اٿئي اهو نذير سومرو صاحب، جنهن تو واري مضمون تي سوجهرو ۾ تنقيد لکي اٿئي.“

اسان ٻنهي جي اها پهرين ڇڻ باقاعده ملاقات هئي. نہ ٿڌي تي گڏ ويٺاسين ۽ نہ تڪلف ۾ پئجي ڪا چانهہ گڏجي پيتيسين. پر دل جي ڳالهہ دل ۾ رکي موڪلائي وياسين.

هڪ ڏينهن ساگر بوڪ ڊيوءَ تان ٻارن لاءِ ڪجهہ ڪتاب يا ڪاپيون وٺي، جيئن جيپ وٽ پهتس تہ پوسٽ آفيس واري پاسي کان پروفيسر نذير پئي آيو. ڏسندي ئي، هجائتن دوستن وانگر چيائين: ”واهہ سائين واهہ! ملوئي ڪو نہ ٿا. الائي ڪاٿي آهيو؟“

”ڇگو ويهہ گاڏيءَ ۾ تہ ملون ٿا!“ گاڏيءَ ۾ ويهندي، سندس لاءِ دروازو کوليم.

”ڪاڏي هلڻو آهي؟“ گاڏيءَ ۾ ويهندي ئي سوال پڇيائين.

”جاڏي توهان کي ڪم هجي تاڏي ٿا هلون!“

”بورڊ جي آفيس ۾ ٿورو ڪم آهي. پهرين اتي هلڻو آهي.“

بس پوءِ، ڪنهن ٽئين ماڻهوءَ جي ڇڻ ضرورت نہ ٿي. سندس حياتيءَ تائين ساڳيو رستو رهيو. سندس حياتيءَ ۾ منهنجا ٽي ڪتاب: ’ورجيسون‘، ’موزون آڪاٽين تي مشتمل پهاڪا ۽ چوڻيون‘ ۽ ’اترادي پهاڪا ۽ چوڻيون‘ ڇپيا. تن سمورن جا مهاڳ پاڻ لکيائين.

عاشق منگي صاحب سان منهنجي وابستگي تڏهن ٿي، جڏهن پروفيسر کي هيءُ جهان ڇڏئي چاليهارو ڏينهن ٿي چڪا هيا. سندس ياد ۾ لطيف نظاماڻي هال ۾ تعزيتي پروگرام رٿيو ويو هيو. عاشق منگي صاحب، نئون ديرو کان آيل هيو. هڪٻئي جا ڏٺل تہ هياسين پر ڄاتل سڃاتل ۽ اوتل پوتل نہ هياسين. مون کي البتہ دل ۾ الائي ڇو اهو خيال آيو تہ هيءُ بہ پروفيسر جو دل گهريو دوست آهي. حالانڪ ان وقت نہ مونکي عاشق منگي عرف عبدالغنيءَ جو نالو پئي آيو ۽

سائين نئون ديرو جي تاريخ، جاگرافيائي تغيرات، سماجي اٿل پٿل، سياسي اثر اندازيءَ، ادبي اوسر، علمي مشاغل، شعرو شاعريءَ جي شغل ۽ شغف، نوڪرين جي پرمار، دوستين قرابتن، واهن واهڙن، زراعت ۽ معيشت تي خوب قلم وهايو آهي.

حالانڪ هن ڪان اڳ، نئون ديرو (نوان پراڻا ورق) ڪتاب ڇپجي چڪو آهي. ان جي پنهنجي هڪ جداري حيثيت آهي. جڏهن ته هن ڪتاب جو پنهنجو معيار تاجي پيٽو ۽ ڪارج آهي. جيڪو هن دور جي پڙهندڙ ڪي ته يادگيرا ڏياريندو پر آئنده نسل لاءِ پڻ راهه عمل ضرور متعين ڪندو.

انجنيئر عبدالوهاب سهتو

لاڙڪاڻو.

٠٨-٠٣-٢٠١٢

# هم-ڪلاسيءَ جو وڏو ڀاءُ

منهنجي هم-ڪلاس ۽ هم-عمر، مشتاق علي منگيءَ جي وڏي ڀاءُ، عاشق منگي صاحب سان اٽڪل ٢٥ سالن جي ڏيٹ ويٽ ۽ سنگت آهي. مشتاق ته هينئين درجن ۾ پڙهڻ ڇڏي ويو هيو پر ساڻس ۽ سندس ڀائرن سان اها ساڳي دوستي ۽ محبت برقرار پئي هلي. ادبي ڪتابن پڙهڻ ۽ خريد ڪرڻ جو ته مون کي ننڍپڻ کان شوق رهيو آهي. جنهنڪري پنهنجي ڪاتي جي دوستن ۽ ڪليگس کان علاوه، ٻين حلقن جهڙوڪ ادب دوست، سماجي شخصيتن، سياسي شخصيتن وغيره سان اٿڻ ويهڻ ٿيندو رهي ٿو. ائين عاشق منگيءَ سان اٿڻ ويهڻ جي ڪري، سنڌي ادب جي مطالعي جو شوق اجا وڌيڪ پيدا ٿيو.

سائين عاشق منگيءَ جو ننڍپڻ ته مسوديري ۾ گذريو جڏهن ته جواني ۽ جوڀن نئون ديري منجهه اچي گهاريو اٿائين. ڪلمڪ ماٺهو آهي، جنهن ڪري ساڻس ملڻ ۾ ڪا اوپرائپ محسوس نه ٿيندي آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته هر

# جو جيءَ اندر آيم

مسوديري اندر جنهن خاندان ۾ منهنجي اک کلي، ان ۾ چار فائنل پاس استاد هئا. پنجون سئوٽ عبدالرزاق منگي، پهريون انگريزي پڙهيل، انگلش ٽيچر، ٽيون جيڪو بعد ۾ ايريگيشن ۾ اڪائونٽس ڪلارڪ بڻيو. بابا ۽ ٻيا پورهيت هاري ۽ پنهنجي ڪرت ڪندڙ هئا. 1947ع ڌاري بابا ننڍڙو هٽ کوليو هو.

چاچا عبدالڪريم ۽ چاچا عبدالمجيد، 35_1934ع ڌاري استاد ٿيا. جڏهن ته چاچا عرض محمد ۽ سئوٽ غلام عباس 1950ع کان پوءِ استاد ٿيا.

جڏهن 1986ع ۾ لاڙڪاڻي ڊگري ڪاليج ۾ داخلا ورتم ته ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، چاچا مرحوم عبدالڪريم منگيءَ لاءِ پڇيو هو. چاچا عبدالڪريم 1957_1956ع ۾ وفات ڪري ويو هو. هو قاضي عبدالحئي "قائل" جو پڳ مٽ يار هيو. سائين قاضي صاحب، منهنجو پڻ استاد هيو. سندس پٽ قاضي مقصود گل، منهنجو ۽ سئوٽ بشير احمد جي واسطي وارو آهي. سائنس ادا

بشير جي اچ بہ ساڳي پٽ برادري آهي.

چاچا عبدالڪريم ڳوٺ جي اسڪول ۾ فائنل جي تياري ڪرائيندو هو. ياد رهي تہ سنڌي فائنل 1962ع ۾ ايوب خان ختم ڪري، پنجين جماعت کان پوءِ ڇهين ڪلاس کان انگريزيءَ ۾ داخل ٿيڻ جو رواج وڌو هو.

چاچا عرض محمد، اسڪول ۾ منهنجو نالو عاشق حسين لکرايو هيو، جڏهن تہ گهر اندر ماڻهن ۾ ڳوٺ مسوديري منجهہ عبدالغني آهيان. چاچا ۽ سوٽ، منهنجا استاد بہ هئا، تنهن ڪري هميشہ کين "سائين" ڪري سڏيندو هوس.

محمد قاسم سومرو رٽائرڊ استاد هيو. سائين الله رکيو جت بہ پرائمري اسڪول جو استاد هيو.

سيني استادن جا صاف سٿرا ڪپڙا، چڱو ڪاڏو پيتو ۽ ڳوٺ ۾ عزت ڏسي، مان بہ سوچي ڇڏيو هو تہ "ماستر" ٿيندس. ٻيا ماستر لفظ تي خفا ٿيندا آهن، پر هن لفظ کي "Master" طور سمجهندو آهيان. ايوب خان ڪتاب لکيو هو: Friends not masters شاهجهان بہ قيد دوران پنهنجي پٽ اورنگزيب کان ٻار پڙهائڻ لاءِ گهريا هئا، جنهن تي کيس دڙڪو ڏئي چيو هيائين، :اجا بادشاهي خيال نہ مٽيا اٿئي." ٻهرين ڀڳهار 150 روپيہ 1971ع ۾ ملي هئي. ائين منهنجا نٽ ٿي ويا هئا.

گهر ۾ سائين عرض محمد وٽ ماهوار اخبار تعليم، نئين زندگي ۽ روح رهاڻ ايندا هئا. بعد ۾ نئون ديري مان تہ ماهي مهراڻ ۽ ٻيا ڪتاب خريد ڪري پڙهندو هوس. ڪهاڻين جا ڪتاب مزو ڏيندا هئا. آهستي آهستي سائين جي ايم سيد جي ڪتابن، اياز جي شاعري، ابراهيم جويي جي مهاڳن ۽ مضمونن، سراج ميمڻ جي "رتيءَ جي رهاڻ"، مولانا غلام محمد گرامي، پليجي صاحب جي لکڻين ڏاڍو متاثر ڪيو. سمجهہ ۾ نہ ايندو هو تہ سنڌي ڪتابن تي بندش ڇو ٿي پوي ۽ سرڪار طارق اشرف (سهڻيءَ جي ايڊيٽر)، عبدالواحد آريسر ۽ ٻين کي گرفتار ڪري جيل ۾ ڇو ٿي وجهي. ڪورسن تي رکيل شاهہ جي شاعري تہ پڙهيل هئي پر جڏهن پيغام لطيف وغيره جهڙا ڪتاب پڙهيا تہ "مارئي" واري محبت سمجهہ ۾ آئي ۽ عمر سومري جا ظلم، قيد ۽ بند کي سمجهڻ، حق ۽ ناحق، ڪوڙ ۽ سچ ڏسي، سوچڻ ۽ جيئڻ جو انداز بدلجي ويو. ائين سنڌ جي ليڊرن ۽ ڪارڪنن، دانشورن ۽ شاعرن لاءِ عزت ۽ احترام وڌندو رهيو. صوفي ڪلام جو مڪڙو آهي "آءُ وڪاڻل، ملهہ اويار، آهيان اصل خريد انهن جي."

سنڌ اسيمبليءَ قرارداد پاڪستان پاس ڪرايو هيو جيڪو اڄ به هر سال سرڪاري سطح تي ملهائجي ٿو سو ته عمل ۾ ڪو نه آيو. موڙگو 1971ع ۾ مغربي پاڪستان جي حڪمرانن، اوير پاڪستان تي فوج چاڙهي، کين "بنگلاديش" ٺاهڻ تي مجبور ڪيو. اڄ به ساڳيو نمونو آهي. اصغر خان لکي چڪو آهي ته "تاريخ مان ڪجهه ڪو نه سکيوسين....؟ ساڳيا هاٿيءَ وارا ڏند آهن. رڳو عوام، عوام چوٽو آهي، باقي ڪرٽو اهو ڪجهه آهي جيڪو 70 سيڪڙو ماڻهن جي خلاف آهي.

منهنجا راڻا، منهنجا هيروز اهي جوڌا جوان، پوڙها، دانشور، اديب ۽ شاعر ٻڌيا، جن سنڌ جي تاريخ، ڪلچر، ٻولي ۽ اقتصادي وسيلن تان هٿ نه کنيو آهي. جن جو بنياد شاهه عنايت شهيد، مخدوم بلاول، سورهيه بادشاهه، شهيد الله بخش سومرو، هيمون ڪالاڻي، حيدر بخش جتوئي، سائين جي ايم سيد ۽ فاضل راهو وغيره رکيو. ڪيترن نوجوانن زندگيءَ تان هٿ کنيو. توڙهي ڦاٽڪ وارو واقعو ۽ نذير عباسيءَ کي پلا ڪير وساري سگهي ٿو؟

پروفيسر نذير احمد سومري، پنهنجي عمر جي آخري سالن ۾ لکڻ شروع ڪيو. نه ته هو به مون وانگر ڪتابن جي پڙهڻ تائين محدود هيو. سندس اردو ادب جو مطالعو مون کان گهڻو هو. جڏهن ته مان سنڌي ادب تائين محدود آهيان. سو به مختصر. عربي ۽ فارسي به ڪو نه اچي. سندس وفات کان پوءِ انجنيئر عبدالوهاب سهتو صاحب مون کي لکڻ لاءِ چيو ۽ انجنيئر رشيد احمد ڪٽپر همٿايو. ياد رهي ته منهنجي حلقي ۾ پروفيسر غلام حسين ڪٽپر ۽ رشيد صاحب، گهڻا ڪتاب خريد ڪرڻ وارن مان آهن. عبدالغفار تبسم صاحب چيو ته مسلسل لکندو رهه. اهڙيءَ طرح عنايت ميمڻ صاحب کان به صلاحون ورتيون.

ڊاڪٽر خليل احمد شيخ ۽ بدر ڏامراهه صاحبن، باقاعدي وقت ڏنو. عبدالخالق ڪنڌر ته روزانو ڪچهري ڪندڙن مان آهي. سڀني جي تعاون ۽ صلاحن سان جيڪو مون لکيو اهو ئي هتي پيش آهي. ادبي ٻولي نه آهي، سادي سمجهه ۾ ايندڙ سنڌي آهي.

پهريائين انعام عباسي صاحب "نئون نياپو" ۾ قسطوار مواد ڇپيو. "افيئر" ۽ عبرت مئگزين وارن به جاءِ ڏني. سڀني دوستن ۽ ادارن جا احسان. نئون ديرو متعلق هتي ڏنل مواد، اڳ کان متي اڻ ڇپيل آهي.

منهنجي سادگيءَ کي نظر ۾ رکي، خيالن تي غور ڪجو. هتي سينڌ ۾ مارئي ڳايل آهي. مرحوم علي احمد بروهي چوندو هو: "هتي ادب ۾ ڪا به نئين ڳالهه نه

آهي، صرف ورجاءُ آهي. " هنن لکڻين ۾ منهنجي اکين جا ڳوڙها، جگر جو رت ۽ روح جون رڙيون شامل آهن. سنڌ، آهُن ۽ دانهن، ذلتن ۽ ظلمن کان سواءِ، ٻيو ڏنو ٻـ ڇا آهي؟ ڇڻ اها ئي اسان جي تاريخ ۽ مقدر آهي. نئون سج، نوان مسئلا کنيو ٿـو اچي.

ڪافي ڳالهيون ۽ دوستن جو ذڪر رهيل آهي. حياتي رهي تـ وڌيڪ لکبو. سنڌ آهي تـ اسان بـ آهيون.

پيئي جا پريات، سا ماڪ مَ ڀانيو ماڻهو نئا،
روئـي چـڙهـي رات، ڏسـي ڏکـويـن کـي.
(مخدوم نوح)

ڏينهان ڏورين ڏٿ سين، راتيان ڪن رهاڻ،
عمر! تنين ڪاڻ، منهنجو روح رڙيون ڪري
(شاهه)

انجنيئر عبدالوهاب سهتو صاحب، منهنجي ڪن آرٽيڪلس کي انٽرنيٽ تي رکيو سڄو مواد، ليپ ٽاپ ذريعي ترتيب ڏيڻ ۾ محنت ڪئي. مون کان اڪيلو ڪجهه ڪونـ ٿئي ها، الله جـ ڪيس اجر ڏيندو.

عاشق حسين منگي

# راهون، رستا ۽ دوستيون

ڳوٺ مسوديري ۾ رهندي، هن شهر سان منهنجو لاڳاپو ننڍپڻ کان رهيو آهي. بابا مرحوم کي مسوديري ۾ دوڪان (هَٽُ) هوندو هو انُ ڪپائڻ لاءِ رتيديري جي بجاءِ نئين ديري اچبو هو ڇو تہ ان جو اگهہ رتيديري بجاءِ نئين ديري بهتر ملندو هو ان جو سبب اهو هوندو هو جو رتيديري شهر کي ريلوي اسٽيشن نہ هوندي هئي. نئون ديرو ۾ شاهنواز ڀٽو ريلوي اسٽيشن هئڻ ڪري انُ موڪلڻ ۽ سامان آڻڻ ۾ وڏيڪ سهولت هوندي هئي. ان وقت روڊن جو ايترو چار نہ هوندو هو. رتوديرو ۽ نئون ديرو کي 8_10 فوٽ سنگل روڊ جي پٽي ملائيندي هئي. روڊ جي ڪاٻي ۽ ساڄي گاڏين لاءِ ڪچو رستو هوندو هو. ساريون ٽي آني سير يعني سادي ستين روپين ۾ مڻ وڻبيون هيون ۽ اٽن ڪان نون روپين تائين مڻ وڪرو ڪبيون هيون. هفتي ۾ ٻہ چار گاڏيون انَ جون گڏ ڪري، نئين ديري وڪڻڻ ۽ اتان گاڏيون سودن جون ڀرائي ڳوٺ موٽبو هو. هڪ دفعي بابا مون کي گاڏي تي ويهاري، پاڻ سان گڏ نئين ديري وٺي آيو هو. مونکي ياد ڪونهي پر پوءِ بہ سمجهان ٿو تہ اهو

1956_57ع جو زمانو هوندو. امن جو زمانو هوندو هو. ڦر وغيره جو پڻُو ڪو نہ هوندو هو. مونکي ياد آهي تہ جڏهن اسان جي ان جون گاڏيون "منٺي واري مقام" وٽ پهتيون تہ اجا وڏو آسرُ هيو بابا پين کي چيو تہ "ڏاڍو سوير نڪتا آهيون. شهر ئي نہ ڪلندو تہ هلي نئون ديري پهچنداسون." منٺي واري مقام وٽان وسند شاخ گذرندي هئي جيڪا اڄ بہ اتي موجود آهي باقي روڊ جي اوير ۾ اولهہ طرف گهاٽيون ليون هونديون هيون. پري کان اهي بيلي وانگر لڳنديون هيون. پٽن صاحبن جو اهو شڪار گاهہ هيو.

ان وقت مان روڊ جي اوندهہ ۾ لين ۾ چمڪندي ڪافي ٽانڊاٽا ڏسي خوفزده ٿي ويس. بابي کان پڇيم تہ ڇا اهي جن آهن؟ هن چيو تہ ڊڄ نہ اهي ٽانڊاٽا آهن پوءِ بہ ٿي پڪڙي ڏنائين. ڪاري جيٽ جي آخري حصي مان اها روشني ائين نڪري رهي هئي جيئن هوائي جهاز جي رات جي وقت آسمان ۾ روشني ڏسڻ ۾ ايندي آهي. ائين پيا ڪيترا قدرت جا عجيب نظارا منهنجي روح جي راحت بڻجي پوندا آهن.

"وسند" "وسڻ" شاخ وارو ڪير هو؟ "منٺو" ڪير هو؟ جنهن جي نالي سان مقام مشهور هئا. تاريخ ۾ ڳولهڻ ۾ ماڻهن کان پڇا ڪرڻ تي ملي ويندا ڪو نوجوان محقق ڳولهي تہ سڀ ڪجهہ نروار ٿي سگهي ٿو. هونءَ بہ آسپاس پير جيوڻ ۾ فتح شاهہ وغيره قديم قبرستان آهي. اجتماعي قبرون ۾ پين آثارن مان لڳي ٿو تہ هتي هي علائقو بہ جنگ جو ميدان رهيو آهي. آباد پٽو کان ۾ وارهہ بئريج جي وچان هڪ ڪچي سڙڪ گذرندي هئي ان کي "قنڌاري سڙڪ" سڏبو هو. اها سڙڪ سالار پٽي ۾ ڳڙهي ياسين کان شڪارپور ويندي هئي. بنگل ديري ۾ خيري ديري کان وچان ئي وچان ميرو خان واري روڊ سان ملي قمبر شهدادڪوٽ ۾ بلوچستان جي شهرن تائين اهو رستو ويندو هو. هي صرف ٻڌ ـ سڌ آهي، ريسرچ نہ آهي. هي ڏاڍو ڏکيو ۾ محنت طلب ڪم آهي.

منٺي وارو مقام تباهہ ٿي ويو آهي، پٽو صاحب مرحوم جڏهن پرڏيهي وزير هيو تہ ايوب خان هتي شڪار لاءِ آيو هو. نئين ديري بنگلي ۾ رهيو هو. نوڪرن واتان ڪيئي ڳالهيون پوڙهن شهرين جي سينن ۾ سڙي خاڪ ٿي ويون آهن، جيڪي سينہ بہ سينہ منتقل تہ ٿينديون آهن پر ڪتابن ۾ اهي ڳولڻ سان بہ نہ لڀنديون آهن. شهر جو سينئر بزرگ شهري "حاجي لوهر" هن شهر جي گهمندڙ ڦرندڙ تاريخ آهي. (هن جو نالو حاجي غلام رسول عباسي آهي).

پٽي صاحب جي ڪمدارن ۾ ڪارائن ڪچي مان تترن جون نوڪريون

پرائي گهاٽين لين ۾ لڪل ماڻهن مهمانن جي ويجهو اچڻ وقت، اهي تترن کي اڏائن پيا، ائين VIP تتر ڪيرائي، شڪار مان تسڪين ماڻين پيا ۽ صحيح نشانو وٺي فائر ڪري "داد" وٺي رهيا هئا. سنو ٽوپچي ان کي سڏيو ويندو آهي جيڪو ٻن، مختلف طرفن ڏانهن اڏامندڙ ٻن تترن کي ڊبل بيرل سان ڪيرائي. صرف سيڪنڊن جو فرق ٿيندو آهي. شڪار جي هل هنگامي ۾ انهن جو مزو آهي. هيءَ ايريا ۾ مقام خانبهادر احمد خان مرحوم جو چيو وڃي ٿو جيڪو پنٺي صاحب جو سهرو هو.

هاڻي جتي سبزي مارڪيٽ ۾ ميونسپلٽيءَ جو شاپنگ سينٽر ٺهيل آهي.. جتي بوٽ پالش وارا "لالا" ويٺل آهن. رستي جي اولهه ۾ سڪندر علي ڪٽپر جو دوڪان، نانڪ رام جي انَ جي واپار جي ڪوٺي ۽ نيڪ محمد پنٺي مرحوم وارن جو ڪارخانو ۽ اَنَ جا دُوڪان هوندا هئا. اتر طرف مورين جو شاپنگ سينٽر جيڪو بعد ۾ ٺهيو ان جي ڏکڻ ۾ اتر، وچ ۾ تڪندبو پلاٽ هوندو هو. اندر چپر ۾ پوٽا هوندا ها. جتي سنڌ ميڊيڪل اسٽور آهي اتي دوڪان ٺهيل هوندو هو. مرحوم گلشن علي سومري اهو مسواڙ تي وٺي هوٽل کوليو هو. هو هاءِ اسڪول جو استاد هيو. ڪپڙن ڌوئڻ ۽ استريءَ جو دوڪان بہ هوندو هين. سندس صاف استري ٿيل ڪپڙا، چمڪندڙ بوٽ، چاپٽين ڏاڙهي ۽ وڻندڙ گفتگو منهنجي واسطي ۾ اچڻ کان اڳ ئي ڏاڍي وڻندي هئي. ان جي هوٽل جي پرسان روزانو ايندي ويندي گذريو هو. سانوڻ جو چپر تي رونق لڳي پئي هوندي هئي. ٿڌا شربت، ملايون، فالودا ۽ ٿڌا پاڻي وٺندي چوڌاري رستن کان اچڻ وڃڻ جا نظارا پسبا هئا. هوڏانهن سائين گلشن جا هلايل لتا، رفيع، مڪيش، طلعت ۽ آشا جا چونڊ گانا، ٿڌا ساهہ ۾ عشق ڪرڻ جي ترغيب ڏيندا هئا. ڏهين يارهين کان پوءِ پنل رات جو مدهوشيءَ وارو عالم سامهون هوندو هو. جن وٽ ٽائيم نہ هوندو هو تہ ڪيبن نما دوڪانن تان پنهنجون ضرورتون پوريون ڪري، گهر ڏانهن راهي ٿيندا هئا.

سائين گلشن مرحوم جو اٿڻ ويهڻ جو پنهنجو مخصوص انداز هوندو هو. منهنجي عمر گذرڻ سان سيني سان دعا سلام برقرار رهي. مرحوم جي هوٽل تي عادت هوندي هئي تہ آخر ۾ گانا بند ڪري، هوٽل جا ٽانوَ ٽڦا صاف ڪرائڻ وقت صرف قوالي هلائيندو هو. ماري وجهوس جو هڪ دفعو قوالي هلائڻ کانپوءِ گانا هلائي. توحيد ۽ رسالت واري قوالي ڇڏي، گانا هلائڻ "ڪبيره گناهہ" سمجهندو هو.

هاءِ اسڪول نئين ديري ۾ بدلي ٿي آيس تہ محمد سومر بلوچ سان بہ

ويجهڙائي ٿي. هي صاحب خاموش طبيعت، مطالعي جو شوقين، ذهين ۽ پنهنجي خيال رکڻ وارو ايماندار استاد ۽ آفيسر رهيو آهي. اڄ ڪلهه رٽائر آهي ۽ پوءِ بہ ”وقار ۽ سُڪون“ هن جي چهري مان عيان هوندو آهي. عبدالرشيد پٺي بہ هن جو پراڻو دوست ۽ پاڙي جو هيو.

مرحوم گلشن سان اسڪول ۾ ڏاڍيون ڪچهريون ٿيون. ويٺي ويٺي چوندو هو”مري ويندي منڙا، ٻاڙو ڪنهن سان نہ ٻول.“ هن جون رومانٽڪ ڳالهيون ٻڌي منهنجو وجود ”تانبن وانگر“ ٽڪاءُ ڏيندو هو. مان خشڪ مزاج ماڻهو ضبط ٽٽي پوندو هو. وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي کلندو هيس. جيئرو هجي ها تہ هن جون ڳالهيون کولي لکڻ ۾ مزو اچي ها. چوندو هو ”منگي ڇاوا آهيون گهنڊن ۾ پيا آهيون، قبر ۾ بہ اهي ئي گهنڊ هوندا الائي ڇا؟“

نئين ديري جي هڪ ئي بازار آهي. ناروءَ واري چونڪ کان اتر طرف عيد گاهہ روڊ ويجي ٿو. محمد پناهہ جي پڙي کان اوير طرف بزار هلي ٿي ۽ مشتاق منگيءَ جي جنرل اسٽور جي مٿان اتر ڏکڻ ڏانهن رستو مُڙي ٿو. سڌو کهڙن واري محلي ڏانهن بہ رستو ويجي ٿو. بزار جي آمهون سامهون هندن ۽ مسلمانن جا دوڪان آهن. حڪيم سعد الله شيخ مرحوم جي اسپتال ۽ مسجد بہ شروعات ۾ آهي. هتي ”پاڪستاني“ پٺن سان دوڪان هلائيندو هو ۽ پاڪستان نلڪن وارو مشهور هيو.

جڳي مل سوناري (هاڻي سندس پٽ پاڳو مل) جي دوڪان کان مٿي چاڙهي چڙهجي ٿي تہ ”گوپالي مل“ وارو چونڪ اچي ٿو. هاڻي اهو نمر چونڪ سڏجي ٿو. اتان وري اولهہ کان اوير ڪپڙي بازار شروع ٿئي ٿي ۽ هن مان وري لنڪ گهٽيون نڪري مختلف رستن سان وڃي ملن ٿيون.

ڪپڙي بازار سوڙهي ۽ ڍڪيل هوندي هئي. اڄ بہ گرمين جي مند ۾ هنن دوڪانن تي وڪرو گهٽ ۽ ڪچهري گهڻي ٿيندي آهي. خاص طور تي منجهند کان پوءِ واري وقت تي رهاڻيون ۽ چرچا وغيره هلندا آهن.

ڪپڙي جي دوڪانن ۾ مرحوم محمد سليمان کهڙو، حمزه علي کهڙو، فقير محمد عيسيٰ مرحوم، بخشل منگي مرحوم، سيتل مل وغيره جا دوڪان هوندا هئا. عبدالمجيد ۽ الله يار مرحوم جو مجيار جو دُڪان جيڪو سندن وارث هلائي رهيا آهن ۽ ٻين دوڪانن تي بہ انهن جو اولاد ڪاروبار ڪري ٿو. غلام مصطفيٰ ڏاهاڻي جيڪو جهيڙن جي ڪري لڏي ويو. غلام مصطفيٰ ٽگڙ مرهيات کي بوٽن جو دوڪان هوندو هو. عاشق علي، الله ڏنو ۽ منظور علي ميراڻيءَ وغيره جا درزڪا

دوڪان هوندا هئا. هنن جو اولاد ۾ منظور علي ميراڻي اڄ بہ اُتي آهن.

ٺاڪو مل جو مجيارڪو دوڪان، استاد علي خان جي سيلون ۾ اتل مل جو ٺاهوڪو ڪرياني جو دوڪان هوندو هو. اسان ان کان سودو وٺندا هئاسين.

هدايت الله پنجابيءَ ڪي هلر ۾ اٽي پيهڻ جي مشين هوندي هئي. هڪڙي گهٽي کھڙن جي مسجد ڏانهن وڃي ٿي ۽ ٻي گهٽي اتر ڏکڻ طرف، جتي لعل ڪٽيءَ جو ڪپڙا استريءَ ڪرڻ جو دوڪان هوندو هو اها ٻن حصن ۾ ورهائجي گرلس هاءِ اسڪول ۽ پرائمري اسڪول جي روڊ ۾ وڃي پوي ٿي. هن گهٽيءَ جي وچ ۾ سونارن جا دوڪان هوندا هئا.

لعل ڪٽي، منظور علي ميراڻي ۽ نظر محمد منگي، جي ٽوپن ۾ مجيار واري دوڪان تي ڪچهريون ڪبيون هيون. غوثل ميراڻي، سڄڻ ناريجو جبل ٽڳڙ رستم ۽ منظور علي ميراڻي وغيره ڪچهريءَ جا دوست هوند اهئاسي. اتي ويٺي هر ڪنهن جون ڪسيون، ٽڪيون ڳالهيون ٻڌي وٺبيون هيون. ننڍڙو شهر هو هر شيءِ جي ڄمڻ ۽ مرڻ تائين سينہ بہ سينہ هوا وانگر ڳالهہ هر ماڻهوءَ تائين پهچي ويندي هئي.

لنڪ گهٽيون سڄي شهر کي ملائينديون آهن. ڪرتين، ميراڻين ۽ ڪٽپرن جا محلا، قاضين، کھڙن، سيدن ۽ هاءِ اسڪول وارن ميمڻن جا گهر ۽ هندن جا پاڙا الڳ الڳ آهن. بعد ۾ وڌندڙ آباديءَ جي ڪري جنهن کي جتي جاءِ ملي اهو اتي گهر ٺاهي ويهي رهيو. ذاتين ۽ برادرين وارو تصور هاڻي گهٽجو پنتي هليو ويو آهي.

ڪپڙي بازار ۾ دين محمد درزيءَ ۽ استاد نبن جو درزڪو دوڪان هوندو هو. ٻيا بہ ڪيترائي ننڍا وڏا دوڪان هوندا هئا.

هي ڳالهيون لڳ ڀڳ ٽيهن- چاليهن سالن تائين ڦهليل آهن. دل ٿي چوي تہ ڪن ڳالهين جو تفصيل لکان، مثلاً:

1. گوپالي (گوپالداس) وارو چؤنڪ
2. ور وڪڙ گهٽيون
3. خفيہ گهٽي

## گوپالي وارو چؤنڪ:

سرڳواسي گوپالداس کي ڪرياني جو دوڪان هوندو هو. دوڪان ٻن حصن ۾ ورهايل هو. اندر هڪ مشين لڳل هوندي هئي، جتي سيٺ "چدي" واريون

بوتلون ۾ منيون بوتلون تيار ڪندو هو. چدي واري بوتل ۾ تيز سوڊا مليل هوندي هئي. جيڪا گرميءَ ۾ پيٽ جي سور کان پيئبي هئي. هن جو ذائقو تيز ۽ ڪجهه ڪڙو هوندو هو. ان کي چدي واري بوتل ان ڪري سڏبو هو. جو بوتل کي اٿر ٽائيٽ چدي سان ڪبو هو هن جي پيئڻ سان وڏيون وڏيون اوڳرايون ايندڙيون هيون ۽ ماڻهو فرحت محسوس ڪندو هو. ان زماني ۾ هاڻي واريون بوتلون ڪونه هونديون هيون. گرمين ۾ هٿ سان ٺاهيل ملائي ۽ هٿ سان ٺاهيل شربت وڪرو ٿيندا هئا. شربت گلاب ۽ صندل وغيره شيشن جي گلاسن ۾ برف سان ملندا هئا. ليمون، اسپنگر ۽ ٽاڊل جو اگهه گهٽ هوندو هو.

هن چونڪ جي جوڙجڪ ڏسي مون کي سکر جي نمر واري چاڙهي ۽ معصوم شاهه جو منارو ياد پوندا آهن. اهي چاڙهيون نيچرل ۽ ٽڪريءَ تي هيٺانهين مٿانهين تي آهن پر هيءَ چاڙهي توجهه ڏئي، ٻوڏ کان بچاءَ لاءِ ٻي هنڌان مٿي آڻي باقي شهر کان مٿي ڏڙو ڪري، جايون ۽ دوڪان ٺاهيا ويا آهن. اهو سيڪجهه پلاننگ سان لڳي ٿو.

جڏهن عمر ڪوٽ مان گهمي ڏٺو ته پٽ تي بازار هئي. اتي ويهي بوتلون پيتيون هيون ۽ ڪاڏو وغيره ورتو هو. مون کي ياد آهي ته برسات جو پاڻي تيزيءَ سان هيٺاهينءَ ڏانهن لهي رهيو هو. فرش هيو ۽ مون ڏاڍو لطف ماڻيو هو. پاڪري گوشت جي ڪڙهائي ۽ گرم مانيءَ جو ذائقو مون کي اڄ به ياد آهي. اسان ٽي ڄڻا هئاسي. نئون ديري جو هي چونڪ شهر جي مرڪز ۾ آهي. پوسٽ آفيس کان هڪ گهٽي ٻن حصن ۾ ورهائجي هڪ جڳهي مل دوڪان وٽان بازار سان ملي ٿي ۽ ٻي چونڪ تي پهچي ٿي. وچ ۾ هندن جي وقف ٿيل آڪاڙو جاءِ آهي جتي هندو ڪميونٽي پنهنجن جا مسئلا حل ۽ پنچائت ڪندي آهي. سائين خوش محمد مرحوم ۽ نئون ديري جي ڀهرين پروفيسر تارا چند جو گهر به هن گهٽيءَ ۾ هو.

هن چونڪ تي سائين گل گوهر ملائي وڪڻندو هو. اُستاد محمد آچر درزي، ٿُليءَ جو هوٽل، ديوان جو مٺائيءَ جو دوڪان، امام بخش منگيءَ جي سيلون، رجب جو هوٽل، فقير محمد ميراڻيءَ جي پڙي، صابو پانن وارو سيٺ هاسو مل جو دوڪان. نذير احمد پتي جو ڪپڙي جو دوڪان، هي ٽلهو ۽ وڏي وزن وارو هجڻ ڪري ريڙهيءَ تي ايندو هو. چاچي مل کي پهريائين سبزي ۽ بعد ۾ ڪرياني جو دوڪان هو.

سيٺ هاسو مل ڪانگريسي هو. پاڪستان کان اڳ گرفتار به ٿيو هو. دوڪان سندس نوجوان پٽ هلائيندو هو. مطالعي وارو ۽ گهٽ ڳالهائڻ وارو

هوندو هو. بابا مرحوم جيڪو ان وقت حال حيات هيو ان بابت مون ڪان پڇندو هيو. منگهن لال جو پيءُ فوت ٿيو تہ هن ڪي وصيت موجب سڪر ۾ سنڌوءَ حوالي ڪيو ويو. جڳي مل ڪي پنجو ديري جي لطيف شاهہ جي صحن ۾ دفن ڪيو ويو. صوفي هندو فقير پاڻ پورائيندا آهن. سچل جي مزار تي بہ هندو پوريل آهن.

مولوي محمد اسماعيل جو ڪپڙي جو دوڪان هوندو هو. بشير اخبارن واري گهر ڏانهن اتر ـ ڏکڻ ننڍڙي سنهڙي گهٽي نڪرندي آهي. اولهہ طرف نند لعل جي گهر وٽان مڙي ڏکڻ طرف مرحو غلام نبي شاهاڻي صاحب جي گهر وٽ وڏي رستي ۾ داخل ٿئي ٿي.

گهٽيءَ جو ٻيو حصو سڌو هلي ور وڪڙ ڪائي ڏاکڻ تان هيٺ لهجي ٿو. ماڻهوءَ جي مرضي آهي تہ مڇي مارڪيٽ ڏانهن وڃي يا پير چوڏيل ڏانهن اولهہ طرف راهي ٿئي.

شاهي بازار جي حمزه علي مرحوم جو آواز پاري ۾ ٽوٽڪائي هوندو هو. وڏيري غلام رسول ٺلپوٽو جي دڪان تي حقو ضرور هوندو هو. تتر بہ پڃري ۾ رکندو هو. هو صبح جو سائيڪل تي ايندو هو. دڪاندارن سان رهاڻيون ڪندو چند ڦوڪ ڪندو جيستائين "چلم" تيار ڪري ڳش نہ هڻندو تيستائين گراهڪ کي ڪپڙو نہ ڏيندو هو. ڏاڍو پُرسڪون لڳندو هو. وڏيرو عبدالحق هاڻي پنهنجي پيءُ جي دڪان کي پنهنجي پٽن سميت سنڀالي ٿو. پروفيسر ڪٽپر صاحب سان گڏجي هاڻي هيٺ دڪان تي پلٿي ماري ڪائبو پيئبو آهي.

محمد خان سيال جيڪو اصل ۾ "پار" اڳڙا جي پرسان جو آهي. پختو شاعر ۽ ڪچهريءَ جو دوڪان هوندو هو. قاضي مقصود گل رتيديري وارو جيڪو شگر مل تي نوڪري ڪندو هو. ان جي بينڪ هوندي هئي. وڪرو ڪونہ ٿيندو هيس سائين شاعر "ادب" تي وينا متا ڪُٽ ڪندا هئا. قاضي صاحب اصل ۾ نئين ديري ۾ بنيادي ادبي لڏو قائم ڪيو. بعد ۾ مختيار گهمرو صاحب بہ گڏ ٿيس. مان ۽ غلام حسين ڪٽپر گڏ هوندا هئاسي. الائي ڇو مان ادبي ميڙن ۾ ريگولر ٿي نہ سگهيو آهيان. جڏهن بہ نئين ديري جي ادبي لڏي جو ذڪر لکيو ويندو تڏهن قاضي مقصود گل بلڪل اُبري نروار ٿي پوندو. هن جون نئين ديري لاءِ ڏاڍيون خدمتون آهن.

ڪپڙي بازار مان هڪ گهٽي جيڪا عسڪريءَ واري گهٽي سڏجي ٿي. اها بي مارڪيٽ ڏانهن وڃي ٿي. استاد علي خان جي سيلون پرسان بہ گهٽيون هندن جي پاڙي ڏانهن ڏکڻ طرف وڃن ٿيون "نام ديو" جيڪو محترمہ ۽ ٻين پ پ پ

وارن کي ويجهو رهيو ان جو گهر ان پاڙي ۾ آهي ۽ اُهو بہ متي ٽيل حصو آهي. ڏکڻ طرف بہ سنهي گهٽي آهي.

اوپر طرف کهڙن جي محلي ڏانهن ويجي ٽي ہي گهٽي جو احوال اڳ ۾ اچي چُڪو آهي.

هي سڀ ڪجهہ محبت جو انداز آهي جيڪو من کان لڪرائي ٿو ڪافي ڪجهہ رهجي ٿو. وڌيڪ تفصيل سان لکندس تہ ٻيا ڇا لکندا؟

"مومل جي ماڙيءَ کي چوڌارا چار" چوٽيءَ مطابق ننڍين سوڙهين گهٽين مان گهمندي گهمندي سنگت سان ڪچهري ڪندي مزو ايندو هو. هي ڳالهيون لکندي ائين محسوس ٿو ٿئي تہ هر شيءِ ڏاڍي تيزيءَ سان تبديل ٿي آهي ۽ آءٌ اڪيلو ڪنهن کي ڳولي رهيو آهيان. خاموشيءَ سان ڪنهن کي سڏي رهيو آهيان.

## ور وڪڙ گهٽيون:

هن قسم جون سنهڙيون گهٽيون رستن ۽ پاڙن کي ملائڻ جو ڪردار ادا ڪن ٿيون جنهن ڪري مفاصلو گهٽجي ٿو ۽ وقت بچي ٿو. پر هتي اهڙين خاص گهٽين جو ذڪر ڪرڻ جو مطلب هڪ ہي ڳالهہ ڏانهن توجهہ ڇڪائڻ چاهيان ٿو. هنن گهٽين کي ڏسي سوچيندو آهيان تہ نئون ماڻهو هنن گهٽين مان گذرند، تہ هو گهٽيءَ کي ڏسي ضرور سوچيندو تہ رستو اڳيان بند آهي. پر هلبو رهبو تہ گهٽي هڪ بہ وڪڙ ڪري اڳتي هلندي رهندي، مون کي ڪمال ڪاريگري لڳندي آهي. محترم بدر ڏامراهي سان ڳالهين ٻولهين ڪرڻ وقت، اتر سنڌ تي "گهلرن جا حملا" جو بحث ڇڙي پيو. "گهلر" جيڪي بلوچستان کان اچي "سنڌ" تي هلان ۽ ڦرلٽ ڪندا هئا.

اتر سنڌ ۾ "گهل ڙي گهل" وارو فقرو بہ ان دور ۾ گهلرن جي ڦرلٽ جي تاريخ آهي. اهڙا ٻيا ڪيترائي اصطلاح ۽ چوٽيون اسان وٽ مشهور آهن. ننڍي هوندي مرحوم عبدالغفور جلباڻي صاحب بہ تفصيلن اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون هيون. سردار "رتوخان" جلباڻي، عبدالغفور جلباڻيءَ چواڻيءَ انهن گهلرن جو مقابلو ڪندي ماريو ويو هو. سنڌ جي تاريخ سان دلچسپي هئڻ ڪري اهڙيون ڳالهيون پڙهڻ ۾ منهنجي سامهون ڪونہ آيون آهن پر سينہ بہ سينہ ٻڌل آهن، قصا گڏ ڪجن تہ چڱو مواد جڙي سگهي ٿو. منهنجي هن ڳالهہ ڪرڻ جو مطلب اهو آهي تہ گهلر جيڪي گهوڙن تي ايندا هئا. اهڙين گهٽين مان انهن جو گذرڻ ممڪن ڪونہ هو. اهڙيون گهٽيون پلاننگ سان ٺاهيون ويون آهن. منهنجي خيال ۾

ايراضي بچائڻ لاءِ نہ ڪيو ويو آهي. اهو منهنجو خيال آهي وڏيڪ الله ئي بهتر ڄاڻي. ڊامراهن جي پرسان، ڊامراهي صاحب ٻڌايو تہ هڪ وڏي ٿلهي نما ٿُل تعميل هوندو هو جنهن تي وڏي "پير" رکيل هوندي هئي جڏهن پري کان گهلر ايند اهڙا تہ اتي مقرر ٿيل ماڻهو ان پير کي زور سان وڄائيندو هو اهڙي طرح ماڻهو هوشيار ٿي ويندا هئا ۽ لاڙڪاڻي انتظاميہ تائين اطلاع پهچي ويندو هو. اهڙي طرح ترت اُهي ڦرلٽ کان بچڻ جا اپاءَ وٺندا هئا. ممڪن آهي تہ اتر سنڌ ۾ بہ هنڌ بہ اهڙا اُپاءَ ورتا ويا هجن. اهو ڪلهوڙن، ٽالپرن يا انگريزن جو دور ٿي سگهي ٿو. جنهن جي لاءِ اهو تعين ڪرڻ ڏکيو آهي. ڪو ريسرچ ڪندڙ ان موضوع تي کوجنا ڪري تہ بهتر ٿيندو.

گوپالي چونڪ تي بہ وڏيون نمون هونديون هيون. هڪ طوفان ۾ ڪِري پئي باقي هڪ بيٺي آهي. ان ڪري نم چونڪ جي نالي سان مشهور آهي. رجب عليءَ جي هوٽل تي غلام حسين ڪٽپر ۽ مان گهڻو وقت ويهي ڪچهري ڪندا هئاسين. هاڻي ڪٽپر صاحب اُتي ويهندو آهي پر مان ڪڏهن ڪڏهن ويهندو آهيان. سو بہ بلڪل ٿورو ٽائيم ويهي سگهندو آهيان. فقير محمد جي پڙي، صابو پان واري جي پڙي، نظر محمد جي دوڪان سان گڏ منظور عليءَ جي دوڪان تي ڪچهريون ڪندا هئاسين. رستم، غوثل ميراڻي، سچڻ ناريجو ۽ بيا منظور علي درزيءَ جي دوڪان تي ڪچهريون ڪندا هئاسين. هينين بازار ۾ "ڪڪي (الله ڏني ٻانهاڻي) ٻانهاڻي جي پڙيءَ تي دين محمد، سڪندر علي کوکر، ۽ پٺاڻ ٻانهاڻي وغيره سان ڪچهريون ٿينديون هيون. جيڪي بيٺيون بڌندا هئا. منهنجو گهڻو وقت مزورن سان غريبن سان گذريو آهي. هڪ جيڏن پڙهيلن سان جڏهن ٿول ٺاهي بازار مان گذرندا هئاسين تہ سيني جون نظرون اسان ڏانهن هونديون هيون. اصل ۾ جواني ديواني ٿيندي آهي ان جي هر ادا ڏسندڙ کي موهي وجهندي آهي جنهن کي ڪير بہ سمجهي ڪونہ سگهندو آهي جڏهن وقت هٿن مان واريءَ وانگر وهي ويندو آهي. تہ سڀ ڪجهہ سمجهہ ۾ اچي ويندو آهي.

نم چونڪ جي چوڌاري خوشحال هندن جا اڄ بہ گهر آهن. دوڪان مسلمانن ۽ هندن جا آهن. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ اڪثر، جايون ۽ دوڪان، اردو ڳالهائيندڙن کي مليا. لساني هنگامن کانپوءِ اُهي زمينون گهر ۽ دوڪان وڪڻي ڪراچيءَ هليا ويا. هڪ بنگالي بہ رهندو هو. ڪو ميڊيڪل ڪورس ڪيل هيس. شادي اردو ڪميونٽيءَ مان ٿيل هئس، اهو بہ ڪراچيءَ هليو ويو.

نم چونڪ جي هيٺان جتي محمد امين سومري جو دوڪان آهي اتي "گتو"

هوندو هو. جتي ٻنگ ۾ آفيم سرڪاري لائسنس تي ڪپندو هو. سامهون "بندوءَ" جي ٻيڙين جي پڙي هوندي هئي. "بندوخان" شهر جي ڪيترن نوجوانن ٻيڙي ٻڌڻ وارن جو استاد هيو. چونڪ تي رفيق پنجابيءَ کي سگريٽن جي ايجنسي هوندي هئي. عام طور تي اردو ڳالهائيندڙ مهاجرن کي پنجابي سڏيندا آهن. جن نالن سان هو شهر ۾ مشهور هئا اُهي انئين ئي لکيا آهن. ستر ۾ اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ پولو ۾ ٽينڪ سگريٽ نوان آيا هئا. اُهي سستا هئا. جن پَن جي ٻيڙين کي ڌڪ هنيو هو. وقت هر ڪنهن کي وارو ڏيندو آهي. پولو ۾ ٽينڪ ڇڪيندڙ اسان جي سامهون، ڪئپٽن ۾ گولڊ ليف ڇڪڻ لڳا. مون واري پاءَ کي جنرل اسٽور کان اڳ ٻيڙين جي مانڊي هوندي هئي. جنهن ۾ ساڙ کان ماڻهو اڄ به چوندا آهن ته ڳوٺان ڇا کڻي آيا هيوَ؟ واقعي! الله جا لک احسان آهن.

بابي مرحوم پنهنجي محنت سان پڙهايو جاءِ وٺي ڏنائين ۾ دوڪان جا پئسا به ان جي هڙ مان نڪتا هئا. اسان ڪمايو ۾ ڪپايو آهي. اڳتي به مالڪ ٻاجهه ڪندو. ڪنهن بُري ۾ ڪُڏي ڪم کان هٿ پاڪ آهن. الله اسان جي ايندڙ نسل کي به غلط ڪمن کان بچائيندو. آمين "غريبي گلزار موچاري سيگهو چوي."

## خفيه گهٽي:

درزي منظور علي ميراڻيءَ جي دوڪان کان مٿان اتر طرف گهٽي اهي. هاڻي اُتي علي لطيف ڪرٽيي جن پلاٽ وٺي جاءِ ٺهرائي آهي. اُها گهٽي اتر طرف وڪڙ کائيندي وڃي ٿي ۾ اڃي "ڪاڪي" ارباب ڪرٽيي واري مشين جي گهٽيءَ سان ملي ٿي.

ان طرف کان در به لڳل آهي. صرف جاين وارن جي استعمال ۾ اُها گهٽي آهي. ڪاڪو ارباب علي ڪرٽيو عبداللطيف ڪرٽيي جو والد آهي. هُن جو شمار ان وقت جي شهر جي چڱن مڙسن ۾ ٿيندو هو جن جي بنگلي تي چڱي هلندي پڄندي هئي. هن گهٽي کي هاڻي مان "خفيه گهٽي" سڏيندو آهيان. ساڳي گهٽي وچ مان نڪري، نم چونڪ سان اچي ملندي هئي جيڪا هاڻ بند ڪئي وئي آهي.

شهر جون ڪافي گهٽيون بند ٿي ويون آهن يا ماڻهن گهرن ۾ آڻي ڇڏيون آهن. رستا سوڙها ٿيندا وڃن. مون عمر ۾ تجربي مان سکيو آهي ته مذهب، اخلاقيات ۾ اعليٰ قدر سڀ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جون ڳالهيون آهن. عمل ان تي ٿئي ٿو ته دولت، شان شوڪت، لڳ لاڳاپا، آرام ۾ سڪون ڪيئن حاصل ڪجي.

هتن وارن ماڻهن جو پورهيو ڪونہ ڪٽندو هيرافيري ڪندڙن جو پيٽ ڀؤ ڪونہ ٿيندو. ”غيب جي ڳڌُو چوي، خبر خاوند کي“ چونڊ شاعر جي ڏرتيءَ ڇاوا ڊپريشن، منافقي ۽ بي ايمانيءَ تي لهي آيا آهن. الائي ڪاڏي ويا اعليٰ آدرش ۽ اصول! جت ڪٿ ويساهہ گهاتيءَ جو راڄ آهي. پاڻ کي اڇا ڪجهہ ماڻهو ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ ملي وڃن ٿا. باقي ايندڙ وقت ۾ چڱا ماڻهو رڙيون ڪري ٻَر منهن ڪندا، تڏهن جان ڇٽندي.

جيڪا نينهن ڳنهندي نانءُ،
سا مون جا پوندي مامري

(شاهہ)

رجب عليءَ وٽ ڇانهيون پيئندي نوجواني ڪراڙپ ۾ تبديل ٿي وئي. مون کي ياد آهي جڏهن شاگردي جي زماني ۾ هتان ٽول ٽاهي مرڪندا، ڪچهري ڪندا گذرندا هئاسين تہ ماڻهو مڙي مڙي ڏسندا هئا تہ هي غريبن جا ٻار ڪهڙي خزاني جا اوچتو مالڪ ٿي ويا آهن جو مُنهن تان مک ٿي ترڪين. جواني ديواني ۽ مستاني ٿيندي آهي. هر انسان ان سوچ مان لطف ۽ سرور حاصل ڪندو آهي.

غلام حسين ڪٽپر، جيڪو هاڻي پروفيسر صاحب ٿي ويو آهي. ساٿ ۾ هوندو هو. رجب روبي ڊسٽ ۽ ڪچي جي ڪيرن ۾ اهڙيو ڇانهيون پياريون جو اڄ بہ اُهي ياد آهن. رجب دوست ۽ ياءُ آهي. ڏک اهو آهي جو ڪن عادتن ڪري اڳي کان غريب ٿي ويو آهي. اڄ بہ ڏاڍي خلوص ۽ عزت سان ملندو آهي. الله شل! هميشہ خوش رکين.

مان سوچيندو آهيان تہ ڪائنات ۾ ”تغير“ ئي هن جي بقا جو ضامن آهي. هر ٻوٽو وڻ، جانور ۽ انسان جي نوجواني ۽ جواني، رَت ۽ پورهيو هن جي سونهن ۾ اضافو ڪندو رهي ٿو. هڪڙا پنهنجو ڪردار ادا ڪري پوڙها ٿين ٿا تہ انهن جي جاءِ ٻيا ولارن ٿا. اڄ بہ شهر جا نوجوان رنگ برنگي ڪپڙا پائي، تيل قليل ڪري، مرڪندا چرچا ۽ يوڳ ڪندا ٽول ٽاهي تلندا، لنگهندا آهن تہ منهنجو روح خوش ٿي ويندو آهي ۽ مان پنهنجي پاڻ مُرڪي پوندو آهيان. ڇڻ منهنجو پوڙهو وجود هنن ۾ اوتجي ويندو آهي ۽ پنهنجو گذريل وقت ياد اچي ويندو آهي.

مون وٽ مايوسي ڪونهي. مان لائيف جي، مثبت پهلوئن مان ڏاڍو انجواءِ ڪيو آهي. پر پوءِ بہ شاهہ صاحب جون سٽون بہ حقيقت کي تمام قريب آهن:

اڳي ايئن هياس جو پنهوءَ ڏوتم ڪپڙا!
هاڻي هيئن ٿياس جو جَتَ نہ نين، پاڻ سين.

رَهي نالو الله جو جو دائم ۽ قائم آهي. باقي هر شيءِ فنائي ڪن ۾ هليو وڃي. مون کي ماڻهن کان نفرت گهٽ ۽ محبت گهڻي آهي جنهن ڪري انسانيت ۾ اڃا ويساهه آهي.

مان پاڻ کان پڇندو آهيان "تون هن خفي ۾ ڇو پيو آهين." اندر مان آواز اڀرندو آهي، "نفرت" ۽ "محبت" جو حق ادا ڪري رهيو آهيان. لکڻ دوران، سوچڻ ۽ خيال مون کي ڏنگيندا آهن. جڏهن ڪنهن خيال کي، صحيح نموني لکڻ نہ چاهيندو آهيان تہ عذاب وڌي ويندو آهي. مان اعتراف ٿو ڪيان تہ لکڻ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي. پر نوجوانن تائين اهو پهچائڻ ٿو چاهيان تہ "ڏک" هر انسان جو مقدر آهن. اُنهن کان ڊڄي ۽ گهبرائي مايوس نہ ٿيو.

گوتم ٻڌ کان ڪنهن پڇيو هو تہ زندگي ڇا آهي؟ هن جواب ڏنو هو ڏک، ڏک، صرف ڏک." تڏهن مرشد لطيف چيو آهي تہ:

"ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري"

هونءَ بہ سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ ڏک ۽ تڪليفون ڏٻي جو پاڻي آهن. اڄ آهي سڀاڻي سُڪي ختم ٿي ويندو. پنهنجي ڏکن کي "سنڌ، سچائي ۽ پاڻ سان پيار ڪرڻ ۾ تبديل ڪريو. سڀ ڪجهہ آسان ٿي ويندو. ڏک اوهان وٽ پنهنجي اهميت وڃائي ويهندو.

جيڪي ماڻهو جيئري جنتون ٺاهي ويٺا آهن انهن وٽ بہ ڏک آهن. انهن وٽ بہ مسئلا آهن. تنهن ڪري جن حالتن ۾ رهو ٿا انهن سان ڪمپرومائيز ڪريو ۽ هر پل مان مزو حاصل ڪريو. محنت ۽ پلاننگ هن دنيا ۾ ورثي ۾ مال ملڪيت ملڻ کان وڌيڪ اهم آهي. توهان وٽ صلاحيت ۽ جستجو آهي تہ سڀ ڪجهہ حاصل ڪري سگهو ٿا. دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ تائين پهچي سگهو ٿا. ڪو ٽارگيٽ مقرر ڪيو. پلاننگ ۽ محنت سان ان کي حاصل ڪريو. صرف پاڻ کي ان لاءِ تبديل ڪريو ۽ مقرر وقت ان لاءِ وقف ڪريو. سنڌ تبديل ٿي ويندي، معاشرو تبديل ٿي ويندو.

نئين ديري ۽ آسپاس جون ساروڻيون سارينديءَ ڪي ڳالهيون رهجي ويون آهن. شهر جي رهجي ويل ڪن پهلوئن کي ڪٿڻ کان پهرين اڳين موضوعن کي مڪمل ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان.

سيٺ نارو مل، پڙيءَ واريءَ چونڪ تي ڇوٽي خان جي "پان" جي مانڊڙي هوندي هئي. مٺو ۽ خوشبوئن وارو پان، ڪڏهن ڪڏهن مان بہ وٺي کائيندو هوس. ڊبل ڪٿي، سوپارين ۽ وڏف وارو پان، پان جا عادي موالي کائيندا آهن. ڇوٽو خان،

چڱي عمر جو اردو ميڊيم وارن مان هو. هن جي پرسان، محمد امين سومري ڪپڙي جي دوڪان وارن جو مائٽ، عبدالله سومرو بيڙين جي پڙيءَ تي سگريٽ به وڪڻندو ۽ پن جون بيڙيون به ٺاهيندو هو. اتي ئي حاجن سومرو پڪوڙا تريندو هو. هنن پڙين ۽ مانڊڙين جي پنيان ويم گهر هوندو هو. اها ڳچهه ميرپور جي پٽن صاحبان جي آهي. شايد سردار پير بخش خان پٽي، جي حصي جي آهي.

هاڻي سڄو چونڪ "ڪورين" يا منائيءَ وارو چونڪ سڏجي ٿو. منائي ۽ پڪوڙن جو دوڪان ڪورين (ميمڻن) جو آهي ۽ سڄو شاپنگ سينٽر ميونسپالٽيءَ وارن جو ٺهرايل آهي.

جاءِ هجي يا بازار ماڳ هجي يا مڪان هجن، سڀ پنهنجي جاءِ تي بيٺل آهن. مالڪ ۽ مڪين پيا مٽجن. جن ڏينهن ۾ هي مواد لکي رهيو هئس ته ڊاڪٽر خليل الله شيخ جو SMS آيو: اهو مون کي وڻي ٿو تنهن ڪري توهان تائين پهچايان ٿو:

"درويش بهلول" بازار ۾ ويٺو هو. بادشاهه (هارون رشيد) اتان گذريو. بهلول کان پڇيائين: "ڇا پيا ڪريو؟".

"بندن ۽ الله جي وچ ۾ ناهه پيو ڪرايان." فقير وراڻيو.

بادشاهه بيو سوال ڪيس: "نتيجو ڇا نڪتو؟"

درويش جواب ڏنس ته "الله تيار آهي، پر انسان ڪونه ٿا مڃن."

ڪجهه عرصي کان پوءِ بادشاهه ۽ بهلول هڪ مقام (قبرستان) وٽ مليا. بادشاهه وري پنهنجا مٿيان سوال ورجايا. درويش وراڻيس ته، "هاڻي قبرن وارا انسان مڃن ٿا پر الله ناهه/ معاف ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي."

ان ڳالهه ٻولهه ۾ ڏاڍو توجهه ڇڪائيندڙ فلسفو آهي.

مالڪ الملڪ سيني تي پنهنجو رحم ۽ ڪرم ڪري، وقت وڏي شيءِ آهي، ڪنهن موقعي کي وڃائڻ نه گهرجي. اسان سيني کي ان جو قدر ڪرڻ گهرجي. ڇا ڪجي! "والعصر ان الانسان لفي خُسر......."

مون کي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ محمد رمضان ڀوڙ ٻڌايو ته جتي محمد پنجل پٽي جو دوڪان آهي ان جي پنيان تيل پيڙڻ جا گهاڻا هوندا هئا. حڪيم صاحب جي مسجد جي اوير ۾ ممتاز علي پٽي صاحب جن جي پلاٽ تي تپيداري هوندي هئي. اڳيان ان جا دوڪان ٺهيل آهن جيڪي مسواڙ تي ڏنل آهن.

مان جڏهن به صفحا لکڻ چاهيان ٿو ته اهي صفحا تمام گهٽو وڌيو وڃن. اختصار کان ڪم وٺڻ باوجود هر شيءِ ڏکهي ٿي وڃي ٿي پوءِ به نشاندهي ٿئي ٿي

تہ نئون ديري وارن کان سواءِ پيا بہ پڙهن تا تنهنڪري انهن جو ڪجهہ نہ ڪجهہ تفصيل لکان ٿو. مان منجهي پوان ٿو جلد هن ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ چاهيان ٿو. هي ايڏو وڏو ڪم آهي جو آءٌ اڪيلو پورو ڪرڻ کان قاصر آهيان. ڪو قلم هٿ ۾ کڻي هن شهر جي ماضيءَ کي قلمبند ڪري، هن مٽيءَ جو حق ادا ٿي ويندو. باقي حال ۽ مستقبل نوجوان پاڻ لکندا. ان جو الڪو مون کي نہ آهي. خاص طور تي مون کان سينئرس اهي لکن. اهي لکي بہ سگهن ٿا ۽ هنن اجان مختلف نئون ديرو ڏٺو جيڪو مان ڏسي نہ سگهيو آهيان. جيڪو لکڻ لائق آهي اهو پنهنجي ذميواري محسوس ڪري.

محترم بدر ڏامراهي، لکيل ڊرافٽ پڙهي ڪجهہ ڳالهيون انڊر لائين ڪيون. هن چيو تہ "حڪيم صاحب ۽ مسجد شريف تي ڪجهہ نہ ڪجهہ وڌيڪ جملا لکو." مان مٽي کي هٿ ڏئي ويهي رهيس. حڪيم صاحب کي ۽ بازار جي مسجد کي ڪير نہ سڃاڻي. اسپتال ۾ دوا ملندي آهي. مسجد شريف ۾ عبادت ڪبي آهي. حڪيم صاحب پاڻ پنهنجو تعارف آهي. هن شهر جا جنس مذڪر تہ چا پوڙهيون، جوان، پرٽيل ۽ ڪنواريون، حڪيم صاحب کي ائين سڃاڻن جيئن ويڙهي ۾ پنهنجي بزرگ کي سڃاڻبو آهي. هو مرحوم هر گهر جي بيمارين وغيره جو امين رهيو آهي. سچي مزوري ۽ محنت رائگان وئي. وري بہ ڊرافٽ ٻيهر لکڻو پيو ڇو تہ ڏامراهو صاحب سچ ٿو چوي. جڏهن بہ رسالي ۾ مواد ڇپبو تہ اهو نئون ديري تائين محدود ڪونہ رهندو. لکڻ جيئڻ کان بہ ڏکيو آهي، منهنجي لاءِ، آخر بنيادي معلومات حاصل ڪري بہ صفحا وڌيڪ لکي ورتم. اچو تہ پڙهون.

حڪيم حاجي سعد الله شيخ مرحوم (حڪيم صاحب) جي اسپتال، نئين ديري شهر ۾ اوائلي دور کان آهي. پاڻ هتي 1949ع ۾ مرزاپور ضلع شڪارپور مان لڏي آيا.

حڪيم صاحب نومبر 1922ع ۾ ڄائو. 1944ع ۾ دهليءَ پڙهڻ لاءِ ويو ۽ اتي 1947ع تائين رهيو. 1955ع ۽ 1979ع ۾ بہ دفعا حج ڪيائون. 14-03-2009ع تي وفات ڪيائون. سندن تعلق اهلِ سنة و جماعت جي ديوبندي فقه سان هيو. عربي گرامر تي عبور هين جنهن ڪري حافظِ قرآن نہ هجڻ باوجود ڪو قرآن شريف جو لفظ غلط اُچاريندو يا وساريندو هو تہ ان کي صحيح ڪرڻ لاءِ چوندو هو. پهريان مگٽيجا شاپنگ سينٽر وٽ گهر هُين ۽ بعد ۾ پوسٽ آفيس واري گهٽي ۾ رهائش اختيار ڪيائون. پراڻي گهر پرسان صبح جو سبزي ڪپندي

آهي. سندس پٽ غلام محمد منهنجو فڪري دوست آهي. هو انجنيئر آهي. فقيراڻي طبيعت اٿس. سچو ۽ کرو. شهر ۾ هن جو ڪو مٽ ڪونه ٿو سمجهان. هن سان ڪچهري ڪندي مزو ايندو آهي. دل کي سڪون ملندو آهي. حيرت ٿيندي آهي، هن جون ڳالهيون ٻڌي.

ڊاڪٽر سليم الله صاحب لاءِ اڳ ۾ لکي چڪو آهيان. باقي خليل الله صاحب ۽ حاجي گل محمد صاحب منهنجا مُحسن آهن هنن تي لکڻ في الحال ملتوي. حڪيم صاحب لاءِ وڌيڪ احوال "نئون ديري" بابت ڪتاب ڇپيل، ۾ پڙهي سگهجي ٿو.

منهنجي هر لکڻيءَ جو پهريون پاٺڪ ڇنڊڇاڻ ڪندڙ ڊاڪٽر خليل الله هوندو آهي ۽ اهوئي منهنجي لکڻين مان ننڍين وڏين غلطين جي نشاندهي ڪندو آهي ۽ صلاحون ڏيندو آهي. هن جي طبيعت جي مون کي خبر آهي، ڪنهن جي خلاف ڪجهه هوندو آهي ته اهو پنو هن کي نه ڏيندو آهيان. ان جو ذميوار آءٌ اڪيلو آهيان. اچوڪي مصروف وقت ۽ ذميواريءَ واري نوڪريءَ ڪري منهنجي لاءِ ٽائيم ڪڍڻ ۽ بهتر صلاحون ڏيڻ، هن جو احسان آهي. باقي رهيو حاجي گل محمد صاحب، منهنجي ٽيل بدلين جا آرڊر روڪرائي ڏيندو هو. سائين نجي الله صاحب جو به عمل دخل هيو. ائين حيرت ٿيندي آهي مون کي پنهنجي زندگي تي سوچي. الائي ڪيترن ماڻهن جا احسان آهن، شايد مخالفن ۽ ناپسند ڪندڙن کان وڌيڪ نمبر ٿي وڃن. حڪيم صاحب جي هڪ خوبي ته مون کي ڏاڍي وڻندي هئي. هر ذميوار ماڻهوءَ کي ان کي (اپنائڻ) Follow ڪرڻ گهرجي.

هو پنهنجي پوٽن ۽ پوٽين کي قرآن شريف پاڻ پنهنجي نظرداريءَ ۾ پڙهائيندو هو. پوٽن جي درسي تعليم لاءِ ڪو استاد ٽيوشن تي رکندو هو. انهن استادن سان ڪچهري ڪندو هو ۽ ڏسي وٺندو هو ته ٻارن کي پڙهائيندڙ استاد جو پنهنجو علمي معيار ڪيترو آهي.

منهنجو ويجهو دوست، اميد علي ڪٽپر ٻارن کي شام جو پڙهائڻ لاءِ راضي ٿيو هو. حڪيم صاحب، ڪچهري ڪيس، سمورو احوال اچي ڪيائين. حڪيم صاحب دوائن ۽ بيمارين کي سڃاڻڻ ته پڙهيو پر هن جي علمي حيثيت به لڪل ڪونه هئي. اميد علي صاحب ذهين ۽ هوشيار استاد آهي. هن جي اها به خوبي آهي ته قادري ۽ شافعي ۽ ٻين بزرگن جي سلسلن کي پڙهيو اٿائين، هن جو تلفظ ۽ گرامر بهتر آهي. هن جو I.Q ايڏو تيز آهي جو هر انڊين پراڻن گانن جي

گلوڪار ۽ موسيقار جا نالا ٻڌائيندو آهي. هو سٺي نموني اردو غزل ڳائي سگهندو آهي.

هڪ دفعي ياءُ مشتاق جي دوڪان تي ويٺو هئس. حڪيم صاحب بہ اتان لانگهائو ٿيو. مُڙي دوڪان تي ٿوري دير لاءِ بيٺي بيٺي منهنجي ياءُ کان ڪنديون بابت پڇيائين. مان ياءُ کي هلڪو اشارو ڪيو تہ پئسا محنت جا نہ وٺنديس تہ ڪنديون بلڪل نہ وٺندي. تنهن ڪري بلڪل ٿوري نفعي سان رقم ٻڌايئينس. ڪنڊيون ڪٽي ويو. مقرر رقم سان گڏ نون نوٽن جو پاڪيٽ بہ دوڪان تي ڏياري موڪليائين. ان ننڍڙي ڳالهہ مان هُن جي طبيعت ۽ طرز زندگيءَ کي سمجهي سگهجي ٿو.

حڪيم صاحب کي پراڻو هارٽ پرابلم هيو. روزانو سانجهيءَ کان پوءِ ڊاڪٽر خليل الله وٽ ويندو هو. دم ڏٽيءَ حوالي ڪرڻ واري ڏينهن (14 مارچ 2009ع) شڪارپور ۾ برادر جي شادي هُين جنهن ڪري گهر ياتي اوڏانهن ويل هين. ڊاڪٽر ڪئپٽن صاحب ڪراچيءَ ويل هيو. ڊاڪٽر خليل الله ڊيوٽيءَ تي هيو. تڏي تي ويٺلن ٻڌايو تہ حڪيم صاحب پنهنجي الڳ گهر (بلڪل آمهون سامهون) صبح جو ٻاهر نڪري، گهر جي دروازي وٽ ويٺو هو هر ايندڙ ويندڙ سان حال حوال ۽ ڪيڪار ڪئي هيائين. سانجهيءَ کان اڳ اوچتو سندس طبيعت خراب ٿيڻ سبب ڪيس لاڙڪاڻي اسپتال کڻي وڃي رهيا هئا پر رستي تي ساهہ جو سڳو ٽٽي پيس. (اللهﷻ مٿس پنهنجو رحم ۽ ڪرم ڪري. آمين)

عبدالغفار "تبسم" صاحب، هن شهر جو رهندڙ ۽ مشهور شاعر آهي. هن جا درجن کن شاعريءَ جا ڪتاب آهن. گهڻ ماڻهن کي خبر آهي تہ هن نئين ديري جي سنگت ساٿ جو احوال پنهنجي نثر جي ڪتاب ۾ ڪيو آهي. نالو اٿس. هو جي جوين ڏينهڙا" حصو پهريون. مون ڪافي عرصو اڳ اهو پڙهيو هو. ٻي نمبر تي "نئون ديرو جا نوان ۽ پراڻا ورق" جيڪو مختلف ليکڪن جو مجموعو آهي. قاضي قمر الدين اهو ڪتاب لکرايو ۽ ڇپرايو آهي. انهن ڪتابن کان اڳ پير علي محمد شاهہ راشديءَ بہ "اُهي ڏينهن اُهي شينهن ۾" ئي نئون ديرو ۽ آسپاس جو ذڪر ڪيو آهي. مختلف رسالن ۾ اڳ ڇپيل منهنجن مضمونن ۾ بہ نئون ديري جو ذڪر اچي ٿو. سنڌ جي مشهور شهرن جي ڪتاب ۾ قاضي قمر الدين جو ڇپيل مضمون بہ منهنجي نظر مان گذريو آهي. هي "نئون ديرو" بابت ڪچا ۽ ڦڪا حوال (لڪت) اوهان پڙهو پيا.

پاڪستان جي اترين علائقن فاٽا وغيره ۽ خيبر پختون خواهہ سان گڏ پنجاب جي وسڪارن ماضيءَ جا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن. هونءَ تہ ”سنڌوندي سيني وهڪرن کي پنهنجي پيٽ ۾ سمائيندي آئي آهي. جڏهن انڊيا طرفان پنجاب جي سڪل ندين ۾ پاڻي ڇڏيو ويو تہ سنڌو ويدن جي زماني جا ڏيک ڏيڻ لڳي. حالتون خراب ڪان خراب تر ٿينديون ويون. جولاءِ جي آخر تائين سيني کي سمجهہ ۾ اچي چڪو هو تہ هي پاڻي وهي وڃڻ وارو نہ پر تباهي ۽ بربادي وارو آهي.

آگسٽ جي پهرين هفتي ۾ سنڌ جي حدن ۾ زوردار برساتون پيون ۽ پياسي ڌرتي پاڻيءَ سان پرجي وئي. هونءَ تہ مون کي ڪڪر ۽ برساتون وڻنديون آهن. منهنجي اندر جي صحرا ۾ ڪجهہ ”پوسل“ پيدا ٿيندي آهي. پر سچ اهو آهي هي وسڪارا ڏسي خوشيءَ بجاءِ خوف پيدا ٿيڻ لڳو ڇو تہ پنجاب جي حدن ۾ ايندڙ پاڻيءَ جا انگ اکر ۽ احوال ڊيڄاريندڙ هئا. ويتر راجڻ پور ۽ ٻين جابلو علائقن مان برساتن جو پاڻي جڏهن سنڌوءَ ۾ داخل ٿيو تہ حالتون خراب ڪان خراب تر نظر اچڻ لڳيون. هر سمجهدار ماڻهوءَ جي اندر ۾ اڻ تڻ وڌي وئي. هر هڪ کي اهو فڪر ٿيڻ لڳو تہ الائي ڇا ٿيندو؟ داران، شاهاڻي، عزت جي واند، ڦلپوٽا، آگاڻي ۽ عاقل وغيره تائين درياءَ جو بچاءَ بند ڳوڻن، شهرن (نئون ديرو- لاڙڪاڻو) ڪان ”ٻيلو بہ وون“ وانگر آهي. سنڌوءَ جو پاڻي مٿي، آباديون ڪافي هيٺ اڏيل آهن. دل کي آٿت هيو تہ نصرت لوپ بند ڪان باقراني پل تائين سخت حفاظتي اپاءَ ورتل آهن. پوءِ بہ هڪ مهربان سان شاهاڻي بند لاڙڪاڻي، خيرپور پل تائين جائزو ورتو. صورتحال خطرناڪ هئي پاڻي اجان گدوءَ ڪو نہ پهتو هو. نئون ديرو سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي، عرصي ڪان آباد آهي. روزانو ڪچي جا ماڻهو اچن وڃن ٿا. هو چون پيا تہ پاڻي ڪٽي آهي. اجائي واويلا سنڌي چئنل ڪن پيا، اسان سيني کي خبر آهي تہ درياءَ پنهنجي پيٽ ۾ ”پيٽ“ جوڙيندو رهندو آهي. سکر بئراج جي مٿين طرف ۽ ساڌ ٻيلو بہ پيٽ آهن. ڪچي جا ماڻهو اهڙن پيٽن تي ڳوٺ ٻڌندا آهن. مال متاع جي ڪري، درياءَ جي ڇيڪي مٿي سنڌ ڪان سنڌ تر ٿيندي رهندي آهي. ڳوٺاڻا پنهنجا گهر، وٿاڻ ۽ اڱڻ ضرورت مطابق هر سال مٿي ڪندا رهندا آهن. هو ڪڏهن بہ نہ چاهيندا آهن تہ پاڻيءَ جي ڪري پڪي تي وڃون. جيڪڏهن صورتحال گهڻي خراب ٿيندي آهي تہ مال متاع، عورتون ۽ ٻار پڪي تي مائٽن ڏانهن اماڻي ڇڏيندا آهن باقي مرد. پوڙها ۽ نوجوان پنهنجا ”پڪا“ پيا سنڀاليندا آهن.

ڪڇي جي ڳوٺن ڪي چوڏاري پاڻي هوندو آهي، پر ٻوڙيندو نہ. گهر مٽي هڄڻ ڪري، هنن جي گهٽين ۾ پاڻي هوندو آهي ۽ اتي ٻيڙيون وغيره ايندڙيون ويندڙيون آهن. سنڌوءَ جي مزاج کان ڪڇي وارا واقف آهن. سينہ بہ سينہ سوين سالن جون ڪٿائون هنن جي ڪنن تائين پهتل آهن.

هو پنهنجا ٺهن، لانڍ ۽ لانڍيون وغيره سان گڏ پڪيون جايون بہ جوڙيندا آهن، لانڍي ننڍي هوندي آهي، لانڍ وڏو ٿيندو آهي. ڇڄ ماڻهن جي ان ۾ ماپي ويندي آهي. هي سڀ وٽن، توٽين، پيڙن، ڪکن ۽ ڪانن مان ٺاهيندا آهن. سڀ ڪجهہ جهنگ مان هنن کي آسانيءَ سان ملي ويندو آهي خرچ ڪو بہ نہ ٿيندو اٿن. گهر ياتي، مائٽ ۽ دوست وغيره هڪ ٻئي جي ڪم ايندا آهن.

آبڪلياڻيءَ جي موسم ۾ وس آهر جو سيڏو سامان گڏ ڪري رکندا آهن. پاڻيءَ جي نقصان کان بچڻ خاطر هو "منجڻ" يا "مَڏ" بہ ٺاهيندا آهن. جيڪڏهن گهر ۾ پاڻي اچي وڃي تہ منجڻ تي گهر جو هلڪو سامان رکندا آهن. مڏ تي گهر ياتي ۽ اَنُ وغيره پاڻي کان مٿي ڪري رکندا آهن. منجڻ يا مڏ ٺاهڻ ڪاريگريءَ وارو ڪم آهي ڪوشش ڪري مضبوط وٽن جي ڏارن وغيره سان جڪڙي ڇڏبا آهن جيئن پاڻيءَ ۾ ٻڏي ۽ لڙهي نہ وڃي.

اسان جو ڪلچر اهڙو آهي جو ڪڇي وارا ڪئمپن ۾ اچڻ پسند ڪو نہ ڪندا آهن ،هڪ بي وسي ۽ بي پردگيءَ جو احساس ۽ سرڪار جا ٺلها نعرا سيني کي ساريا پيا آهن. تنهنڪري خوار ٿيڻ کان بچڻ لاءِ هو پنهنجا ڪک ڇڏڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن. پر هن دفعي ڪڇي وارن سان سنڌوءَ ڪيس ڪري ڇڏيا آهن. پوءِ چوڻو ئو پوي "لاچار کي ڪو آچار نہ آهي."

26_08_2010 تي بي بي سي جي رپورٽر، گهوٽڪيءَ جي ڪڇي مان بيڙيءَ رستي رپورٽنگ ڪئي تہ "هڪ ڳوٺ جي پرسان پهتاسين تہ مرد ماڻهن پري کان آجيان ڪندي ڏورايو ڏنو تہ، "ڪيڏي دير ڪري ٿا يار اچو نہ ٿا سار لهو تہ ڪو مئو يا بچو" ترنم سان آواز منهنجون اکيون آليون ڪري ڇڏيون هيون. سنڌي چئنلن تہ پاڻ ملهايو آهي پر پابنديءَ سان روزانو انين بجي اردو سروس بي بي سي جي پروگرام وڏيڪ آگاهيون تي ڏنيون. سنڌي ۾ رڙيون، دانهون، ڪوڪون، گهر ڇڏڻ، مال متاع لڙهڻ ۽ ماڻهن مرڻ جا داستان، پٿر دل کي بہ ڳاري ڇڏين. انسان ڪيڏو بيوس ۽ لاچار آهي ۽ ان ماحول ۾ ظالم ماڻهو عورتن جون عصمتون لُٽڻ، ڪاڏي جي شين ۾ نشو ڏئي بچيل سامان ڪٽي وڃڻ، ڏاند مينهون ۽ ٻڪريون وغيره هٿيارن جي زور تي ڦري وڃڻ جهڙن واقعن سنڌي ڪلچر تي

ساھہ ڏيندڙن جو ڪنڌ شرم کان جهڪائي ڇڏيو آهي.

خبرون مليون آهن تہ ڪئمپن ۾ رهندڙ حقيقي متاثرين سان گڏ، نقلي خاندان بہ رجسٽر ٿي رهيا آهن. انساني بک پوري ٿيٽي ئي ناهي. ازل کان ائين ٿيندو پيو اچي. گندو انسان، مظلومن سان ظلم پيو ڪري. اڄ دنيا سڌري وئي آهي پر ايشيا ۾ اسان جو معاشرو تمام گندو سمجهيو وڃي ٿو.

سنڌوءَ جي ٿوري گهاري، اڄ اتر سنڌ جو سڀ ڪجهہ تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. گهر گهاٽ، جايون، مال، اناج ۽ فصل وغيره سڀ لڙهي ويا آهن. لک پتي ماڻهو ڪک پتي ٿي ويا آهن. موجوده تباهي 1973ع واري تباهي ۽ بربادي کان ڪافي دفعا وڌيڪ آهي. لاڙڪي وري ايس ايم بند ٽٽڻ ڪري نقصان ٿيو ۽ ٻن ڏينهن ۾ تڪڙي لڏپلاڻ، حوصلن کي پست ڪري ڇڏيو آهي. روزانو موتن جون خبرون، سار سنڀال نہ لهڻ ڪري، روڄ راڙا. ڇڻ ڇون پيا تہ سنڌ جي ايريگيشن ڊپارٽمينٽ جي سيني اعليٰ آفيسرن کي ڪورٽن جي ڪٺهڙي ۾ بيهاريو وڃي. مهيني کان درياھہ دانهون پيو ڪري تہ ”آءُ توهان ڏانهن پيو اچان، اچان پيو“ تہ پوءِ هنن ڪن لاتار ڇو ڪئي؟ پيپر ورڪ ۽ پلاننگ ڇو نہ ڪئي!؟ پاڻيءَ جي روٽ کي آخري شڪل ڇو نہ ڏني وئي؟ صورتحال ائين سامهون آئي تہ اڳيان پاڻي، پٺيان وزير، مشير ۽ آفيسر. سڌريل دنيا ۾ ائين نہ ٿيندو آهي. گهٽ نقصان وارا فيصلا ڪيا ويندا آهن پر هتي تہ سڀ رڌون پوٽ ڪاريون آهن. رڳو نااهلي سامهون پئي اچي. ايريگيشن وارا پاڻي پٺيان هلندي هلندي گم پيا ٿي وڃن. وڃي ٿڌن ڪمرن ۾ موبائيل بند ڪري، ٽڪ پيا لاهين. گهوٽڪيءَ جي ڊي سي او جو بيان رڪارڊ آهي تہ ”انجنيئر سان رابطو نہ پيو ٿئي.“

فوج ۽ نيويءَ وارن مڙسي ڪئي آهي نہ تہ انساني جانيون اسان دفن ڪندي ٿڪجي پئون ها. راڄن پنهنجي مڙسي ڪري جيڪو ڪجهہ بچيو آهي، اهو انهن بچايو آهي. باقي ذميوار ماڻهن سنڌين کي، ناقابل تلافي نقصان پهچايو آهي. هنن کي الائي ڇو ياد نہ ٿو پوي تہ جيڪي هو پگهارون ۽ رعايتون کڻن ٿا. اها ٽئڪس ماروئڙا ڏين ٿا. هنن وٽ انسانيت ۽ شرافت هئڻ گهرجي. 1973ع تي ”هارنهن لک ڪيوسڪ“ واري ٻوڏ آئي هئي. پٽي صاحب جو دور هو سکر بئراج پاڻيءَ جي دٻاءَ ۾ لڏي رهي هئي. پل کي بچائڻ لاءِ روهڙيءَ کان مٿان گهارو هنيو ويو هو ان نقصان تہ ڪيو هو پر گهٽو پاڻي ڇون ٿا تہ رڻ ڏانهن هليو ويو هو. انگريزن جي ڊائرين ۾ پڻ اهو موضوع هڪ هنڌ لکيو ويو آهي.

ڪڇي جي زمين 6 لک ايڪڙ ڇون ٿا. 50 هزارن کان 80 هزارن تائين

انساني آبادي ٿيندي، ممتاز علي خان، ريڊيو تي بار بار اعلان ڪري رهيو هو ته ”اتر وڃو“ ”اتر وڃو“ يعني موجوده ٻوڏ هيٺ آيل علائقو وغيره. پر ڪير ٿو پنهنجا گهر ۽ ڪک ڇڏي.

پتي صاحب فوج ۽ محمد پچل ايس پي کي حڪم ڪيو هو ته نئين ديري ۽ لاڙڪاڻي کي بچائڻ لاءِ رائيس ڪئنال جي ساڄي ڪناري کي ڪٽ ڏئي، منهنجون زمينون ۽ ڳڙهي خدا بخش پتو کي ٻوڙايو منهنجي اکين جي سامهون ڪٽ ڏنو ويو. سچ لهي چڪو هو مان مسوديري سائيڪل تي بابا جن کي خبر ٻڌائڻ لاءِ روانو ٿيو هئس. ڳوٺ ٻاهران ٽريڪٽر رستي ڳوٺاڻا مليا هئا. هنن کي احوال ڏنم، هنن ميرپور پتو ۽ ٻين سان رابطو ڪري وارهه کي جهلايو هو ۽ ڏينهن رات هٿيارن سان راڇن پهرو ڏنو هو. پاڻي ڳڙهي پتو ڪوريجا ۽ ڪوٽ ٻوڙيندو اولهه طرف وهي ويو هو معمولي نقصان ٿيا هئا. پر هن ٻوڏ ڦهر ڪري ڇڏيو آهي.

1942ع ۾ سنڌ ۾ ”وڏي ٻوڏ“ آئي هئي، ان ٻوڏ به جيڪب آباد ۾ وڏي تباهي آندي هئي. پاڻي جنت شاخ اڪري آيو هو.

ماڇين، اوڏن ۽ گوپانگن جا ڳوٺ پاڻيءَ هيٺ اچي ويا هئا. رتوديرو بچي ويو پر افراتفريءَ ۾ سڄو علائقو هيو ٻوڏ کان پوءِ بيمارين ۽ وبائون، ڪالرا وغيره منهن ڪڍيو هو. ڪافي انساني جانيون موت جي منهن ۾ هليون ويون هيون. موجوده ٻوڏ درياءَ جي ساڄي ۽ کاٻي بندن اندر ”زميندار ي بندن“ جو نئون ٽرم ڏنو آهي. ايڪانامڪس جي مضمون ۾ انساني دورن کي مختلف دورن ۾ ورهايو ويو آهي. پٿر جو دور جيڪو 45 لک سالن جو سڏيو وڃي ٿو. ڏاتوءَ جو دور، زرعي دور، صنعتي دور، ائٽمي دور ۽ خلائي دور. الائي ڇو مون کي مونجهارو ٿيندو آهي ته اسان سنڌ وارن جو ”ڪڪائون دور“ ڪاڏي ويو. اڄ به لوڙها، ڪک، ڪانا ۽ منهن اسان جي ملڪيت آهن. اهي به درياهه جي پاڻي اسان کان کسي ورتا آهن. مجموعي طور دنيا زرعي ۽ صنعتي دور ۾ رهي ٿي.

ايڏو درد وڏي ويو آهي جو پاڻيءَ جي متاثرن جي ا۲ ين جو پاڻي سڪي ويو آهي. اٿيا وار، هيسيل چهرا، گهر نه گهاٽ، بي رحم انسان، اجهو نه آسرو الائي ڇا ٿيندو مستقبل ۾؟ پتي صاحب جي پ پ پ ۽ موجوده پ پ پ ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. حڪمران چوندا رهيا ته رتوديرو نه ٻڏندو وري پئي پاسي ڳڙهي خدا بخش پتو کي بند پئي ڏنا ويا، بندن تي ڪو به اعتراض نه آهي. افسوس اهو آهي ته جيڪو اوهان چئو ٿا، ان تي اوهان پاڻ به ويساهه نٿا ڪري سگهون رتوديرو-نئون ديرو پاڻي نه ايندو ته پوءِ ڳڙهيءَ کي بند وسوسن کي جنم ڏئي ٿو.

باهہ تي ويو. چيڪ ڏيندڙ جو ساهہ سڪي ويو. ۽ انهون ٻڏي معافي ورتائين. هن جي شڪايت پٽي صاحب وٽ پهتل هئي. ٿوري وقفي کان پوءِ محفل ۾ وري رونق موٽي آئي هئي.

ڦـڙو مـون گـهـريـو تـو تـہ ٻـوڙي ڇـڏيـو
ها هڪ خواب منهـنجو تـو لـوڙهي ڇڏيـو.

٭

تـنـهـنجـي رحـمتـن تـي مـان حيـران هـان،
ڦــڙي لاءِ تــو نــديءَ کــي مــوڙي ڇــڏيــو.

(نئين ديري جي منٺار سولنگي جي غزل مان مٿيون سٽون کنيل آهن.)

الائي ڇو مون ۾ اهو احساس وڌي ويو آهي تہ سنڌين جي پڙهيل لکيل ڪلاس ۾ ساڃاهہ نہ پر لاتعلقي ۽ لاپرواهي آهي. اهو ڪجهہ تہ انهن جي هئڻ جو ثبوت ڏي. منهنجي مارن کان "خوشيون ۽ خريد" وسري ويون آهن. هنن جي عيد کهڙي ٿيندي مون کي سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿو اچي تہ وڏيڪ ڇا لکان.

اسان کي تبديل ٿيڻ گهرجي، حضرت علي رحہ چيو آهي تہ "غريبن جي مدد ڪريو ڇو تہ غريب ٿيڻ ۾ دير نہ ٿي لڳي." قرآن شريف ۾ سورت صبا جو مفهوم آهي، "هنن اسان جي حڪمن کان منهن موڙيو اسان هنن لاءِ زبردست ٻوڏ موڪلي." مستقبل جا خدشا ڳرُ ڪٽي منهن سامهون اچن ٿا. مثلاً:

٭ امن امان جو مسئلو وڌيڪ خراب ٿي ويندو.
٭ نندين ڏوهن ۾ بہ واڌارو ٿيندو.
٭ اناج جو مسئلو.
٭ روزگار جو مسئلو.
٭ جانورن جي کوٽ
٭ اڏاوتن، روڊن ۽ پلين وغيره جا مسئلا.

سنڌ جي اعليٰ قيادت کي الله شل ساڃاهہ ڏئي تہ جيئن هو ماڻهن جي مصيبت ۾ ڪجهہ گهٽتائي آڻي سگهن. سنڌ جا چهرا ۽ مڪڙا اڳ ئي اسان جي قتن تي لوڻ ٻُرڪن ٿا. پوءِ تہ وڏي واڪ چون "آپ ڪي وڏيري، جاگيردار، گادي نشين اور بيوروڪريٽ ذميوار هين." هنن کي ڪنهن ايتري همت ڏني آهي جو هو چون ٿا تہ سنڌي ڪراچيءَ نہ اچن، يا رجسٽر ڪرائن. حيف آهي!

سنڌ جي ايم پي ايز وزيرن ۽ مشيرن کي نانگ ۽ وڇون پالڻ ۾ ڪهڙي مجبوري آهي؟

اي سنڌو! توکي ڪھڙو ڏوراپو ڏيان، تون تہ پرينءَ ڪان بہ پيارو آهين. تون جنون ۾ بند ٽوڙيا، پر ڪجھہ تہ هوش ڪرين ها، تو تہ ڪشتو هٿن ۾ ڏئي ڇڏيو آهي. ڪکن جي ڇانوءَ ڪسي، نيري پاند واري قيامت اسان آڏو آندي اٿئي. اسان جي عيبن کي اگھاڙو ڪيو اٿئي. ڇا ڇريو ٿي پيو آهين!! "سنڌي سمنڊ" جي عشق ۾ اسان جون محبتون نہ اجاڙ وصال لاءِ اسان کي نہ آزماءِ نہ آزماءِ.

"درياءَ توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي."

مرشد لطيف رحہ

1968ع کان پوءِ پنھنجي ننڍپڻ پاءِ مشتاق سان گڏ هن شهر ۾ ناني مرحوم جي خالي پيل جاءِ ۾ رهڻ لڳاسون. جڳھہ جي ضروري مرمت بابي مرحوم ڪرائي ڏني. نلڪو پتيون ۽ ڏاڪڻ وغيره ٿورن پئسن خرچ ڪرڻ سان مڪمل ٿيون. اها جاءِ ناني مرحوم نيلام ۾ سستي ورتي هئي. اُها هندن جي جاءِ هئي ۽ عاشق علي مگڻهار جن اُتي رهندا هئا. اُهو 53_1952ع وارو دور هو. اردو ميڊيم وارن کي هندن جي ملڪيت مفت ۾ ملي وئي هئي. جيڪو بچو هو ان کي نيلام ۾ سرنديءَ وارن ماڻهن واڪ ڏئي خريد ڪيو هو. اُهي پئسا سرڪار کنيا هئا.

جڏهن مسوديري رهندا هئاسين تہ بابو مرحوم ٺيڪي تي زمينون بہ کڻندو هو. ان زمين تي خر ڪري (ليول ۽ پاڻ وغيره) چڱو خاصو ڪمائي وٺندو هو. فقير محمد ميراڻيءَ جو پيءُ رحيم بخش وارا بہ اصل مسوديري جا آهن. اُهي اُن زمين ۾ واڙي (هندوانا، گدرا، ونگيون، ونگا، پينڊيون ۽ ڪريلا وغيره) ڪندا هئا. زمين جي ڪجھہ حصي تي ڪمند بہ بابي پوکرايو هو. ڪمند اهڙو سٺو ٿيو هو جو مون کي ياد آهي تہ بابي ڳڙ ۽ مناڻيءَ سان گڏ ديسي کنڊ جي مشين مسواڙ تي گھرائي ٺهرائي هئي. ڪمند ڪٽي ئي ڪونہ پيو. پانهن جھڙيون ڇڙيون ٿلهيون ڇڙيون، هڪبئي مٿان، وڏي قد ڪري ڪِري پيون هيون. دين محمد ميراڻي مرحوم ۽ مان گڏ پڙهيا آهيون. هو فقير محمد جو وڏو پاءُ هيو. هڪ آچر تي دين محمد سان گڏجي واڙيءَ تي ويس. چاچي رحيم بخش ۽ دين محمد جن اڳ ۾ ئي اُتي موجود هئا.

دين محمد ۽ مان شرط هڻئي تہ جنهن جو هندوانو ڳاڙهو نڪري، پر منهنجو هندوانو اڇو نڪري پيو. اهڙيءَ طرح هن جون پٽيل ونگيون مٺيون ۽ منهنجون ونگيون ڪوڙيون پيون نڪرن. اٿين هارائڻ جي منهنجي شروعات ٿي. مون کي ان وقت سمجھہ ۾ ڪونہ پيو اچي تہ هو ڪٿي ڇو پيو وڃي؟ اهو هارائڻ ۽ ناڪام ٿيڻ جو تجربو ۽ صبر ڪرڻ سڄي زندگي ڪم آيو آهي.

نئين ديري دين محمد جن اڳ ۾ لڏي آيا هئا. هتي اچي گھڻو وقت ان (دينل)

سان گذرڻ لڳو. هو پيٽيون پڌندو هو اهڙي طرح سپ پيٽين ٻاڏا دوست ٿي ويا. صبح جو ڪاليج ۽ شام جو انهن سان گڏ. هن شهر ۾ مون لاءِ "چانورا ئي چانورا" هئا. ڪا اجنبيت ڪڏهن محسوس نہ ڪيم. اُهي اسان جون دوستيون اڄڪلهہ جي رت جي رشتن کان وڌيڪ سچيون ۽ پائدار هيون. "ڊينل" جا وڏا ڀائر، داروغو هدايت الله ۽ غوث بخش (غوثل) بہ بابي جي ڪري خيال ڪندا هئا.

محمد پناهڻ ۽ دين محمد گڏ پيٽيون پڌندا هئا. هو الله ڏني ڀانهاٽيءَ جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ نوجوانيءَ ۾ فوت ٿي ويو. رات جو الله ڏني ڀانهاٽيءَ جي پڙيءَ تي ڪچهري ٿيندي هئي. شهر جا حال حوال، ڳجهارتون، بيت ۽ بيون ڳالهيون پڌبيون هيون. دير سان غوثل سان گڏ اُتي گهر اچبو هو. منهنجو گهر پير چوڏهيءَ يا ڏِڪ جي پرسان هيو. اڳتي هلي محبوب علي کوکر ۽ سڪندر علي کوکر سان بہ "دُعا سلام" ٿي. سڪندر علي کوکر ۽ سندس چاچو "شاهن فقير"، نظام علي کوکر جو پيءُ بہ اصل مسوديري جا آهن. محبوب علي، جيل ويو. موٽي اچي وري فون ڪيائين ۽ بعد ۾ فوت ٿي ويو.

ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ داخلا ٿي تہ سيني شاگردن سان ڏيٺ ويٺ ٿي. آهستي آهستي غلام حسين ڪٽپر ۽ نارائڻ داس سان ويجهڙائپ ٿي. نارائڻ داس اسان کان سينئر هيو. هو بي. ايس. سي ڪري سائنس ٽيچر ٿيو هو. ان وقت بي. ايس. سي ڪرڻ کان (رزلٽ اچڻ) اڳ ۾ آرڊر ملي ويندو هو ۽ ڪنفرم رزلٽ اچڻ ڪانپوءِ ٿيندو هو. تازو 13 ڊسمبر 2009ع تي بيماريءَ دوران وفات ڪري ويو. صوفياڻي طبيعت، امن پسند ۽ ڏاڍو ذهين هيو. سائنس مئگزين "جنگ" اخبار طرفان هر هفتي نڪرندي هئي. نارائڻ داس، پابنديءَ سان مطالعو ڪندو هو. فزڪس ۽ مئٿميٽڪس ۾ مُنجهندا هئاسي تہ بهتر نموني سمجهائيندو هو. ريل ۾ بغير ٽڪيٽ جي سليپر يا فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪيو هو. سليپر جي ٽوائلٽ ۾ انگلش ڪموڊ هوندو هو. اهو استعمال ڪرڻ سمجهہ ۾ نہ ايندو هو. هڪٻئي کان پڇندا هئاسي پر ڪوبہ ان جي استعمال جي قابليت نہ رکندو هو. اڄ بہ اهڙي صورتحال ۾ مُرڪي پوندو آهيان. نوجوانيءَ جي واڻڙائپ ۽ ناتجربيڪاري آڏو اچي ويندي آهي.

موهن جو دڙو ايڪسپريس (ڪراچيءَ تائين ويندڙ)، ماهوٽن جي اسٽيشن تي گهڻو وقت بيهندي هئي. خاص طور تي سياري جو زيتونن جي مند ۾ "زيتونن جا ٽوڪرا" هتان رکبا هئا. ماهوٽن سان گڏ، آگاڻن ۽ پاروءَ جي ڳوٺ جا زيتون بہ هتان لوڊ ٿيندا هئا. رئيس محمد مراد خان آگاڻي، روزانو اسان سان گڏ لاڙڪاڻي

هلندو هو. پتڪو ٻڌندو هو ۽ روايتي سنڌي وڏيرن وانگر لڳندو هو. اسان سڀ هُن جي عزت ڪندا هئاسي. هو پاڻ بہ اسان کي ڪيڪاريندو هو.

اڄ ڪلهہ ماهوتن جي استيشن ويران آهي. زيتون ايترا گهڻا ٿي ويا آهن جو ڪئين ترڪون پرجي ڪراچي، ملتان ۽ ڪوئٽا وغيره ڏانهن وڃن ٿيون. هر سيزن ۾ ڪروڙين روپين جو ڪاروبار ۽ ڪيترن مزدورن جو روزگار ٿئي ٿو.

ان زماني ۾ (يحيٰ جي دور ۾) ڪجهہ نہ ڪجهہ قانون جو احترام هيو. هن ور واري چڙواڳي يا بيداد نگري ڪونہ هئي. S.T.E جيڪي ٽڪيٽ چيڪ ڪندا هئا. اسان شاگردن کي رعايت ڏيندا هئا. انهن سيني ۾ اڪرم ٽڪيٽ چيڪ ڪندڙ بلڪل منفرد مزاج رکندڙ هيو. هُن جي عادت هوندي هئي تہ خاص طور شاگردن کي پڪڙيان ۽ هنن تي ڏنڊ هڻي پئسا وصول ڪري دلي مسرت محسوس ڪندو هو. هو ٿُلهو هو پر اُها هن جي ڦڙتائپ ۾ رڪاوٽ نہ بڻبي هئي. انجڻ جي پرسان ٿي بيهندو هو. جنهن گاڏي ۾ اسان شاگرد هو بہ اتي پهچي ويندو هو. هُو ۽ اسان هڪٻئي کي تاڙيندا هئاسي. ڪيترا دفعا جهيڙا ٿيا. هو اڪيلو ۽ پوءِ بہ اسان هُن کان ڊڄندا هئاسي. اڪرم چا ڪندو هو جو ويڙهہ ۾ بہ ٿي چوڪرا پڪڙي، پنهنجي قبضي ۾ ڪندو هو. ٻيا چوڪرا، اڪرم کي پيا ڪٽيندا هئا پر هو قبضي ڪيل شاگردن کي بلڪل ڪونہ ڇڏيندو هو.

بغير ٽڪيٽ جي سيوهڻ جو ميلو گهميو. سيوهڻ جي هر گهٽي، هر چونڪ، هر ڪافي ۽ ايوان مان "لوٽي وارين" جو ايڏو راڳ ڏٺو ۽ ٻڌو جيڪو اڳتي هلي بندش هيٺ اچي ويو.

ڪاليج دوران بہ واقعا نہ وسرڻ جهڙا آهن. پهريون حيدربخش جتوئيءَ جو جلسو (سال ۽ احوال ياد نہ آهي) ۽ ٻيو آل سنڌي ادبي ڪانفرنس. جناح باغ ۾ رات جو ٿي هئي. مرحوم مخدوم طالب المولیٰ کي اُتي ڏٺو. محمد علي "جوهر" استيج سيڪريٽري هو.

نئين ديري جو پراڻو مڇي مارڪيٽ. ٽانڪيءَ وٽ خوبصورت پارڪ هوندو هو. گهڻو پوءِ گرلس هاءِ اسڪول ٺهيو. ڏکڻ طرف گيٽ، بہ ٻارا ۽ اتر طرف وڏو ٻارو. وڏيون ۽ گهاٽيون نمون، روزانو واندڪائيءَ ۾ انهن نمن هيٺان وقت گذرندو هو. اوپر ۾ پرائمري اسڪول ڏکڻ ۽ اتر کان رستا، ايندڙ ويندڙ تي نظر پوندي هئي.

پير ڳوٺ جو عبدالمجيد شيخ مالهي هوندو هو. هو سنجيده ۽ ڀلي طبيعت جو مالڪ هيو. ڏاڍي محنت ڪري پارڪ ٺاهيو هئائين. ٻارن ۽ آوارا گردن کي

اچڻ نہ ڏيندو هو. اسان شاگردن ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن سان عزت سان پيش ايندو هو. منهنجو گهر "ڏڪ" جي پرسان هوندو هو تنهن ڪري سچو ڏينهن "اکيون جهڙاليون" هونديون هيون، پورو وجود "ڇانورن" ۾ محسوس ڪندو هيس.

پڙهندي ڪڏهن ڪڏهن اتر ۾ ڏکڻ کان "ڪوهہ ڪاف" جون پريون ڏسڻ ۾ اينديون هيون. غلام حسين، نارائڻ داس ۾ مان هڪ ٻئي کي ڏسي شرمائجي ويندا هياسي. هاڻي تہ شرم ۾ حياءَ واري "مايا" ختم ٿي وئي آهي پر هاڻي "پرين" ۾ بہ ڪا ڪشش نہ رهي آهي. هاڻي پنهنجو وجود ڇيچڙي ۾ ڀيڙيل "ڪمند جي پوپي" وانگر ٿي ويو آهي.

عبدالمجيد فوت ٿي ويو تہ هُن جي ڀاءُ کي ميونسپالٽيءَ وارن ملازم رکيو.

اتر سنڌ، گرمين ۾ سڀ کان وڌيڪ گرم علائقو آهي. وڻ جي ڇانوَ ٻهاري ۾ مِٽي اٿڻ کان ڇنڪار ڪبو هو. اتي ويهندي ڪچهري ڪندي ڏاڍو لطف ماڻبو هو. واندڪائيءَ ۾ وڏن جون اهي ڪچهريون منهنجي لاءِ اسڪول ۾ ڪاليج کان وڌيڪ سکيا گهر هوندا هئا. وڏن جي سامهون ننڍيا بلڪل نہ ڳالهائيندا هئا. حرڪتون نہ ڪبيون هيون ائين طبيعتن ۾ ضبط پيدا ٿيندو هو. اجوڪن ٽي.وي ۽ ٽاڪ شوز کان وڌيڪ بهتر نموني واري واري سان هرهڪ ڳالهائيندو هو. يعني هڪ جمهوري ڊسيپلين هوندو هو.

اڄ بہ اُهي گهاٽا ڇانورا ياد ڪري، شاعرن جي محبوبن جا ڇپر. اکيون ۾ ڪليل وارياد ٿا اچن. ڪاش! مون کي شاعريءَ جو علم هجي ها تہ سنڌ جي سِرنهن، نمن، ٽارين ۾ پپل تي شاعري ڪيان ها. ڪامڻ ۾ چمڙيءَ جون بيماريون ان ڪري وڌي ويون آهن جو سنڌ مان اُهي وڻن وارا ڇانوار ختم ٿي ويا آهن. سيمينٽ جون جايون سهٽيون ۾ پختيون تہ آهن پر هنن "ڊپريشن" ۾ واڌارو ڪيو آهي.

نئون ديرو "نمن" جو شهر چون ٿا. پرائمري اسڪول جي هڪ نم مان ايترو پاڻي وهندو هو جو ڌرتي آلي ٿي ويندي هئي. پاڻي وهڻ جا ٽڙ تي نشان ڏسبا هئا. پهريائين تہ مان ڏاڍو خوفزده ٿي ويو هئس تہ ڇا وڻ بہ انسان ۾ جانورن وانگر روئيندا آهن پر هاڻي رستن تي ماڻهن جو وهيل رت ڏسي بہ اُها حالت محسوس ڪونہ ٿو ڪريان. پاڻ کان پڇندو آهيان تہ وقت گذرڻ سان ڪيترو مهذب ٿيو آهين؟ جواب نہ ملندو آهي. اکين کي ۾ ڪنن کي جهڪائي ڇڏيندو آهيان.

نم جو پاڻي علاج آهي، ملي، خارش ۾ ٻين چمڙيءَ جي بيمارين جو. ڏندن جو ڏندڻ بہ صفائيءَ لاءِ اڪسير چون ٿا. نم ۾ درن ۾ درين جا اوڙا، جڳهن جي

لڳرائڻ سنڌ جي پراڻي روايت آهي. نم جي ڪاٺ ۽ ٽاريءَ جي ڪِنُ کي اڏوهي نہ کائيندي آهي. ديال ۽ چيل جي ڪاٺ ۾ 80ـ90 سالن کان پوءِ ائين لڪيرون پئجي وينديون آهن، جيئن انسان جي پوڙهي جسم ۾ گهنج پئجي ويندا آهن. مطلب آهي تہ "وڻ، جانور ۽ انسان" ڪٿي نہ ڪٿي هڪجهڙائي رکن ٿا. "ڪرڙ" جا پنجر بہ سخت جان ٿيندا آهن. لانڍ ۽ ٻيا چنا پيا ڪرن، پر ڪرڙ جا پنجر ساڳيا پيا بدلبا هئا. گرمين جي مند ۾ ٽاڏل بہ مفيد هوندي هئي. ڪرڙ جو ڏنڀو ٽاڏل گهوٽڻ لاءِ مُروج هوندو آهي.

تنڊو باگو (لاڙ) ڏوڪري ۽ عزت جي واڌ نوڪري (ماستري) ڪرڻ کان پوءِ نئين ديري پرائمري اسڪول ۾ بدلي ٿي آيس. پٺو صاحب اقتدار ۾ هيو. سائين غلام علي هيڊ ماستر هوندو هو. باقي ٻيا استاد بہ واقف هئا. راجل داس ۽ مون کي ٻار ڏئي ڪمرن نہ هئڻ سبب نمن هيٺان ويهاريو ويو. سائين الاهي بخش سومرو ۽ سائين غلام قادر ڪٽپر بہ گڏ هئا.

مسٽر محمد بخش ڪٽپر صاحب، سياسي اثر رسوخ ڪري، نئين ديري ايريا جو "تعلقي ماسٽر" ٿي ويو. هونءَ بہ سائين ان وقت ڪٽپر برادريءَ وارن جو متفق "چڱو مڙس" هيو. محمد بخش صاحب کان مان پگهار وٺندو هئس.

سرداري نظام سنڌ ۾ سوين سال ٿيا ختم ٿي چڪو آهي. "چڱن مڙسن" وارن وارو برادري نظام بہ ٽٽي ويو آهي. موجوده بدامنيءَ سنڌ م "اُلٽي گنگا وهائي آهي" وري صرف تحفظ خاطر سنڌ سنڌ واپس سرداري نظام ڏانهن وڌي، سڄو معاشرو بگڙي رهيو آهي.

سائين غلام عليءَ کان پوءِ سائين علي حسن ميراڻي هيڊ ماستر ٿي آيو. قاضي علي گوهر مرحوم ۽ محمد بخش ڪٽپر صاحب پنهنجي، پنهنجي برادرين جا چڱا مڙس بہ هئا. هو اسڪول ٽائيم تي نہ پهچي سگهندا هئا تہ سائين علي حسن صحين ڪرڻ واري رجسٽر تي ڳاڙهي مس سان سوال (؟) جي نشاني هڻي ڇڏيندو هين. هو واپس اچي، اتي صحيحيون ڪري ڇڏيندا هئا. پوءِ مزو هوندو هو سائين علي حسن جو هر هڪ کي پيو حوال ڏيندو هو آخر ۾ چوندو هو. ادا!! ڇا ڪريان بنگلي جا ماڻهو آهن. اندران ڳاڙهي مس سان نشاني اٿن. مٿان پيل صحيحيون ڪن. پنهي کي پٺو صاحب سڃاڻندو هو. تعليمي آفيسرن کي شڪايت جون درخواستون ڪندو هو تہ بہ ڪجهہ ڪونہ ٿيندو هو. ازل کان ڪو ائين ٿيندو آيو آهي. جتي حڪمران آهن، قوت آهي، اُتي اهڙيون ڳالهيون جنم وٺنديون آيون آهن. اخلاقيات، اسلام ۽ شرافت جي اهميت تہ آهي پر طاقتجي

آڏو اهي هميشہ بيوس ۽ لاچار رهيون آهن.

سائين علي حسن فقيرائي طبيعت جو مالڪ هوندو هو. انور علي منگريو اميد علي ڪنڀر ۽ مان هن سان حجت ۾ پوڳ ڪندا هئاسي. عزتدار ۽ خدا جو خوف رکندڙ هيو. ڀاري جسم هيس. جتان لنگهندو هو اُتي "الله غفور ۽ رحيم آهي" جا ٻول پيو ٻوليندو هو.

محمد رمضان ڀوڙ ۽ قاضي علي گوهر صاحب جا آمهون سامهون مٿي ڪوٺي تي ڪمرا هوندا هئا. محمد رمضان صاحب بہ ڪافي ڳالهين جو امين آهي. واحد بخش ڀوڙ ۽ مان گڏ ٽيچر ٿياسي باقي محمد رمضان صاحب سينئر هو. رستم علي ناريجو محمد صديق ميرائي ۽ عبدالغفور ميرائي بہ هتي اُستاد هوندا هئا. مان حسابن کي آلجبرا واري طريقي سان ڪري، صحيح جواب ڏئيندو هيو مان تہ پراڻا استاد حيران ٿي ويندا هئا. هو فائينل پاس هئا، آلجبرا ۽ ٽرگناميٽري هنن لاءِ بلڪل نوان مضمون هئا.

مان انگريزي استاد ٿي ويس تہ نانڪرام محمد حيات ۽ غلام سرور وغيره بدلي ٿي پرائمري اسڪول ۾ آيا. جھونا استاد آهستي آهستي رٽائر ٿي ويا ۽ ائين نوجوان استادن سان اسڪول ڀرجي ويو. شام جو ڪچهريون ۽ ڪائڻ ڀيئڻ برقرار رهيو.

سائين محمد علي سومرو هاءِ اسڪول جو F.A ، سائين خدا بخش سانگي، سابق هاءِ اسڪول جو هيڊ ماستر ۽ تعليمي آفيسر، مامو مولا بخش ڦلپوٽو ۽ سائين غلام رسول ڪلهوڙو بہ ڪچهريءَ ۾ اچي شريڪ ٿيندا هئا. علمي ۽ معلوماتي ڪچهري ٿيندي هئي. حجتون، چرچا ۽ ٺٺڪ بہ ٻڌڻ وٽان هوندا هئا. گرمين ۾ ماني کائي اچي گڏ ٿيندا هئاسي. ٿڌا پاڻي، شيون، چولا ۽ حال احوال. بس گھر جي نہ تڙ جي بہ بينچون ملائي سمهي پوندا هئاسي. سائين محمد علي ۽ سانگي صاحب عمر جي حساب سان ٿڪل هئا ۽ ويٺي ويٺي ڪرسين تي آجھاپ (ننڊ) ڪري وٺندا هئا.

مامو مولا بخش، عبيد انسان هيو. صبوح جو گهران ايندو ۽ شام جو واپس موٽندو هو. وڏا وار عورتن وانگر هوندا هئس. ڀريون دفعو مون ڏٺو هو تہ مون کي ياد آهي بوسڪيءَ جي قميص، سفيد سلوار، ڪليل چمڪندڙ وار، نوابن جھڙيون مُڇون اصل رئيس پيو لڳي. انور کان پڇيو هيم تہ هُن چيو تہ اڙي! اهو مامو مولا بخش آهي. پوءِ آهستي آهستي دوستي ٿي وئي. لعل ڪٽيءَ (سومري) جي دوڪان تي ويٺو هوندو هو. سڄي شهر ۾ هن جهڙو بي فڪر ماڻهو پيو ڪوبہ نہ ڏٺو. پر آخر

۾ ڏاڍو پريشان ۽ بيمار رهڻ لڳو هو پوءِ به ملندا هئا سي ته چرچا ڪري وٺندا هئا سي. سڄي عمر شادي نه ڪيائين. انور علي به هُن جي نقش قدم تي هليو پر ڏاڍي دير کان پوءِ نيٺ شادي ڪيائين.

سائين غلام رسول ڪلهوڙو نئين ديري جي سيني آفيسرن ۽ ٽيچرس جو ”استاد“ رهيو آهي. ايمانداري ۽ اخلاق سان جيئڻ ڪري اسان سڀ هُن جي عزت ڪندا آهيون. سُٺي سياءِ واري طبيعت اٿس. هاڻي تمام گهٽ ٻاهر نڪرندو آهي. محلي پيرڳوٺ (نئون ديرو) جي پڙهيل لکيل فئملي آهي.

سائين غلام رسول ڪلهوڙو هڪ به دفعا، هاءِ اسڪول نئين ديري بدلي ڪرائي آيو هو. پر جيئن ته غير سياسي طبيعت رکندڙ هيو تنهن ڪري ڪنهن وڏيري وٽ وڃي اجايو وقت نه وڃائيندو هو. عبدالصمد ابڙي ۽ ڪريم بخش کمڙي (جيڪي سندس شاگرد به هئا) سائينءَ جي بدلي ڪرائي هئي. اهڙيون ڳالهيون ٻڌندي ۽ سوچيندي هن معاشري جي قدرن ۽ معيارن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان.

سائين اختر علي اويسي صاحب جي وري نبي بخش بلوچ بدلي ڪرائي هئي. سائين اويسي ته مون وٽ ايڏو وڏو بااخلاق ۽ سٺي ڪردار جو نالو آهي جو هن جي شخصيت تي لکڻ لاءِ مون کي ڪافي پنا گهرجن. پوءِ به هُن جو حق ادا ٿي نه سگهندو.

”مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي“ (شاهه)

مون کي اسپتالن ۽ اسڪولن ۾ مالي بدعنوانيون ڪندڙ آفيسر نه وٽندا آهن. اخلاق وارا، ايماندار ۽ علم جو پرم رکڻ وارا انسان ٿورا ڏٺا آهن، اُهي ڏاڍو وڻندا آهن. شاهه صاحب چيو آهي:

ڪاتيءَ ڪونهي ڏوهه، ڳن وڍيندڙ هٿ ۾،
پسيو پر عجيب جي، لڄيو وڃي لوهه.

لوهه کي به لڄ، شرم ۽ حياءُ آهي. لطيف رحه ڪيڏي وڏي ڳالهه ڪئي آهي، سا به بي جان شيءِ جي. انسان جيڪو خدا جي نائب طور خلقيل آهي. اُهو چند سِڪن لاءِ اهڙي عمر ۾ (آخري عمر) لالچي ٿي پوي، الله جڳ جهان کي اهڙن ماڻهن کان بچائي. پڙهيل، لکيل، ذهين، منطقي دليل ڏيندڙ قرآن شريف ۾ حديثون ۽ شاهه جا شعر ياد پڙهندڙ پر عمل نه ڪندڙ خوشامد، هيراڦيريون، مال ميڙيندڙ ڪرپٽ ۽ بد اخلاق سياسي ماڻهن جي پنيان هلندڙهن معاشري کي خراب ڪندڙ ”بنيادي ماڻهو“ آهن. علم ماڻهوءَ کي وقار سان جيئڻ سيکاريندو

آهي. جنهن ماڻهوءَ ۾ عمل نہ آهي اهو راسپوٽين ۽ ميڪاولي آهي. اها منهنجي راءِ آهي.

سائين غلام رسول ڪلهوڙو انگريزي مقولو ٻڌائيندو هو جنهن جي معنيٰ آهي تہ هيءَ دنيا چئن نوڪن تي هلي ٿي: 1. هَر جي نوڪ، 2. پيـن (قلم) جي نوڪ، 3. تلوار جي نوڪ، 4. نر عضوي جي نوڪ.

سائين محمد علي سومرو هاءِ اسڪول نئين ديري جو ايف.اي هيو. سادگي پسند، ڪچهري ڪندڙ ۽ سٺي انگريزي لکندڙ ۽ سمجهائيندڙ هو. جڏهن هيڊ ماستر صاحب اسڪول ۾ هوندو هو تہ ان جي حڪمن تي هلندو هو پاڻ پنهنجي ڪم سان ڪم رکندو هو. پر جڏهن سائينءَ کي چارج هوندي هئي تہ اصل نہ ويهندو هو. پنهنجي ڊيوٽي ڏاڍي ذميواريءَ سان نڀائيندو هو.

روزانو اسيمبليءَ ۾ اسان کان اڳ پهچندو هو. خصوصاً سياري ۾ استاد گهٽ پهچندا هئا سي جنهن کي اصطلاح ۾ اسان چوندا هئاسي تہ ادا! هاڻي ٿڏين ڪري اسيمبلي "ڦِترڻ" شروع ٿي آهي. سائين محمد پنهل هر سال نئون ڪوٽ وٺندو هو ۽ ٻي موسم ۾ ڪنهن غريب کي ڏيئي ڇڏيندو هو. پاڻ اسڪول جي پئسن کان پري رهندو هو جڏهن تہ ٻيا ڪجهہ نہ ڪجهہ "بٽئي" ڪري وٺندا هئا. هيڊ ماستر صاحب کي بہ ان جو علم نہ هوندو هو. سائين محمد علي سومرو ڊيوٽيءَ دوران دماغ جي رڳ ڦاٽڻ سبب فوت ٿي ويو.

ٽيچرس روم ۾ ڪئين ڳالهيون، سياست، ۽ معاشري جون ٿينديون هيون. انهن مان بہ ڪافي سکيو ۽ پرايو. ايوب خان جي دور ۾ "ڳاڙهي بازارن" تي بندش پئي. اڳ ۾ انهن کي سرڪار طرفان لئسن هوندا هئا. بندش کان پوءِ اُهي ئي عورتون شهرن جي مختلف محلن ۾ ورهائجي ويون ۽ گندگيون، شريفن جي گهٽين تائين پهچي ويون ۽ وڏي ڳالهہ تہ بري ۽ ڀلي جي تفريق ختم ٿي وئي. هونءَ گندگي هڪ هنڌ هوندي هئي ۽ هاڻي اُها هر هنڌ ملي وڃي ٿي.

خدا بخش سانگي صاحب مرحوم پن جون ٻيڙيون ڇڪيندو هو ۽ اڌ چانهہ پيئندو هو. پنهنجي ٻارن جي تعليم تي خاص توجهہ ڏيندو هو.

پرائمري اسڪول ۾ ڪڏهن ڪڏهن ماني بہ پچرائيندا هئاسي. سنڌي ڪُڪڙ ۾ پلاءُ، گوشت يا مڇي وغيره خريد ڪري اسان ماستر عياشي (ڪائڻ پيئڻ) ڪندا هئاسي. ڪچهريءَ ۾ مزو ۽ نشو ٿيندو آهي. اهو سڄي عمر ڇڏي نہ سگهيس ماڻهن جون منافقيون ڏسندي ۽ سهندي بہ انهن کان پري ٿيڻ کان لاچار رهيس. انعام ياءُ جي انجنيئرنگ وڃائيندڙ يا اياز پٽ کي هڙويرو ناپاس ڪندڙ

ماڻهن جون دشمنيون بہ وسارڻيون پيون. ان جو خاص سبب صرف اهو آهي جو "الله مدد ڪندڙ رحم ڪندڙ پنهنجي حساب سان." هلائيندو آيو آهي. اڳتي بہ ان جي حوالي آهيون. اهو ٻاجھ ڪندو.

نوجواني، چانورا، ٺمڪ، ڪاڏا پيتا، ٿڏا پاڻي ۽ گهاٽيون چانهيون (ڪير پتي) پي الله جو شڪر ادا ڪندا آيا آهيون. ماڻهو گرمين جون دانهون ڪندا هئا تہ انهن کي جواب ڏيندو هيم تہ ادا! انهن گرمين ۾ چاوا آهيون. ننڍا ٿي جوان ٿيا آهيون هي "ٻُٽون ۽ گرميون" اسان جو ڪجھ ڪونہ ٿيون بگاڙي سگهن. پر هاڻي گرميون سرديون اثر ڪن ٿيون چو تہ ماڻهن جون منافقون ۽ بيوفايون ايتريون وڌي ويون آهن جو مڻ جُهري پيو آهي. "ماٺ ڪريان تہ مشرڪ ٿيا. ڳچان تہ ڪافر ٿيان." واري ڪار آهي. اڪيلائپ ۽ اُباڻڪائپ آهي. ڪٿي ويهجي ٿو تہ ماڻهو فطرت کان مجبور ٿي ڏنگي ٿا ويهن.

"شور جاڳي اُٿيا صدائن جا، بند آهن چو در وفائن جا." (مجيب ڪنڊر).

دين محمد، محمد پناڻ، دوست محمد عباسي، دلمراد، سائين محمد علي سانگي صاحب ۽ نارائڻ داس وغيره اُڏامي ويا. گهر ياتين ۽ واسطي وارن کي ساريان ٿو تہ "حيات ۽ موت" جو فلسفو پوءِ بہ سمجهڻ سمجهائڻ کان ڏکيو آهي. پر سچ ۽ سچائيءَ کان ڪو انڪار نہ آهي. ڪو تہ آهي هن مانداڻ جو مالڪ ۽ سرجيندڙ.

لـــڏي ويـــا چـــڏي، ڪـــاهـــي ڏڻ ڏنـــار
نـــہ ڪـــا ڪـــوڪ ڪـــنـــن ۾، نـــہ ڪـــا تـــڙ تـــنـــوار
ويـــچـــارا، پـــنـــهـــوار! ڪـــلـــنـــدي رات ڪـــچـــي ويـــا.
(شاهہ)

"پٽڙ پرائو پٽي هر ڪو پنهنجن لاءِ" هڪ پيري ٿي. وي ڏسندي ڪنهن انڊين فلاسافر کي ٻڌو هوم. "ڪنهن پاڙي ۾ ڪا فوتي ٿي. هڪ عورت، ڏکويل گهروارن کي آٿت ۽ صبر جي تلقين ڪري رهي هئي. اتي ئي ان مائيءَ کي خبر پئي تہ سندس پٽ جو ايڪسيڊنٽ ٿي پيو آهي. اُها ساڳي مائي آپي کان نڪري وئي ۽ روج راڙو شروع ڪيائين ۽ صبر جو دامن ڇڏي ڏنائين.

سائين نجي الله عباسيءَ هڪ دفعي ٻڌايو تہ "ڪنهن هنڌ ماڻهو فوت ٿي ويو." هڪ بزرگ ڏکويل ماڻهن کي چيو تہ "ابا جيڪو مري ويو آهي. اُن جا مائٽ هِت گهڻا آهن يا اُتي جيڏانهن ويو آهي." انهن جواب ڏنس تہ اُتي گهڻا اٿس." پوءِ بابا! سمجهو تہ اُتي سکيو ٿيندو دعا ڪريو تہ خدا جہ هُن کي بخشي."

شل! الله منهنجي فوت ٿيل مائٽن ۽ دوستن تي رحم ۽ ڪرم ڪري ۽ هُو اتي خوش هجن.

محمد حيات لوهر، غلام سرور قادري ۽ سائين الاهي بخش سومرو اسان جو ڏاڍو خيال ڪندا هئا. هاڻي تئي رٽائر ٿيا آهن. جتي گڏبا آهيون تہ مُرڪي ملندا آهيون. مامو مولا بخش مرحوم ۽ انور منگريو چوندا هئا تہ شادي ڪري خوش ٿيا هئا هاڻي گهران ٻچي اچي هتي لڪي ويٺا آهيون. هاڻي ڏيو مُنهن. اسان وري هنن کي چوندا هئاسي تہ لنڊ اڪونهان آهيو توهان کي ڪهڙي خبر تہ شادي ۽ ٻچا ٻار ڇا ٿيندا آهن. "نہ ڊيڪٽي نہ ميڪٽي" اٿو پوءِ بہ ويٺا پاڻ پڏايو. اسان کي چڙٻ سان گڏ مُرڪ بہ ملي ٿي. رات جو بہ زور بہ ملندا هوندا. اهڙي قسم جي گفتگو چلولايون ۽ ڪج ادائون بيان ڪندي، هاڻي بہ :

"تنهنجي ياد جي وري آ وير،
لڳي رهي آ، تڏڙي هير."

سڀ دوست قاري صاحب جي مسجد ۾ نماز پڙهندا هئاسي. امتحانن کان اڳ دُعائون گهرڻ، ڪو اسان کان سِکي. اياز صاحب، جنهن جو پيءُ مرحوم محرم علي ڪوڪر، پٽي صاحب جو ڊرائيور هوندو هو. رمضان شريف ۾ سوير اچي مسجد ۾ ويهندو هو. آسُر جو ڏمال وڄائي سيني کي اُٿاريندو هو. قاري صاحب ماڻهن کي روزي لاءِ اٿارڻ جوا هو طريقو ڪڍيو هو.

مسجد ۾ خانہ ڪعبہ جي غلاف کي چمي اُتان عبدالغفار پٽيءَ جي اوطاق تي بہ ڪڏهن ڪڏهن ويڃڻ ٿيندو هو. اُتي غلام سرور ناريجي سان واقفيت ٿي جيڪا دوستيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. اڄ بہ اُتڻ ويهڻ آهي.

مسجد ۾ مرحوم قاضي منظور عليءَ سان بہ ڏيٺ ويٺ ٿي. ان زماني ۾ رات جو چانڊوڪيءَ ۾ سائيڪلن تي رائيس ڪئنال وٺي، ڪرٽين جي وانڊ تي چندو (آنُ) وٺڻ لاءِ وياسي. هاڻي اهو ڳوٺ پنجوديري جي پنيان روڊ تي آهي، نالو اٿس ڪرٽين جي وانڊ.

مولانا شفيع اوڪاڙوي ڪراچيءَ وارو واعظ لاءِ آيو هو. قاضي صاحب، قاري صاحب جي سرپرستيءَ ۾ اهو جلسو ڪرايو هو. پهريون دفعو منظم نموني اردو نعتون، شهر وارن، مني سُر ۾ ٻڌيون هيون. سڄي سنگت گڏ هئاسي.

"الفتح" اسٽوڊنٽس، تنظيم ٺاهي، ان وقت پهريون دفعو فلسطينين "هوائي جهاز" اغوا ڪيو هو. ليليٰ خالد ان ڪمانڊو ايڪشن ۾ هئي. ان عمل کان متاثر تنظيم جو نالو "الفتح" چونڊيو هيوسي. ان تنظيم طرفان لئبرري بہ هلائي،

جيڪا اڳتي هلي بند ٿي وئي.

ان وقت شهر ۾ پڙهڻ وارن جو بلڪل ننڍو حلقو هيو. ڊائجسٽ، ابن صفيءَ جا ناول ۽ سيريز ۽ مذهبي ڪتابن پڙهڻ جو رجحان هيو. مهراڻ ۽ نئين زندگي، عبدالغفار صاحب ۽ فيض محمد ڪٽپر وٽ ايندا هئا." اسان سڀني ۾ روح رهاڻ به پڙهندا هئاسين. سنڌي ادب جي ڪتابن پڙهڻ ۽ خريد ڪرڻ جو رجحان گهٽو ڪونه هو جيڪو غلام حسين ۽ مان گڏجي شروعات ڪئي. بعد ۾ پيا به ڪيترائي نوجوان خاص طور تي جيئي سنڌ وارن ۽ سنڌي عوامي تحريڪ وارن نوجوانن کي سنڌي ڪتابن پڙهڻ ڏانهن گهڻو راغب ڪيو.

سنڌ جا بنيادي تاريخي ڪتاب بلڪل ٿورا هئا اُهي پاڻ پڙهيا ۽ ٻين کي پڙهايا. مان تاريخ ڪلهوڙا به جلد خريد ڪيا هئا. اعتبار ڪريو سنڌي ادبي بورڊ هڪ هزر ڪاپيون ڪافي سال اڳ ۾ ڇپايا هئا، مان ڪتاب خريد ڪري سوچيو هو ته ڇا سنڌ ۾ هڪ هزار پڙهيل خاندان نه آهن جو مون کي اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ ڏاڍا سستا مليا هئا. ائين ذهن ۾ سوچڻ ۽ سوالن جي اٿل پٿل، نوان دڳ ۽ پيچرا ڏنا. مذهب جي ان فلسفي تان هٿ کنيو سي ته مسلمان هجڻ جي ناتي پنهنجي وسيلن ۽ ڌرتيءَ تان هٿ نه کڻنداسين. سوشلزم ۽ ڪميونزم ۾ "ماديت پرست" ضروري آهي تنهنڪري "مسلمانيت ۽ سنڌيت" کي گڏوگڏ سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو آيس. دهرين سان گڏ رهيس پر "الله" جو نالو ڪڍندي هو برداشت ڪري نه سگهيا. "الله" جي وجود تي مان بحث ڪٽي نه سگهندو آهيان. هميشه هارائي ويندو آهيان پر هڪ پل لاءِ به ان جي وجود جو منڪر نه رهيو آهيان. منهنجي زندگيءَ جا پنهنجا تجربا منهنجي آڏو آهن، انهن حادثن مون کي ايڏو پختو ڪيو آهي جو بنا ڪنهن هٻڪ جي چوندو آهيان، مان الله کي اکين سان ڏٺو آهي. ان جي ڪري ئي منهنجو وجود دنيا جي آڏو آهي. الله جي وصف يا تعريف ۾ "هن کي ڏسڻ ممڪن نه آهي. سورة اخلاص جو ترجمو الله جي وجود بابت ڄاڻ ۽ سمجهاڻي ڏئي ٿي. الله کي ڏسڻ ڪنهن لاءِ به ممڪن نه آهي. موسيٰ عہ جي تجليءَ وارو قصو ان جو دليل آهي. پوءِ به الله جي وجود کي مڃڻ خاطر مان ائين اعتماد سان چئي ولندو آهيان. مطلب ٿيو "هو آهي." "هميشه کان آهي." يلا ڪنهن کي پنهنجي ماءُ جي پيٽ ۾ هجڻ ياد آهي؟ جواب ٿيندو بلڪل نه. پوءِ اسين ماءُ جي پيٽ ۾ رهيا آهيون. اهو انڪار ڪرڻ پاڳل پڻو ٿيندو. اهڙي طرح "عالم الارواح" کي ياد نه هجڻ به ائين ئي آهي.

محترم الله ڏنو ناريجو صاحب، گهٽين ۾ رُلندي غلام حسين ڪٽپر ۽ مون

سان ملي ويندو هو. اسان کان ڪتاب وٺي ڏسندو هو ۽ اتي ئي واپس ڪندو هو. هو اسان کي همٿائيندو هو. هُن جا مِٺا ٻول ٻڌي دل باغ بهار ٿي ويندي هئي.

ناريجو صاحب نئون ديري جي انهن ماڻهن مان آهي جنهن جي گفتار مان "سنڌي ادب" جا گفتا ائين ٻڌندو آيو آهيان جيئن ڪنهن آبشار جو وڻندڙ آواز. ڪچي ۽ ٻهراڙيءَ جون ڳالهيون هُن کان ٻڌيون جيڪي ڪتابن ۾ اڃا جاءِ وٺي نه سگهيون آهن. هو سٺو استاد ۽ ايماندار هيڊ ماستر رهيو. اسڪولن ۾ ايمانداري سائين اختر علي اويسي، الله ڏني ناريجي، محمد سومر بلوچ ۽ عبدالمجيد ڪوريجي کان سِکي باقي سڀ مينهاڻي ريجاڻي، چڙهندڙ سجن جا پوڄاري هيٺ مٿاهيون ڪندڙ ڏٺا. الله شل!! اسان سيني تي ٻاجهه ڪري. (آمين)

❋❋❋

# ڀٽي صاحب جو بنگلو

نئون ديرو شهر ڀٽو خاندان، سان لاڳاپيل رهيو آهي. مرحوم رسول بخش خان ڀٽو ۽ خانبهادر احمد خان ڀٽو ميرپور ڀٽو صاحبان جي نُک (رت جو رشتو) مان آهن. ذوالفقار علي ڀٽو صاحب ۽ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ، ڳڙهي خدا بخش خان ڀٽو جي مائٽن مان آهن.

ڀٽن جي "سرداري پڳ" ميرپور وارن وٽ رهي آهي. جڏهن تہ سياسي اثر رسوخ ۾ سر شاهنواز ڀٽو (ڳڙهي ڀٽو) کان پوءِ ڀٽو صاحب سيني کان اڳتي نڪري ويو.

لاڙڪاڻي، ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران، مون ڀٽو صاحب کي، ايوب خان جي زوال واري دور ۾، سندس بنگلي "المرتضيٰ" آڏو بک هڙتال تي ويٺي ڏٺو. ٻئي نياڻيون سندس پير ۾ ويٺيون هيون. 1970ع واري اليڪشن ۾ ڀٽي صاحب تمام وڏي محنت ۽ طوفاني دوره ڪري موجوده پاڪستان ۾ وڏي ڪاميابي ماڻي. وڏا وڏا نالي وارا سياستدان، اليڪشن هارائي ويا. سنڌ ۽ پنجاب ۾ پ پ پ وڏي

اڪثريت ماٺي. جڏهن تہ سرحد ۽ بلوچستان ۾ مذهبي ۽ قومپرست جماعتون اڪثريت سان اليڪشن کٽي آيون.

اليڪشن دوران پيتو صاحب ١٥ کان ٢٠ ڪلاڪ مسلسل گاڏين جي قافلي ۾ سفر ڪري، ماڻهن کي پنهنجو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو هو. ان وقت ايترا روڊ ڪو نہ هئا. جتان گاڏين جو قافلو گذرندو هو ڌوڙ (مٽيءَ) جا ڪڪر آسمان تي چانئجي ويندا هئا. پيٽي صاحب جو هر ڳوٺ ۽ واهڻ ۾ پهچڻ، ماڻهن لاءِ نئين ڳالهہ هئي. هر هڪ ائين چوڻ لڳو: "پيتو صاحب پاڻ آيو آهي، ووٽ تہ ڇا سر گهري تہ اهو بہ حاضر آهي." ائين سياست ۾ هُن قاضي ۽ کهڙن صاحبن جي، ڪمدارن، ڪاراون ۽ وڏيرن هٿان، ووٽ وٺڻ واري روايتن کي پور پور ڪري ڇڏيو. هر غريب ماڻهوءَ ۾ عزت پريو احساس جاڳيو. ائين پيٽي صاحب ماڻهن کي ووٽ جي اهميت کان واقف ڪرايو هو.

49_1948ع ۾ مان ۽ غلام حسين ڪٽپر، شام جو يا موڪل جي ڏينهن ڪتاب کڻي بنگلي جي ڇپر تي ويهي پڙهندا هئاسين. مالهي ۽ ملازم اسان کي ڪو نہ روڪيندا هئا. صرف هڪ دفعو تاڪيد ڪيو هئائون تہ گل ۽ پيوندي انبن مان انبڙيون نہ پٽجو. ان وقت سنڌڙي، چورسو ۽ بيون جنسون عام ڪو نہ هيون. صرف ديسي انب ٿيندا هئا. جيڪي هاٺي ختم ٿيڻ تي اچي پهتا آهن.

پيٽي صاحب جي بنگلي جي اولهائين پاسي کان، سائين نور محمد ميراڻي جي گهر کان بلڪل سنهڙي گهٽي، ڏکڻ طرف "خدن ويراڳيءَ" جي گهر سان پيٽي صاحب جي حويلي "گهر واري جاءِ" آهي. اُتي "بيگم شيرين پيتو صاحبہ" رهندي هئي. ان رستي کي بنگلي جي بورچيخاني وارو رستو سڏبو آهي. اُهو رستو اتر طرف وڃي غلام سرور ناريجي جي گهر واري ويڪري رستي سان ملي ٿو. ڪٽپر صاحب ۽ مان اهو رستو اچڻ وڃڻ لاءِ استعمال ڪندا هئاسين.

هن وقت پيٽي صاحب جي حويلي بند آهي. مان ٨٠-١٩٨٤ع ۾ مرمت وغيره جي موقعي تي، اُها گهمي ڏٺي هئي. خانبهادر مرحوم جي رهائش واريون جايون ويران ۽ ڊٺل هيون. باقي بہ جايون سيمينٽ جي دور جون ٺهيل هيون جن ۾ بيگم صاحبہ رهندي هئي. هڪ جو مُنهن اولهہ طرف ۽ ٻيءَ جاءِ جو منهن اوڀر طرف هيو. نمن ۽ ٻين وڻن ڪري ڇانورو هيو. حويليءَ جي ايراضي گهڻي هئي. اوڀر طرف ڪاٺ جو دروازو، بنگلي ۾ اچڻ وڃڻ لاءِ لڳل هيو. جيڪو اسان شروع کان بند ڏٺو. ممڪن آهي خانبهادر جي وقت ۾ استعمال ٿيندو هجي.

بنگلي کي ڏکڻ ۽ اتر ۾ بہ ويرانيا آهن. ڏکڻ ۾ اڳڻ کان پوءِ باغيچو هو. اتر

۾ گل ٻوٽا، ڪونڊيون ۽ ڪٽيل ڇپر جا ٻه ٻارا هوندا هئا. اسين اتي ويهي ڪچهري به ڪندا هئاسون ۽ امتحان جي تياري به ڪندا هئاسين.

مون کي ياد آهي ته مون کان پڙهڻ ڪو نه ٿيندو هو. نوجواني، الهڙپڻ، بي فڪري، گل، ٻوٽا، اهڙي رومانٽڪ ماحول ۾، ڪڏهن بنگلي جي اڏاوت، ڪڏهن خوابن ۾ وڃي ويندڙ خاموشيءَ تي سوچيندو هوس. اوچتو پکين جي لاتين (آوازن) ڏانهن توجهه ڇڪجي ويندو هو.

بنگلي جو وڏو گيٽ اوپر طرف کان آهي. ڪُشادي رستي کان پوءِ باغ هوندو هو. ڪڏهن اوچتو "ڪوئل جو آواز" ڇرڪائي، درد ۽ پيڙا منهنجي دل ۾ اوتي خاموش ٿي ويندو هو. "سانت کي پنهنجي تات" ٿيندي آهي. پر پوءِ به ڪجهه ڪو نه سمجهه ۾ ايندو هو ته "ڪوئل جي ڪوڪ" ۾ ايڏو اثر ڇو آهي. فقير علي محمد قادري لاڙڪاڻي جي شاعر چواڻي:

"زخمِ دل، تدبير سان ڪڏهن نه ڇٽندو اي طبيب،
ان جي لُپري، انجو ٻرڪو انجي مرحم ٻيءَ طرح."

جيڪي پنهنجي يارن کان وڇڙندا آهن، اُهي نه جيئندا آهن ۽ نه مرندا آهن. سڄي عمر ڪنهن کي ڳوليندا آهن. در در ڪڙو ڪڙڪائيندي ۽ صدائون ڏيندي هو ٿڪبا ڪو نه آهن. "ڪوئل جي ڪوڪ" ٻڌڻ سان، بيچيني وڌي ويندي هئي. ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ سيني کي ڪو چيري، دل کي ٻاهر ڇڪي ڪڍي پيو. ڪوئل کي فطرت طرفان "رڙين ۽ دانهن" جي اجازت ملي. مٿان ان ۾ ايڏو تاثير جو ڇا چئجي. پر ڪن کي ٻولڻ جي به اجازت نه هوندي آهي. ساهه به لِڪي لِڪي کڻندا. آهه به ڪو نه پريندا ته مٿان ڪا ڪچائي ٿي پوي. مرشد لطيف رحہ ڪيڏي نه سهڻي سٽ سرجي آهي.

"سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري" (شاهہ)

ائين سائنس کان بيزاري، قدرتي ۽ حقيقي شين ڏانهن لاڙو وڌندو ويو. انساني زندگيءَ جي اهميت ٿي ڪيتري آهي. ناتجربيڪاري ۽ گهٽي علم هئڻ ڪري، مغز ۾ ڪئين سوال اڀرڻ لڳا. جواب ڪٿان اچن، ڪنهن کان پڇجن. ان جستجوءَ ۾ حياتي اچي پوري ٿي آهي.

"جي ماسو مليئي مال، ته پينارا پُر ٿئين" (شاهہ)

پاڻ کي نه ماسو مليو نه چين مليو. سڪندي نه ٿڪاسين نه ڪنهن کان ڌڪاسين. بس! الله جو ڪرم ۽ رحم ڪيپي.

هڪ دفعي معمول موجب صبح جو ڪنٽپر صاحب ۽ مان بنگلي جي ڇپر

ٿاهيو بيٺا پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيا هئا. اوچتو پيٽي صاحب جي نظر ٻاهر اڱڻ ۾ ويٺل ماڻهن تي پئي. اتي ويٺل جان محمد خان جلباڻيءَ کي سڃاڻائين. هن اچي هٿ ملائي عيد مبارڪ ڏنس. خير و عافيت کان پوءِ پيٽي صاحب چيس تہ ڪو ڪم ڪار؟ هُن پاڻيءَ ۽ بين مسئلن لاءِ چيس.

ان وقت لاڙڪاڻي جي ڊي سيءَ کي ڪم اڪلائڻ لاءِ چيائين. جان محمد خان وڏيڪ چيس تہ سائين! رائيس ايڪسپورٽ جي پرمٽ جي بہ عنايت ڪيو. پيٽي صاحب ڏاڍي خوشگوار موڊ ۾ مُرڪي چيس تہ "اها جلباڻين کي نہ ملندي" مون ڏٺو تہ پيٽي صاحب جملو پورو ڪندي ئي، مٿان وڏيڪ چيو تہ في الحال پرمٽ تي بندش آهي. جڏهن بہ بندش لهندي تہ اُها بہ توهان کي ملي ويندي. ڊي سيءَ کي جان محمد خان جي خيال رکڻ لاءِ وري چيائين.

جان محمد خان جلباڻي اصل مسوديري جو جلباڻي هيو. پنهنجي سردار سان ڪجهہ اختلاف هئس، جنهن ڪري ممتاز علي خان وٽ ايندو ويندو هو. گذريل اليڪشن ۾ پيٽو صاحب مسوديري، جان محمد خان وٽ آيو هو. مسوديرو جيئن تہ منهنجو ڳوٺ آهي. پيٽي صاحب جي اچڻ جو احوال مونکي ممتاز علي شيخ ٻڌايو هو. هو دوڪاندار هيو. جيستائين جان محمد خان جن پنهنجي اوطاق کولين تيستائين ممتاز علي شيخ پيٽي صاحب کي ڪرسي ڏئي ويهاريو هو. بلڪل اوچتو پيٽو صاحب آيو هو ۽ جلدي واپس موٽيو هو. ان مختصر ملاقات ۾ جان محمد خان کي پنهنجي بنگلي تي سڃاڻي ويو هو.

پيٽي صاحب جي حڪومت جي دور ۾ هتان شهر مان چوري ٿي هئي. بنگلي تي رهندڙ ملازمن پيرا ـ پيٽيءَ جو اعلان ڪرايو. شهري پيرا ـ پيٽيءَ ۾ شريڪ ٿيا. جڏهن قاري عبدالحميد جيڪو پنهنجي مسجد جو پيش امام ۽ عمر رسيده، پيرا ـ پيٽيءَ لاءِ پهتو تہ شهر ۾ اها ڳالهہ عام ٿي وئي. سمجهدار ۽ سنجيده ماڻهن کي ڏاڍو افسوس ٿيو هو.

مان پنهنجي ٻڪ مان بہ تي ڪٿا ڪٽي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن شهر جي ماڻهن وٽ اهڙين ڳالهين جا جهول ۽ پريون آهن. مان چاهيان ٿو تہ سليقي سان اهي ڪجهہ نہ ڪجهہ لکڻ گهرجن.

پيٽو صاحب وڏو فياض هئڻ سان گڏ جذباتي بہ هيو. بنگلي ۾ ڪچهرين دوران مون اکين سان ڏٺو ۽ هن جو آواز ڪنن سان ٻڌو. جڏهن ڪچهريءَ دوران اهڙو مرحلو ايندو هو تہ سربات وغيره بند ٿي ويندا هئا. اصل پن ڊراپ خاموشي ڇانئجي ويندي هئي. سوين ماڻهن جي سامهون اهو سڀ ڪجهہ ٿيندو هو. اصل

سانت چانئجي وئي. سڀ ڏڪارا ۽ تڪليف ۾ اُٿي ٻاهر آياسون. سڄو شهر سوڳ ۾ بند هو. هن شهر جي شهرين جيڪي عذاب سٺا آهن انهن تي ٻه پورو باب لکي سگهجي ٿو.

محترمہ اقتدار ۾ آئي. شهر ۾ رونقون بحال ٿيون. اميدن ۽ آسرن تي جهان هلي ٿو. هر ماڻهو نوڪرين لاءِ پڇ ڏڪ ۾ بنگلي ڏانهن. محترمہ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو. محترمہ ٻه پنهنجي پيءُ جي نقشي قدم تي هلي، ”جهول آرڊرن“ جا شهر جي نوجوانن کي ڏنا.

مٿي جي اڇن وارن جو ڀرم رکڻ خاطر ٽڪائينڊڙيچ ڊڪ ڪري، مان انهن ڪچهرين کي اڪين سان ڏسي نہ سگهيس. ظاهر آ جيڪو ڀٽي صاحب جي ڪچهرين مان مزو ۽ لطف ماڻيو هو ان کان محروم رهيس.

جميل احمد قريشي جي سنگت، ”شهيد زيڊ اي ڀٽو“ والي بال ٽورناميـنٽ جو اعلان ڪيو. هاءِ اسڪول نئين ديري جي استادن جون پاسون ٺهيون. اهڙي نموني محترمہ کي وري ويجهو ڏسڻ جو موقعو ملي ويو.

هوءَ اڳي کان مختلف، قداور صحتمند ۽ سنجيده لڳي رهي هئي. هوءَ هشاش بشاش ۽ وقار سان، راند ڏسي رهي هئي. هُن ڪافي ٽائيم ڏنو هو.

جميل قريشي، استاد حبيب جو ننڍو ڀاءُ هو. هي شهر جو نوجوان هيو. ايم- آر-ڊي دوران، هن ڏاڍو تشدد سٺو هو. جيل ويو. محترمہ کيس ذاتي طور سڃاڻندي هئي. شهر جي چڱن مڙسن کي غلط ڪمن ڪري سڏيون ڀڏائيندو هو. بيباڪ ۽ دلير نوجوان هيو. سڀني عزت وارن جي عزت ڪندو هو. نوڪريون وڪڻندو نہ هو. ڪافي ماڻهن جي ڪم ايندو هو. پوري دور ۾ مال، ملڪيت ڪو نہ ٺاهيائين. لالچي ۽ ٺڳ نہ هو. سندس فئملي اردو ميڊيم واري هئي پر ڀٽي ڀائر شروع کان سنڌي پڙهيا هئا. سندن سياءَ ڪري، سڀ سندن عزت ڪندا هئا. ڪومت پيد نہ هوندو هو. جميل قريشي، ذاتي مسئلن جي ڪري، جوانيءَ ۾ ماريو ويو. هُن منهنجي ڀاءُ کي، فزڪس جي ايس. ايس طور سيڪريٽري تعليم کي چئي نئون ديري هاير سيڪنڊري اسڪول ۾ رکرايو هو. ياد رهي تہ منهنجي ڀاءُ ”انعام“ 1994ع ۾ ڪميشن پاس ڪئي هئي.

مير مرتضيٰ صاحب، ڀٽو فئمليءَ جو اثاثو هو. هن جنرل ضياءَ جهڙي آمر سان مهاڏو اٽڪايو. عياشين واري زندگي ڇڏي ”ڪمانڊو“ بڻيو. سنڌ جي ريتن ۽ روايتن هن کي همٿايو تہ هو ”پيءُ جو پلانڊ ڪري“ جنرل ضياءَ جي جيئري هئڻ دوران هو ڪڏهن ٻہ سک سان ڪين سُتو. شاهنواز جي موت ڪيس محتاط تہ

ٻڌائي ڇڏيو پر هُن هٿيار ڦٽا ڪو نہ ڪيا هئا. شام، لبيا ۽ افغانستان هن جا ميزبان ملڪ هئا. سندس وڏي خوبي اها هوندي هئي تہ ”هو ڪارڪنن سان ڏاڍو پيار ڪندو هو.“ شهر جا ڪافي نوجوان مير صاحب جي ڏيهہ ورڻ کانپوءِ لاڙڪاڻي بنگلي تي ملندا هئا. هو حال احوال ڏيندا هئا. نئون ديري جي ”رضا“ مگٽيجي جي اوطاق تي دعوت تي آيو هو. مخصوص ماڻهن کي دعوت هئي. مير مرحوم جي خواهش هئي تہ ”نئين ديري جي عيد گاهہ ۾ جتي سندس والد عيد نماز پڙهندو هو هو بہ انهن شهرين سان نماز پڙهڻ ۽ عيد ملڻ ٿو چاهي.“ محترمہ اقتدار ۾ هئي. شهرين محترمہ جي ڪاوڙجڻ جي خوف کان، مير صاحب جو اهو خواب پورو ٿيڻ نہ ڏنو هو. ڪهڙا ڪردار ان ۾ متحرڪ هئا، انهن جي نالن جي تصديق نہ ٿي ڪري سگهجي پر ڪنڊ سنڌ ۾ اها ڳالهہ عام هئي.

اهڙين ڳالهين کي وڌيڪ هَٿي تڏهن ملي جڏهن مير مرتضيٰ نئون ديري شهر ۾ پنهنجي پلاٽ تي جلسو ڪيو. پري پري کان تہ ماڻهو آيا هئا پر مٿينءَ سطح وارا شهري شريڪ نہ ٿيا هئا. غريب غربا ان ڪري شريڪ نہ ٿيا هئا جو ڪين نوڪريون وڃڻيون هيون يا ٻئي ڪنهن خوف ۾ ورتل هئا. هُن اردوءَ ۾ تقرير ڪئي هئي. ڏاڍو سنو ڳالهايو هو. منهنجي توقع کان وڌيڪ قدآور هو.

برصغير جي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ ”هندوستان ۾ جيڪڏهن ’سڀاش چندر‘ جي هٿياربند جدوجهد نہ هجي ها تہ انگريزن جي ترڏا ويڙهہ نہ ٿئي ها. محمد علي جناح ”قائد اعظم“ موهن لعل گانڌي ”مهاتما“، سڀاش چندر بوس ”نيتا جي“ جي لقبن سان مشهور هئا. قوم لاءِ هر وڙهندڙ منهنجو آئيڊل آهي. ”سڀاش“ محبِ وطن هندوستاني هو. هن جي لاش ملڻ جي اڃا تصديق نہ ٿي سگهي آهي. افغانستان کان جپان ويندي ٻي جنگ عظيم ۾ گم ٿي ويو هو.

ضياءَ جي دور ۾ پ پ پ جي ڪارڪنن سياسي جدوجهد ڪئي. پر ان کي مرتضيٰ جي ڪارڪنن رت ڏئي، ڏيئا روشن ڪيا. پلا! ڪهڙو سنڌي، ”توڙي ٿانڪ“ ۽ ڪيٽي بندر واقعن کي وساري سگهي ٿو. ٻئي واقعا جدا پارٽين جا آهن پر انهن شهيدن جي ”ٻولي ۽ جذبو“ ساڳيو آهي.

مرتضيٰ جي جسم تي، ضياءَ جي ايجنٽن جي ڪيل موتمار حملن جي گولين جا نشان هئا. هو ايڏو ترينڊ ۽ سخت جان هو جو ڪلفٽن تي گولين لڳڻ سبب هن جو جسم تہ مرده هيو پر هن جو دماغ زنده رهيو. اهي ڊاڪٽري رپورٽون اخبارن ۾ شايع ٿيون هيون. سڏين گولين لڳڻ ڪري هو روڊ تي تڙپيو هو. ڪافي ٽائيم وڃائڻ کانپوءِ کيس ان اسپتال ۾ نيو ويو هو جتي مڪمل سهولتون موجود نہ هيون.

مير صاحب جي ڪنڊولنس لاءِ وري بنگلي تي ويا هئاسون. سڄي سنڌ ان موقعي تي سوڳوار هئي. بنگلي ۾ بلڪل ٿورا ماڻهو هئا. پهريون دفعو اسان کي قطار ۾ بيهاري، واري واري سان چيڪنگ ڪانپوءِ مين گيٽ کان اندر ڇڏيو ويو هو.

سالن ڪانپوءِ مان بنگلي ۾ اندر ويو هوس. سڄو بنگلو گهميل هيو. جتي پٽو صاحب ويهندو هو اتي شيشي جو دروازو لڳايو ويو هو. دالي جي اوپر ۾ ڪمرو ۽ اولهه ۾ ڊائننگ هال. اندر وڏو هال ۽ آمهون سامهون ڪمرا آهن. محترمه کي ويٽل نه ڏسي مان هال جي دروازي پرسان بيهي رهيو هوس. ٿوري دير ۾ اوپر واري ڪمري مان محترمه ٻاهر آئي. دروازي کُلڻ ڪري مون ڏٺو ته آصف صاحب به اتي ويٺو هو. ٻه ٽي ٻيا مهمان به هئا.

دُعا گهري "رضا الله جي" جي آوازن کان پوءِ هڪ نعرو لڳو جنهن کي به روڪيو ويو. خاموشي، صدين جا پڙاڏا ذهن ۾ اڀرڻ لڳا. پنهنجي سوچن ۽ ڪيفيتن کي الفاظ ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.

محترمه کان پاءُ کسڻ لاءِ پوءِ اقتدار به کانئس ايئن واپس ورتي ڇڏيائون، جڻ هوءَ ڪانٽريڪٽ تي آئي هئي ۽ اهو معاهدو منسوخ ڪيو ويو هجي. اسان جي شهر جون رونقون وري گهٽجي ويون. اداسيون وڌي ويون.

محترمه دُبئي هلي وئي. بيگم نصرت ڀٽو صاحبه به اڳ ۾ گمناميءَ ۾ هلي وئي هئي. مير صاحب جي موت، هن کان سڀ ڪجهه کسي ورتو هو.

پرائيويٽ چئنلن تي "ٽاڪ شوز" ۾ ڳالهائيندڙ چوندا آهن ته "سنڌ والون کو آپ ني چار جوان لاشين دي هين." الائي ڇو هو "بيگم صاحبه" کي وساري ويهندا آهن.

سڄي عمر "سنڌ ڌرتيءَ" کي ڳايو ۽ نروار ڪيو آهي. مان پوءِ به چاهيان ٿو ته هن بهادر عورت تي جيڪي هماليه جا پهاڙ ڪريا آهن انهن تي جدا لِکان. مير صاحب سان هن جي محبت، موت جو ٻڌي هن جو هوش وڃائڻ ڪا معمولي ڳالهه نه آهي. هن کي سنڌي ڪو نه ايندي هئي پر پوءِ به سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان هن تي لکڻ چاهيان ٿو. مون کي ڪهاڻي يا ناول لکڻ ڪو نه ايندو آهي. ڪو "ناول نگار" اهڙي طرز تي ناول لکي ته لکڻ لاءِ ڪافي مواد ۽ ضرورت آهي.

محترمه جي موت (شهادت) تي اڳ ۾ جدا مضمون (سنڌي ماڻهن جي سياسي ۽ سماجي سوچ) مان لکي چڪو آهيان. وري دهرائڻ نه ٿو چاهيان.

محترمه جڏهن آخري دوري دوران لاڙڪاڻي آئي هئي ته رات اڇي نئين ديري بنگلي تي ترسي هئي. محترمه پنهنجي رهڻ لاءِ بنگلي جي اندر نئون

"هائوس" ٺهرايو هو. "شيرين بيگم صاحبہ" جي رهائش وارو گهر استعمال نہ ڪندي هئي. هُن پنهنجي بنگلي جي ملازمن کي چيو هو تہ "مون کي بنگلي جي ڪوٺي تي هلڻو آهي." متي چڙهي محترمہ سڄي شهر جو نظارو ڪيو هو. اهو احوال مون کي هڪ پياري ماڻهوءَ ڳالهين ۾ ٻڌايو هو.

چا! انسان جي اندر ۾ ساهہ جي رڳن کان ويجهو (الله) اهو العام ڪندو آهي تہ "پنهنجون خواهشون پوريون ڪري وٺو!" وڌيڪ تفصيل لکڻ اجائي ڏيگهہ ٿيندي. بعد ۾ راولپنڊيءَ وارو سانحو ٿيو ۽ "سنڌ" وري روڄ ۽ راڙي ۾ پئجي وئي . الله رهندڙن تي پنهنجو رحم ۽ ڪرم ڪري.

بنگلي جا ملازم: يار محمد خان پٽو منشي نظر محمد، لعل بخش مشوري ۽ خدا بخش ڦليپوٽو وفات ڪري ويا آهن. رياض ڦليپوٽو ۽ ٻيا ڪافي ڪراچي، اسلام آباد ۽ دبئي وغيره هليا ويا آهن. سڀ لوڪل ملازم بنگلن تي هوندا آهن.

پٽو صاحب جي ويجهو نور محمد ڪوڪر ۽ محمد عرس جوکيو رهيا آهن. "جوکيو" تہ بيگم صاحبہ ۽ محترمہ جي بہ تمام گهڻو ويجهو رهيو.

شهر جي چيڙي نبيري ۽ اسٽيٽ کي سنڀالڻ لاءِ عبدالقيوم پٺاڻ. فهيم چوڏري ۽ اعظم خان بہ مئنيجر رهيا.

بيگم شيرين پٽو صاحبہ جڏهن پنهنجي حويليءَ ۾ رهندي هئي تہ اتي "دربان" سائينداد پٽو هوندو هو. هو جڏهن ڪو بيگم صاحبہ جو حڪم ڪٺي بنگلي جي ملازمن تائين پهچائيندو هو تہ انهن کي چوندو هو "دروازي" تان حڪم آهي تہ هي ڪم هيئن ٿيڻ گهرجي. "دروازو" يعني پٽي صاحب جو گهر. بيگم صاحبہ اڄ ڪلهہ اها ٽرمينالاجي ختم ٿيندي پئي وڃي.

بيگم شيرين پٽو صاحبہ کي اولاد ڪو نہ هئي. هوءَ دين محمد پٽي وارن جي مائٽياڻي هئي. آخري وقت تائين انهن سان رهي. محترمہ پڻ هن جو وڏو خيال ڪندي هئي.

دين محمد پٽو ۽ اسان يحيٰ خان جي دور ۾ لاڙڪاڻي ڪاليج ۾ پڙهندا هئاسين. هو خوبصورت ۽ دلبر ماڻهو هوندو هو. سيني ۾ هو مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. جيتوڻيڪ هڪ شهر ۽ پاڙي ۾ رهندي ملڻ پيو ٿيندو آهي. مان هن کي سلام ڪندو آهيان، چو تہ منهنجي خيال ۾ هو صفا "فقيرمنش" آهي. هو زَهرن (مچي مارينڊڙ ميربحرن) جي ويجهو آهي. ڪار ۾ انهن کي چارن سميت ويهاريندو آهي. هن کي نوريءَ بنا نئين ديري جو "تماچي" سمجهندو آهيان. اِها آدا هُن جي مون کي مجبور ڪندي آهي تہ مان هُن کي سلام ڪريان. هُن جي

موٽر سائيڪل (هنڊا ۷۰ جپاني) بہ منفرد هوندي هئي. نہ چين ڪُون نہ پڪا پر دين محمد بيپرواهہ گوڏ ۽ گنجيءَ ۾ پيو ان تي هلندو. مون کي مزو تڏهن ايندو آهي جڏهن گرمين ۾ قميص ڪلهي تي رکي، پلتي هڻي ويٺو هوندو آهي. ڪيس نوجوان پٽ آهن. سُٺا ڪپڙا پهرڻ وارا، خوبصورت، ڪاريون، بنگلا، پر سليقي سان جيئڻ وارا، محمد حسن ڪٽپر سان گڏجي ڪچهريون ڪبيون هيون. کائڻ پيئڻ، ٺمڪ وغيره. الله کين خوش رکي.

نئون ديري جي ٽاٽي واري روڊ سان دين محمد پنّي جي ٻني آهي. واڪ ڪندي ڪڏهن ڪڏهن ان روڊ سان نڪري ويندو هيس. هڪ دفعو ڏسان تہ مسڻ جي سامهون، دين محمد پنهنجي ٻني (زمين) ۾ مڇيءَ جي ڪڏ (پٽ يا جزيره نما) ٺهرائي رهيو آهي. ڪڏ جي وچ ۾ مٽيءَ جي تمام وڏي دڙي تي جڳهہ بہ ٺهرائي اٿائين. روڊ سان ڳنڍيل هئڻ ڪري دل چيو تہ هليو وڃان. مٿي چڙهي چوڌاري نظارو ڪيان. موقعو مليو تہ محمد حسن ڪٽپر کي چوان تہ ايندڙ عيد تي اتي شهر مان پڪوڙا، سنبوسا ۽ جوس وغيره وٺي هلي کائجن پيئجن ۽ آسپاس ماحول مان مزا ماڻجن. اهڙا خواب تہ ساپيان ٽيڻ گهرجن. اهڙو "جزيرو" مشتاق علي خان پنّي جي فرزندن بہ ٺهرايو آهي، اتي هو ٻيڙي تي ويندا آهن. دين محمد پنّي جو ڳالهائڻ ٻولهائڻ مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. صفا پروٽوڪول نہ هوندو اٿس. اسان ٻنهي جي وچ ۾ تڪلف آهي. جن سان ڳالهائيندو آهي، اهي بہ ائين ئي جواب ڏيندا اٿس. ڪنهن کي ڊپريشن آهي تہ دين محمد جي پرسان چُپ ڪري ويهي رهي. مون کي پڪ آهي تہ بغير دوا وٺڻ جي، هن جي ڪچهريءَ مان خوش ٿي ويندو.

بنگلي سان وابستگي مرحوم خدا بخش سانگيءَ (تعليمي آفيسر) جي بهرحال آهي. سائينءَ تي ٻئي حساب سان لکندس، چو تہ اسان جي حلقي، "فُقرائي لڏي" جو هو بہ ميمبر رهيو آهي. دل ڪولي اهي احوال لکبا پر بنگلي سان وابستگي وارو احوال پيو ڪو لکي.

1949_70ع ۾ هڪ ڏينهن شام جو گهر وڃي رهيو هيس. الله ڏنو سومرو ۽ دين محمد صاحب ٽولو ٽاهيون پوسٽ آفيس وٽ، "موٽي" پنجابيءَ جي ريڙهيءَ جي چوڌاري بيٺا هئا. مان روڊ جي ٻيءَ ڪنڌ کان چپ چاپ گذري رهيو هئس تہ "موٽي" مون کي "خندق" هنئي. منهن ڦيرائي هن ڏي ڏٺم. ڏٺم تہ باقي ٻيا سڀ سنجيده لڳا پيا هئا. مان صبر ڪري گهر هليو آيس. جلدي غوٿل ميراڻيءَ کي ڳولي ان سان ڳالهہ ڪيم. هن لٺ کنئي ۽ "موٽي" کي ڳولڻ لڳاسين. هو ملي ويو.

مجيائين تہ "مون کان غلطي ٿي آهي. پر دين محمد صاحب ۽ ٻين مون کي ڇيو. ائين معاملو ختم ٿي ويو. صبح ٽرين تي سڀ گڏياسين. ڪنهن کي ڪجهہ ياد نہ هو. ان ڏينهن کانپوءِ "موٽو" مون کي "منگي صاحب" سڏيندو هو. هن دنيا جا ڪئين رنگ آهن. خوشبوئون آهن. الله سيني کي بدبوئن کان بچائي. "موٽو" هتان هليو ويو. سکر ۾ "صابو پاڻي" وارو ۽ "موٽو" وغيره ملي ويندا آهن. لک قرب، ماني ۽ چانهہ جون صلاحون. ٻانهون ٻڌي، مُرڪي موڪلائيبو آهي. "موٽو پنجابي" نئين ديري جو پورهيت ڪردار آهي. پٽي تبسم صاحب نثر ۾ انهن کي لکي سنو نياهي سگهي ٿو. تبسم صاحب اسان سيني ۾ آل رائونڊر آهي. مان ان ڪري بہ هُن ڏانهن پنهنجو چيپل مواد موڪليندو آهيان تہ شل! هو منهنجي چڏيل ڳالهين کي قلمبند ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي. هڪ دفعو لکڻ ۾ شروع ٿيو تہ مڪمل ڪرڻ جي سگهہ هن وٽ سيني کان وڌيڪ آهي. هن وٽ انهن ڳالهين جو قدر ۽ ماڻهپو آهي. هو سمجهي ٿو تہ

"پورا سمٺا پيئنڊ هتان جا، ڇا جي چاندي ڇا جو سون."

***

# مرحوم پروفيسر نذير احمد سومرو
# اديب، نقاد ۽ دوست

حال امداد جو پڇو ڇا ٿا؟
اڄ مڙئي سور ڪجهه سوايو آ

لاڙڪاڻي کان ايندڙ نئين ديري واري بس تي ڪيهرن کان، گهر ڏانهن موٽي رهيو هوس، ويٺل ماڻهن تي نظر ڦيرايم. پروفيسر صاحب جي فيمليءَ جو هڪ فرد به ويٺل هيو. کانئس سندس صحت بابت پڇا ڪيم.

”طبيعت بهتر ڪو نه اٿس، اڳي کان تڪليف وڌي وئي اٿس.“ هن جواب ڏنو. پٺي خاموش ٿي وياسين. هو پيرڳوٺ اسٽاپ تي لهي ويو ۽ مان سوچيندو گهر پهتس.

شام جو اڪيلو قدرت الله سان ملڻ لاءِ نڪتس. رستي تي مولوي

عبدالرحيم صاحب مليو ڳالھ ٻولھ ٿي. ٻڌايائين: "سومري صاحب جي خبر پئي آهي، اوڏانهن پيو وڃان." ٻئي ڳڏجي قدرت الله سان ملياسين. پروفيسر صاحب جي در تي ٿورو انتظار ڪري، پردي ٿيڻ کان پوءِ گهر جي هڪ ڪمري ۾ پهتاسين. بيڊ تي ڪمبل پايون، پروفيسر صاحب سمهيو پيو هو. سندس پٽ، ٻانهن ۽ هٿن کي هلڪا زور ڏئي رهيو هئس. اسان صوفي تي ويهي رهياسين. هن اسان جي وجود جو ڪو نوٽيس ئي نہ ورتو. سندس حالت "جعفر" ڏامراهن واري شاعر جي هيٺين شعر جهڙي هئي:

"ڪجھہ وقت لڙي، ڪا خبر تہ لهو
هي جان جنجل ۾ ٿي وئي آ،
بس هڏن جو پڃرو ڏسندين اڃي،
سچو خون ئي ڳٽتي پي وئي آ.

قدرت الله، پروفيسر صاحب جي ويجهو ٿيندي، اسان جا نالا وٺي ڪانئس پڇيو: "انهن کي سڃاڻو ٿا؟" ڪنڌ سان بلڪل هلڪي هائو ڪيائين ۽ وري لاتعلق ٿي ويو. مطلب تہ غشيءَ جي حالت ۾ لڳو قدرت الله ٻڌايو: "ڪالھہ کان اها حالت اٿس! ڪڏهن ڪڏهن ڪجھہ بهتر بہ ٿي وڃي ٿو ۽ ڪجھہ لفظ بہ ڳالهائي ٿو."

مولوي صاحب آيت الڪرسي پڙهائي، پاڻيءَ تي دم ڪرائي، پروفيسر صاحب کي بہ چمچا پاڻيءَ جا پياري، چانهن پي موڪلائي واپس آياسين. اها پهرين ڊسمبر جي تاريخ هئي، جيڪو دوست گڏيو. اُن کي سومري صاحب لاءِ دعا ڪرڻ لاءِ چيم.

اسان جي ملڻ کان ڪجھہ ڏينهن اڳ ۾ رٽائرمينٽ جي درخواست تي صحيح ڪري، ڪاليج پهچائي چڪو هيو. علاج لاءِ وري مائٽ ڪراچيءَ کڻائي ويس ۽ واپس موٽائي آيس.

ائين ڊسمبر 2005ع تي هن جي وفات جو اطلاع مليو. اوڙي پاڙي وارا، دوست احباب ۽ شهري گڏ ٿياسين. مرحوم جون ڳالهيون، جنازي نماز ۽ ڪفن دفن کانپوءِ دعا گهري موڪلائي هر ڪو پنهنجي ماڳ موٽي ويو.

دنيا هل چل جو جهان آهي، هر ڪو هلندو پر جنهن جهڳيءَ مان ڪو اڪيلو ڪمائيندڙ لاڏاڻو ڪري ٿو وڃي تہ ان گهر ۾ قيامت کان اڳ قيامت اچي وڃي ٿي. وڃڻ وارو تہ هليو وڃي ٿو پر جيئڻ وارا ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ٿا ڏسن. هر ڪو پنهنجيءَ ۾ پورو ڪير ڪنهن جي سار لهي؟! بس اُٺ پڪيءَ واري اسان جي

سان هلڪو حسد رکڻ لڳا. جيڪا فطري ڳالهہ هئي.

قمرالدين قادري ۽ پروفيسر نذير احمد کي پٽو صاحب ذاتي طور سڃاڻندو هيو ڇو تہ اليڪشن کان اڳ ۾ هو ٻئي ڄڻا ڏينهن جو ووٽر لسٽن ۽ پولنگن جو پيپر ورڪ بنگلي تي ڪندا هئا. پروفيسر نذير احمد ٽيچر مان ليڪچرار ٿي ويو. محمد شريف خوشحال گهر جو نوجوان، سهڻو مهذب ۽ ذهين هيو. ان وقت ڪوٽ سبائي پائيندو هو. قمرالدين وري گاريل، تجربيڪار ۽ قلندر ماڻهو ٻنهي جي مان ويجهو هيس، ڇو تہ وفادار ۽ مخلص هيا. هڪ دفعي محمد شريف چيو تہ "يار! سومري صاحب جو روپ اهڙو آهي پر دل ۾ ڪا نہ اٿس، هن کي ڏسي پڄي نہ ويندو ڪر. هو چڱو ماڻهو آهي، مون تي اعتبار ڪر. قمرالدين بہ ميار واري انداز ۾ چيو تہ هاڻي ڪڏهن ڪڏهن تہ ملون ٿا سو اسان جي ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيندو ڪر. اهڙي نموني آهستي آهستي اسان هڪ ٻئي کي برداشت ڪرڻ شروع ڪيو.

پروفيسر نذير احمد صاحب 1949ع ۾ پير ڳوٺ نئون ديري ۾ ڄائو سندس والد عبدالحميد صاحب علائقي جو بزرگ استاد هيو. نذير صاحب هتي ئي پڙهيو 70_1969ع ۾ وارهہ ۾ (جي ايس ٽي) جو نئون سيڪنڊري ٽيچر ٿيو. اتان بنگل ديري بدلي ٿي آيو فيبروري 1975ع ۾ دادو ڪاليج ۾ ليڪچرار پوليٽيڪل سائنس جو مقرر ٿيو. استاد بخاري اڳ ۾ ئي اتي استاد هيو. نئين ديري جو عبدالڪريم مگريو صاحب ۽ لاڙڪاڻي جو مرحوم دين محمد تنيو صاحب بہ اتي ليڪچرار مقرر ٿيا. اسدالله شيخ صاحب، جيڪو سومري صاحب سان گڏ پڙهيو اهو بہ دادو ڪاليج ۾ اڪنامڪس جو ليڪچرار مقرر ٿيو هيو.

نئين ديري ۾ ٻين ڳوناڻن ڪانپوءِ هن جو ويجهو دوست نذير احمد پيرزادو مرحوم هيو. مان اڪثر ڏسندو هيس تہ ٻئي گڏجي ڪنهن ڪنڌائتي هوٽل تي ويهي چانهيون بہ پيئندا هئا ۽ رهاڻيون بہ ڪندا هئا. پيرزادو صاحب ۽ مان هاءِ اسڪول ۾ گڏ نوڪري ڪندا هياسين. بعد ۾ پيرزادو صاحب لاڙڪاڻي لڏي ويو ۽ سروس دوران فوت ٿي ويو. کيس نئين ديري ۾ والدين جي پرسان دفنايو ويو.

ڊاڪٽر سليمان شيخ سڳا واري سان هلال پاڪستان اخبار ذريعي تعارف ٿيو. سومرو صاحب، مان ۽ غلام حسين ڪٽپر گڏجي سڳا جو بنياد وڌو. ان وقت نئين ديري ۾ پنجويهہ گريجوئيٽس اسان کي نہ مليا هئا. جنهن ڪري بئنڪن جي مينيجر وغيره کي ميمبر ڪري عهديدار ۽ ورڪنگ ڪاميٽي

چونڊرائي سون.

قمر الدين قادريءَ سان ملڻ جلڻ گهڻجي ويو. محمد شريف ليڪچرار شپ ڇڏي، اسٽيل مل ۾ نوڪري ڪرڻ لڳو ۽ هميشه لاءِ ڪراچيءَ شفٽ ٿي ويو. ڪجهه وقت ٺيڪيداري به ڪيائين، پر نقصان ٿيس. هاڻي به ڪراچيءَ ۾ آهي خبر پئي آهي ته پروفيسر صاحب جي عذر خواهيءَ تي به نه پهچي سگهيو آهي. لساني هنگامن ۾ قمرالدين قادريءَ ۽ سومري صاحب، هن سان ڏاڍو نڀايو هيو.

هو هميشه پٽي صاحب جو شيدائي رهيو ۽ هن جي سحر ۾ وڪوڙيل رهيو. ضياءَ دور ۾ خاص ڪري اليڪشن جي ڊيوٽين دوران مخالفن جي درخواستن تي تڪليفون به آيس پر مالڪ بچائي ورتس. جنهن جو پنهنجو جهان، ڌرتي، ميرا ماڻهو ۽ پنهنجا منطق جيڪي اڄ ڏينهن تائين سنڌين جي اڪثريت قبول ڪري نه سگهي آهي.

وقت، عمر، اعتماد ۽ تجربن جي لاڳاپن کي مضبوط ڪيو ۽ هڪ ٻئي جي ضرورت محسوس ڪرڻ لڳاسون.

مان رول ماڻهو ڪلاڪ ٻن کان وڌيڪ هڪ هنڌ ويهي نه سگهندو آهيان، ڊيوٽي به عذابن سان ادا ڪندو آهيان. بس چانهن پي شهر جي ويران ويڪرن رستن تي ٽولا ٺاهي گهمندا رهندا هئاسون. خاص ڪري سانوڻ جي چنڊ جي روشن راتين ۾ ته ڦلپوٽن تائين دادوءَ جي پل تائين هليا ويندا هئاسون، ڏاڍو مزو ايندو هو. رات جي خاموشيءَ ۾ دادو جي پل جي دروازن منجهان زور سان گذرندڙ پاڻيءَ جو آواز دل ۾ وٽندڙ خوف پيدا ڪندو هو. پل کان هيٺ چانڊوڪيءَ ۾ پاڻيءَ جي گج ۽ وهڪري مان پيدا ٿيندڙ ڪن، عجيب نظارو پيش ڪندا هئا. دل چوندي هئي ته گهر واپس ئي نه وڃجي. رات جي سانت کي به پنهنجي تات ٿيندي آهي. رات جو روشنائي ۾ رلڻ ۽ ڀٽڪڻ ۾ مون کي اڄ به سرور ملندو آهي. اهڙي رومانس مان اڄ به جند ڇڏائي نه سگهيو آهيان.

سومري صاحب سان ڪيترائي دفعا اهڙيون ڳالهيون ٿيون. هو ڪڏهن به اسان سان روڊن رستن تي نه گهمندو هيو. گولڊ ليف جا سگريٽ تمام گهڻا ڇڪيندو هيو. ويٺي ويٺي به ٽي چانهيون پي ويندو هو جيڪو مون کي عجيب لڳندو هو پر اظهار نه ڪندو هيس. اڄ به مان گهڻي چانهن پي نه سگهندو آهيان.

ڪو خوف ۽ ڳڻتي نه هوندي هئي، گهرن جون ذميواريون نه هئڻ جي برابر هيون. وڏڙا حال حيات هئا. ڌرتي ۽ آسمان اسان جا هئا، پنهنجائپ وارو احساس هيو. اسان جو شهر هيو اسان ئي ان جا وارث هئاسون. هر طرح کان

رهياسين. تيون هيو سائين محمد ايوب قادري. اسان جون پوسٽ آفيس نئون ديرو ۾ ڪچهريون تيڻ شروع ٿيون . الله ڏنو ٻوهڙو پوسٽ ماسٽر هوندو هيو. 2 وڳي کان 6.5 وڳي تائين اتي گڏ هوندا هياسين. پروفيسر لاڙڪاڻي نہ ويندو هو تہ اسان وٽ هوندو هو. ايوب قادري صاحب سيڪنڊري ٽيچر، پنهنجي ڳوٺ پنجو ديرو جو روح روان، سماجي ۽ هيلٿ ورڪر، اسان جي علائقي جو جهونو سماج وادي انسان هيو. لينن، مائوءِ دنيا جون ترقي پسند تحريڪون پڙهيل هيس. خاڪسار تحريڪ، جماعت اسلامي، قربان بگٽي، مولوي نذير احمد، ڪامريڊ سوڀو ۽ خادم حسين جون ڪيئي ڳالهيون سومري ۽ مون کي ٻڌائيندو هو. اهو لاڙڪاڻو سومري صاحب جو تہ ڏٺل هيو پر منهنجي لاءِ بلڪل نئون هيو.

سائين ايوب قادريءَ جو نئيڊپڻ بلڪل رچ (Rich) گذريو هو ميونسپل هاءِ اسڪول ۾ پڙهيو اتي رهيو ۽ بعد ۾ پنجو ديري آيو. صاف ۽ استري ٿيل ڪپڙا پائيندو هو اکين ۾ سرمو ۽ هٿن ۾ پراڻي اسٽائيل ۾ رومال رکندو هيو. اسان دوستن ۽ پوسٽ آفيس جي آفيسرن کي ڪارائي پياري پيو ٻهڪندو هو.

اياز جا شعر ڏاڍا ياد هوندا هيس. خاص طور تي ايوب جي دور ۾ اياز جا بندش پيل ڪتاب سڀ پڙهيل هيس. مهذب ۽ ترقي پسند ڪامريڊ اهڙو ڪو بہ منهنجي ويجهو نہ رهيو آهي ڪنهن کي ڪو نہ آزاريندو هيو. هن جون ڳالهيون لکڻ تي ويهان تہ جيڪر ڪتاب ٺهي پوي.

پنجوءَ جي سراين جي شرافت، ڪنڊي لوهر جون پنجوءَ ۾ ڪار گذاريون، استاد مئل حجم جا احوال، واٽين سيٺين جا قصا ۽ سنڌ جي سوشل زندگيءَ جا اڻ لکيا داستان ٻڌي منهنجو ايمان تازو ٿي ويندو هو. هل هنگامي کان پري محبت جا ٻول ٻولي وقت گذاريندو هو. الله ڏني جي وفات ڪانپوءِ بہ ڪچهريون رهيون. پر سائين قادريءَ جي وفات کان پوءِ سومرو صاحب ۽ مان بہ گهٽ ملڻ لڳاسين.

سومري صاحب ۽ مونکي شيخ اياز جي "دودي سومري جو موت" ڊرامي مان چوند ٽڪرا پڙهي ٻڌائيندو هو تہ لونءَ ڪانڊارجي ويندي هئي.

"نانءَ نشين سان، ويس بدل سان
تنهنجي منهنجي جنگ ازل کان
جاري آهي، جاري رهندي...."

ٻئي ڄڻا مون کي سمجهائيندا هئا تہ "تبديل چونئو ٿئين. ماٺهو رڻ ٿا." مان نماڻو منهن ڪري چوندو هيو مان، "توهان ٻڌايو تہ منهنجو ڪهڙو ڏوهہ

آهي." هو چوندا هئا، "هيءَ دنيا آهي، تنهنجو ڪو ڏوهہ نہ آهي." پوءِ سائين ايوب کي اياز جو شعر ٻڌائيندو هيس، جيڪو هن مون کي ڊائري تي لکي ڏنو هيو.

"او شال! عقابن سان اٽڪان،
مان واهر تي واهيرن جي..."

ٻڌي هڪ ٻئي کي چوندا هئا "هن جو سڌرڻ محال آ ادا"
وڏي وٿ هئام، ٻاروچا ٻنيور ۾! ٻئي اڏامي ويا.

قادري صاحب جڏهن تنگ ٿيندو هو تہ مهذب انداز ۾ اسان کان جند ڇڏائڻ لاءِ چوندو هو: "اڙيا! هاڻي تہ وڃي گهر مرو، ڪجهہ آرام ڪرڻ تہ ڏيو." اسان ٻئي ٻارن وانگر ضد ڪري ويهي رهندا هئاسين: "نہ ويندا سين ڇا ڪندين؟" الله ڏني کي چوندو: "يار مان هلان ٿو." وڃي ڪنهن ڪمري ۾ هيٺ ڪجهہ وڇائي سمهي پوندو هو. 24 ڪلاڪن ۾ 4 گولڊ ليف جا سگريٽ ڇڪيندو هو. مون کي سگريٽ ڏئي تيلي ٻاري دکائيندو هو. مان سگريٽ ڇڪيندو هيس تہ چوندو هيو: "اڃي ڏاڙهي تي اٿئي، سگريٽ ڇڪڻ بہ ڪونہ اچي." وري چوندو هو: "نڪ مان دونهون ڪڍ!" ائين بہ ڪندو هيس، ٻئي ڪل ۾ ٻتجي ويندا هئا، "باذوق نہ آهي!" ٿورو ڇڪي ڪيس ڏيندو هيم، پوءِ چوندو هو: "هينئن ڇڪبو آ سگريٽ." هنن ٻنهي جي اسٽائيل ۾ ڪڏهن بہ سگريٽ ڇڪي نہ سگهيس ۽ مزو بہ نہ ايندو هو مڙئي هنن جي دل رکڻ خاطر ہہ ٽي ڪش هڻندو هيس.

سومري صاحب جو هڪ خاص انداز هوندو هو. اوچتو رڙ ڪري قادري کي چوندو هيو: "چڏني"، هو هڪو ٻڪو ٿي ويندو هو ۽ فنڪارانہ انداز ۾ ٻڙ ٻڙائيندو هو.

پوسٽ ماسٽر الله ڏنو اسان ۾ جوان هوندو هو. هو ۽ ٻيا اسٽاف وارا اسان جي ڪچهرين مان لطف اندوز ٿيندا هئا. جو ٻہ ٽي چڱا شاعري ڪٽي اچي ٻڌائڻ لڳا هئا. الله ڏنو حر فقير هيو.

سائين قادري اسڪول جي ڊيوٽي ڪري پوسٽ آفيس ايندو هو. سج لهڻ کان اڳ پنجو ديري گهر موٽي ويندو هو. جمعي تي نہ ايندو هو. چوندو هو: "ادا نمازان." پنجو ديري جا خط پٽ ۽ مني آرڊر وغيره آڻيندو ۽ نيندو هو.

مان اسڪول کان گهر، پوسٽ آفيس، رات جو مختصر دوستن سان ملڻ ۽ وري گهر، راتين ۾ رستن وارو رلڻ ڇڏائجي ويو هو.

سومرو صاحب پير ڳوٺ کان نئون ديرو گهر جي ضرورتن جو سامان

سنجيده ٿي ويندا هياسون. پاڻ ۾ هوندا هئاسون تہ پروفيسر صاحب، قادري صاحب جي پيٽ ڏي اشارو ڪري صرف ٺونگو هڻڻ جي ايڪٽنگ ڪندو هو. سائين ايوب قادري ٽپ ڏئي اٿي ويندو هو ۽ رڙ ڪري چوندو هو "اڙي منگي! هن کي روڪين نہ ٿو هي بہ ڪو انعال آ" اصل ۾ هن کي ڏاڍيون ڪتڪتايون ايندڙيون هيون. سائين قادري مون کان 8-9 سال وڏو سومرو صاحب 4-5 سال وڏو هو. مان ٻنهي جو احترام ڪندو هيس، باقي هنن جي ويڙهہ جو مزو وٺندو هيس.

سومري صاحب کي استاد بخاريءَ جا تمام گهڻا شعر ياد هوندا هئا ۽ موقعي مناسبت سان هو اهي پيو ٻڌائيندو رهندو هو. سائين ايوب قادري ۽ نذير، ٻئي هڪ ٻئي کي لکنئو واري انداز ۾ داد ڏيندا هئا ۽ تاڙا ملائيندا هئا.

نذير اڪثر چوندو هو:

اسان سان ڪچهريون ڪريو دوستو!
هليا ويندا سين اوچتو اوچتو
(استاد بخاري)

پوسٽ آفيس جي پرسان ڪلينڪ هلائيندڙ ڊاڪٽر غلام نبي ڪلهوڙو جيڪو پير ڳوٺ جو آهي، اهو بہ اسان جي محفل جو ميمبر هوندو هو. هو گهٽ ڳالهائيندو پر اڪثر اچي ڪچهري ڪندو هو.

سومرو صاحب گهڻا ڏينهن هليو ويندو هيو تہ پڇا ڳاڇا شروع ڪندا هياسين. بيرنگ لفافي ۾ خط ڪٽي موڪليندا هياسين تہ "جلدي اچي مل" پر هن جو ڪو پتو ڪو نہ ملندو هو. پوءِ اوچتو ئي اوچتو اچي ڪڙڪو ڪندو هو يا فون ڪندو هو. هن کان سواءِ محفل اڌوري هوندي هئي.

مون هڪ دفعي سائين ايوب کان پڇيو. "هي بار بار ڪراچيءَ ڇو ٿو وڃي؟" سائين ايوب چيو. "توکي خبر ڪونهي ڇا؟" الهہ ڏني ڏانهن منهن ڪندي، "الهہ ڏنا هي تہ صفا چريو اٿئي، اڙي! هن اتي ٻي شادي ڪئي آهي. ان ڪري هن کي وڃڻو ٿو پوي" سومرو صاحب ڪراچي، هوائي جهاز تي اچڻ وڃڻ جا قصا ٻڌائيندو هو پر پاڻ ڪڏهن نہ ٻڌايائين تہ ٻي شادي ڪئي اٿائين ۽ نہ وري مون ڪڏهن ان موضوع تي هن سان ڳالهايو.

استاد بخاري، هن جي ڏاڍي عزت ڪندو هو دادوءَ جي ادبي فنڪشن ۾ مون روبرو بہ ڏٺو. سائين قادري ٻاهر نہ نڪرندو هيو سومرو صاحب، مان ۽ قاضي مقصود گل ۽ مختيار گهمرو شريڪ ٿيا هياسين.

استاد سان اڳ ۾ بہ منهنجو ملڻ جلڻ ٿيو هو هو پنهنجي طبيعت ۽ مزاج ۾ قرب ڏيندڙ سباجهو محبتي انسان هيو. سومري صاحب کي هڪ دفعي ٻڌايو هيم تہ لاڙڪاڻي جي پراڻي بس اسٽينڊ تي مقصود گل وارن سان استاد بہ ويٺل هيو. اڃا سچ نہ اپريو هيو سڀ فنڪشن تان موٽيا هياسون. ڇانهہ تيار ٿيڻ ۾ دير هئي، سو استاد کان مون پڇيو تہ "سائين ڇا ٿيندو اسان جو ڪا تبديلي ڇو نہ پئي اچي..."

استاد بخاري جواب ڏنو هو تہ "اسين سڀ حق ۽ سچ تي آهيون. سنڌين طرفان ڪا سني موٽ ڪو نہ ٿي ملي. پر عادت ٿي وئي آ. پنهنجي جياپي جون ڳالهيون ڪندي، ڪامياب ڪو نہ ٿياسين پر ضمير خاموش رهڻ ۽ پنتي موٽڻ ڪو نہ ٿو ڏي" ائين هن جي جواب مان جيئڻ جو تانڪ ملي ويو هو.

سومرو صاحب، استاد بخاري جو ويجهو دوست هئڻ ڪري هن جون ڪافي ذاتي ڳالهيون بہ ٻڌائيندو هو. هن سان ڏاڍي عقيدت ۽ محبت هوندي هيس، اياز کي بلڪل ڪو نہ پائيندو هو. اياز بابت استاد جا ڪجهہ جملا ورجائيندو هيو.

پوسٽ آفيس ۾ شروع شروع ۾ ڪچهريون ڪندي جيڪڏهن استاد ۽ اياز جو ذڪر نڪرندو هيو تہ منهن چهو ڪري چوندو هيو. "ڇڏيو يار! استاد ۽ اياز جي ڪهڙي ڀيٽ آهي." قادري صاحب بہ اياز سان ڏاڍي محبت ۽ عقيدت رکندو هو. هو بہ پراڻو پاڙهو هيو ۽ پوءِ شروع ٿي ويندي هئي شعرن جي برسات. استاد ۽ اياز جا ياد شعر ٻڌي واڻڙو ٿي ويندو هيس تہ مون کي ايترا شعر ياد ڇو نہ ٿا ٿين. پر منهنجي وس جي اها ڳالهہ نہ هئي. هو ٻئي God Gifted هئا ۽ آءٌ عام انسان. منهنجي راءِ ۽ رغبت اياز جي پاسي هوندي هئي ۽ اڄ بہ آهي.

هڪ دفعي ڪچهري هلي رهي هئي. مان جوش ۾ اچي قادري صاحب کي چيو تہ "ٻر ٻر مشعل ٻر" مان شعر ٻڌائينس. منهنجي بس ڪرڻ کان پوءِ مون ڏٺو ٻئي ڪل ۾ ٻٽيا پيا آهن. مون کي پوءِ بہ غلطيءَ جو احساس نہ ٿيو. نيٺ آخر قادريءَ صاحب مصنوعي غصي مان چيو "ٻر، ٻر ڙي ڇا جي" "جل مشعل جل" پوءِ مان بہ مرڪي پيو هيس. هنن منهنجي اها چيڙ ناهي ڇڏي، جڏهن خاموشي طاري ٿيندي هئي ۽ بحث جا موضوع ماٺ ۾ هليا ويندا هئا تہ ٻئي هڪ ٻئي کي چوندا هئا تہ "ٻر ٻر"

مون کي ياد آ سومري صاحب جواب ۾ چيو هو توهان پاڻ ڏسو جل ۽ مشعل سنڌي لفظ آهن وغيره. گهٽي هڻ هٽان ۽ جهڳ جهڳان کان پوءِ وڃي

سندس سڳي سوٽ جو پٽ آهي، ان سان رابطي ۾ رهندو آيس. آغا خان اسپتال، لاڙڪاڻي جا ڊاڪٽر، لوڪل ڊاڪٽر صاحبان پر ڪو فائدو ڪونہ. هنن جي اڻ تڻ ۽ پيچ پچان تي قدرت الله ٻڌايو تہ "پروفيسر صاحب صحيح نموني دوائون ڪو نہ ٿو کائي. جنهن ڪري بيماري وڌي پئي، رڪجي ڪو نہ ٿي." مون سمجهيو تہ هي مايوس ٿي چڪو آهي. پوءِ اسان ٻئي هن کي گهر مان نڪرڻ تي مجبور ڪرڻ لڳاسين. اسان جو مقصد هيو تہ ٻاهر نڪرڻ سان من نفسياتي طور تي هن جي تڪليف گهٽجي. هو اسان جي چوڻ تي عينڪ پائي ٻاهر نڪتو بہ ٽي دفعا مون وٽ بہ آيو. هڪ دفعو تہ در تي بيهي هٿ ملائي بہ ٿي جملا ڳالهائي موڪلائي ويو. بيماري دوران هڪ ڪچهري منهنجي اوطاق تي چڱو ٽائيم ٿي، بہ گولڊ ليف جا سگريٽ ڇڪيائين. چانهيون پيتائين، ٿورو فروٽ کاڌائين ۽ سنڌي ڪلام ٻڌايائين، مانيءَ کان انڪار ڪيائين.

زندگي، موت، ادب، سنگت ۽ ٻيون انيڪ ڳالهيون ڪيوسين. حيدرآباد وارن اچڻ لاءِ رابطو ڪيو هيس. پر ان لاءَ معذرت ڪئي هيائين. هنن چيو هيس تہ ڪار ٽا موڪليون پر پوءِ بہ انڪار ڪيو هئائين. منهنجي پڇڻ تي ٻڌايو هئائين تہ "ايترو ٽائيم اسٽيج تي ويهي نہ سگهندس، هرويرو تڪليف ۾ اچي ويندس."

لاڙڪاڻي ڊگري ڪاليج ۾ آخري امتحانن جي ڊيوٽي ڪئي هئائين. اتان فون ڪري ٻڌايو هئائين، دوستن جي چوڻ تي ڊيوٽي ڪئي اٿم. پر تڪليف ٿي ٿئي. پيرڳوٺ قدرت الله وٽ ڪچهري ٿيندي هئي، امتحانن دوران اوڏانهن وڃڻ ٿيو. خيرپور ريڙهي جا 4، 5 دوست سروهي ۽ ملاح موجود هئا. پاڻ بہ موجود هيو. هنن سان تعارف ٿيو. حال احوال ٿيا، ڪچهري وڌي وئي، چانهہ پيتي، مانيءَ کاڌي ۽ موڪلائي گهر آيس. مون کي اطمينان ٿيو هو تہ سومرو صاحب هاڻي بهتر فارم ۾ اچي رهيو آهي. ڇو تہ ان ڏينهن مرحوم قادري ڪو نہ هو. پر پوءِ بہ ان اسٽائيل ۾ ڪچهري ڪئي هئي سين. ڪمزوريءَ ڪري ڳالهائڻ وقت اٿي ويهي پيو نہ تہ سمهي اسان جي ڳالهائڻ کي ٻڌي پيو ريڙهي وارا بہ تمام ويجها هيس چرچا، ٽوٽڪا، ادب ۽ جڳ جهان جون ڳالهيون ٿيون هيون. مرشد لطيف رحہ جي شعر جي سٽ آهي تہ:

"بندي ٻيا قرار، اسين لوچون لوهہ ۾"

سومري صاحب کي بيماريءَ وڏيڪ سوچ ۽ لوچ ڏني، هو ان فڪر مطابق دنيا کي صحيح نموني سمجهي ويو هو سيني مان آسرا پلجي ويا هيس.

عجيب دنيا جو دستور آهي، جن لاءِ روزانو گهر ٻاٽ ڇڏي نڪرندو هو اهي لڙي ليٺو پاڻ لاءِ بہ تيار نہ هئا. مون کي چيو هئائين: "منگي! منهنجي وهم گمان ۾ بہ نہ هيو تہ مگريو صاحب، منهنجي لاءِ ايترو پريشان رهندو ۽ تڪليف وٺي ملندو رهندو." مان رهي نہ سگهيو هيس. هن کي چيو هيم: "اسان قدردان ڪٿي آهيون. انهن جي پٺيان زندگي وڃائي ڇڏيندا آهيون، جيڪي وري پين جا ڳولائو هوندا آهن. اسان گلن جي آسري ڪنڊن کي پنهنجو ڪندا آهيون. حقيقي گلن کي ڪجهہ بہ نہ سمجهندا آهيون. وقت گذري ويندو آهي. ازالي جو موقعو بہ نہ ملندو آهي، توهان، مان ۽ هيءَ دنيا ان فلسفي تي هلي ٿي ۽ هلندي رهندي" هن مون کي چتائي ڏٺو هو ڇڻ پهريون دفعو ڏسندو هجي.

"مارڻين ماريس ڪين کي، ميس مارن لاءِ
ڪر لهندا ڪڏهين، مهجي اچي ماءِ!
سانگيئڙن سداءِ، وينو واجهہ وجهي هيون"

بلڪل ٿوري عرصي کان پوءِ طبيعت بگڙجي ويس ۽ انهن دوستن سان تڏي تي وري مليس پر پروفيسر ڪو نہ. باقي مٽ مائٽ، دوست احباب هن جون ڳالهيون ڪري رهيا هياسين.

پوسٽ ماسٽر الله ڏنو بہ ٻارنهن مهينا بيمار رهي موڪلائي ويو. (سال 2002ع) سائين قادري اوچتو بغير بيمار رهڻ جي هليو ويو. (سال 15 اپريل 2003ع) هي يار بہ ڏهہ يارنهن مهينا بيمار رهي موڪلائي ويو. ڪي چون پيا ڪينسر هيس، برين ٽيومر هيس، پاڻ ڪڏهن ڪجهہ ڪو نہ ٻڌايائين. جيتوڻيڪ سڀ خبر هيس.

مان ادب پڙهندو آهيان، سو بہ مختصر. اگ ۾ نامڪمل شاعري ٿي ويندي هئي، پر شوق ۾ لڳاءُ نہ رهيو جو ان کي وڌائجي. ان دور جو هڪ چوسٽو لکان ٿو.

نــاهــي ذڪــر هــن جــو ڪـنـهـن فسـانـي ۾،
پـر هــو ڪــو "عـاشـق" ڪـنـهـن زمـانـي ۾،
جــام نــہ مــئہ، ســاقــي نــہ ســاٿي،
رڙي چـيـو هـاڻـي اهـڙا مـئخـانـي ۾."

رسول حمزه توف لکيو آهي:

"دوستن جا تہ هميشہ دوست، پر دشمن سان بہ دغا کان هميشہ دور."

ڪوبہ نہ ايندو ريگزارن ۾
راهہ ڪنهن جي "وفا" نهاري تو"
ڪا جا واءُ لڳي، پن نہ مليو پن سان"
(اياز)

بهارن جي مند ۾ خزان جي پنن وانگر ڇڻندا آهيون
اسين ڪنهن ڪي نہ وڻندا آهيون
(واجد منگي)

الائي ڪيترا شعر سومري صاحب ۽ قادري ڪان فرمائش ڪري ٻڌندو هيس. سومرو صاحب مٿيون سچو غزل ياد ٻڌائيندو هو جيڪو مون کي ياد نہ آهي. ناظم حڪمت جا جملا آهن:

هن چيو: "اچ"
هن چيو: "ٻيهہ"
هن چيو: "مرڪ"
هن چيو: "مري وڃ"
آءٌ آيس، ٻيٺس، مرڪيس ۽ مري ويس.

۽ ائين پنهنجو پروفيسر الوداع! الوداع ڪندو هليو ويو. شل! ڪائنات هن جون مڙئي مدايون معاف ڪري.

"لاهي هاج هتان ويا، مارو ٿر اُڪري،
رهجي ڳڻ ويا، مارن جا مليرَ ۾. (لطيف رحہ)

پروفيسر مرحوم جون ڪافي لکڻيون آهن. جن جو ڄاڻي واڻي تفصيل نہ ٿو لکان. ڪينجهر، سوجهرو ۽ ڪاليج ميگزين ۾ هن جو مواد ٽڙيل پکڙيل آهي. جڏهن مون سندس "هري دلگير" تي آرٽيڪل پڙهيو تہ ڏاڍو خوش ٿيو هيس ۽ سمجهيو هيم تہ "سنڌيت جون پاڙون هن ۾ پختيون ٿي ويون آهن. جيڪڏهن ائين نہ هجي ها تہ اهڙو تاثر لکي نہ سگهي ها." دل کولي هن کي روبرو داد ڏنو هيم ۽ هو اطميناني سان ٻڌندو رهيو هو.

هن جون ڪافي اڌوريون لکڻيون بہ هونديون، مثلن لڇمڻ ڪومل جي "وهي کاتي جا پنا" (ڊائري) سوجهرو ۾ شايع ٿي تہ مسعود کدر پوش جو ذڪر آيو هو جيڪو ورهاڱي وقت نواب شاهہ ۾ ڊي سي هو.

ان وقت عبدالقادر منگي صاحب، نواب شاهہ ۾ ڊي سي او هو. فون تي ان

سان رابطو ڪري ان جي پي اي ڪان مسعود جي نواب شاهہ ۾ رهڻ جو سال پڇيو هيوسين. ڪدر پوش نواب شاهہ ۾ ٻہ دفعا رهيو هو. هڪ پاڪستان کان اڳ ۽ ٻيو 1948ع ۾ ڪجهہ حوال زباني طور مون کي ٻڌايو هئائين. مسعود ڪدر پوش اردو اسپيڪنگ هيو. استاد بخاريءَ جي شاعري ۾ ڪافي چوٽيون/پهاڪا استعمال ٿيل آهن. انهن تي بہ ڪم ڪري رهيو هو. مون بہ هن کي ٻڌايو هو تہ "انتر منتر جادو جنتر" جيڪو ننڍپڻ کان ٻڌندا ۽ چوندا پيا اچون، اصل ۾ انڊيا جي رياست (نالو ياد نہ ٿو اچي) ۾ جاميٽريءَ جي طرز تي ٺهيل پٿرن وغيره جا ڍانچا آهن، جن مان سج ۽ موسمن جي ڦير گهير لهندا هئا. مون اهڙو پروگرام National Geographic Channel تي ڏٺو هو. تمام وڏي ايراضيءَ تي "انتر منتر" ٺهيل هيو.

اردوءَ ۾ بهتر انداز ۾ لکي ويندو هيو. انگريزي ڊرافٽنگ بہ بهتر هيس. ڪراچيءَ جا اديب قدر جي نگاهہ سان ڏسندا هيس. خاص طور مسلم شميم جيڪو اصل ۾ لاڙڪاڻي جو آهي، اهو تہ عاشق اٿس. پوڙهو ماڻهو ڪنڊولنس لاءِ ڪراچيءَ کان پير ڳوٺ پهتو هيو.

فرد ۽ سوسائٽي جو پاڻ ۾ ڏاڍو گهرو تعلق آهي، فرد جو جياپو سوسائٽي کان سواءِ ممڪن ڪونهي. پر جڏهن سوسائٽي ڪنهن فرد کان لاتعلق ٿي پوي تہ سنڌي سماج جهڙي ڊپريشن جنم وٺي ٿي.

ڏس! پاڻي ۽ مڇيءَ جو ڪيترو آهي پاڻ ۾ پيار،
پر جڏهن پوي ڄار، پاڻي پاڻ ڪڍايو وڃي!

اسان جي اديبن، دانشورن ۽ سچن ماڻهن لاءِ "سنڌي سماج" بابت اهو شعر ڪافي آهي.

## پروفيسر مرحوم سان ٿيل
## ڪجهہ رهاڻين مان ڪجهہ يادگيريون

(1) مرحوم اسد الله شيخ (وفات جو سال 2002ع) سومري صاحب سان گڏ پڙهيو هيو. دادو ڪاليج ۾ بہ گڏ نوڪري ڪيائون، گڏيل ميس جا ميمبر هئا، بيلي ڪاٽي جي آفيس مٿان رهندا هئا.

شيخ صاحب، خوشحال، مذهبي، با اخلاق، علمي ۽ عزت ڀري فيمليءَ جو فرد هيو. خوبصورت، خرچائو مطالعي جو شوقين ۽ پنهنجي منفرد حيثيت ۾ جيئڻ وارو انسان هيو.

سومرو صاحب ٻڌائيندو هيو تہ شيخ صاحب صبح جو اٿڻ کان پوءِ

چانهہ بسڪيٽ، سيارو تہ ٻراءِ فروٽ، شيو جو سامان گڏ ڪندو. پاڻ جا ڪپڙا تيار ڪندو بلڪل آرام ۽ سڪون سان بوٽ ۽ جورابا وغيره صاف ڪري ٺهلندو بہ رهندو ۽ ريڊيو سيلون تان ان وقت هلندڙ گانا بہ ٻڌندو رهندو هو.

جيڪب آباد ضلعي جي "ٿل ڪاليج" ۾ بدلي ٿي آيو تہ شڪارپور پنهنجي خانداني جڳهہ ۾ رهندو هو. بورچي بہ پنهنجو رکيو هئائين. سومرو صاحب چوندو هو تہ "اسد الله هميشہ شهزادن وانگر رهندو هو."

هن جي ننڍي ڀاءُ ڊاڪٽر خليل الله مون کي هڪ دفعي ٻڌايو هو تہ: "ادا چوندو آهي تہ پنهنجي پاس ڪان ايترو پري نہ رهجي جو هن کي نالو بہ نہ اچي ۽ ايترو ويجهو بہ نہ وڃجيس جو کيس توهان جي عادت پئجي وڃي."

مرحوم شيخ صاحب ان وقت جيئرو هو ۽ لاڙڪاڻي ڊگري ڪاليج ۾ نوڪري ڪندو هو. مرحوم سومري صاحب سان بہ مٿين ڳالهہ مون شيئر ڪئي هئي. هو جواب ۾ ڪيئي ڳالهيون مرحوم جون ٻڌائيندو هو. پروفيسر (رٽائرڊ) عبدالڪريم مگريو صاحب پنهي جو دوست هيو.

مون کي مستر منگي ڪري سڏيندو هيو. حياتيءَ ۾ آخري سال ۾ مون کي بہ شيون پڙهڻ لاءِ ڏنائين، هڪ حليم بروهي جو ڪالم ڪاوش ۾ ڇپيل ۽ ٻيو عبدالقادر جوڻيجو جي ڪالمن جو سهيڙيل ڪتاب "ڪرسيون". اسان جي اسڪول جو پٽيوالو دلمراد مرحوم بہ هن جي قريبي دوستن مان هيو. هو پٽيوالو هوندي وڏو جهانديده ۽ آس پاس جي ٻڌ سڌ تمام گهڻي رکندو هو. منهنجون هن سان ڪچهريون ٿينديون هيون. ٻڌائڻ جو هن کي بهترين ڍنگ هوندو هو. شيخ صاحب مون کان بہ ٽي ڪتاب ورتا هئا، جيڪي دلمراد جي معرفت واپس ڪيا هئائين.

(2) بوگس ٽيچر پڪڙڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي هئي، سومرو صاحب ان جو سربراهہ يا ميمبر هيو. سڄو مرحلو مڪمل ڪيائين. حوال ڏيندي چيو هئائين، "هن دور ۾ ڪو فرعون ئي ڪنهن کي بي روزگار ڪندو."

(3) نئون ديرو ڊگري ڪاليج جو پرنسپل ٿيو. مهذب نموني انٽر پاس ڇوڪرن کي الوداع ڪرڻ لاءِ ڏينهن جو فنڪشن ڪرايائين. دوست، شهر جا معزز، ڪاليج جو ڊائريڪٽر گڏ ڪيائين. شاندار تقريب ٿي، راڳ رنگ، جهمريون ۽ ريفريشمينٽ، سائين ايوب قادري، الهڏنو ۽ مان گڏ ويٺا هياسين. ايوب قادريءَ کي اٿاري راڳ ۽ جهمر وارن کي پئسا ڏناسين. زندگيءَ ۾ مان صرف ٽي دفعا ائين پئسا ڏئي سگهيو آهيان. قادري تہ جهمرين جا پہ هٿ بہ بي ساختگيءَ

۾ هٽي رهيو هو. اهڙو وڏيو بہ پريل هيو.

پوءِ وقت جي هلندي پڇنديءَ وارن ڪيس واپس رتوديرو ڪاليج موڪليو نہ ڪنهن ڪي چنبڙيو نہ وري ڪا شڪايت ڪيائين. مون ڪان پڇيو هئائين، "ٺيڪ آهي نہ." مون ڪيس جواب ۾ چيو هيو، "بلڪل ٺيڪ."

(4) رتوديرو ڪاليج جي "سرهاڻ ميگزين" جي مواد گڏ ڪرڻ وارن ۾ سومرو صاحب بہ شامل هيو. مسٽر عبدالقادر منگي صاحب، جيڪو ان وقت لاڙڪاڻي جو ڊي سي هو سو پڻ اصل رتوديرو جو آهي، تنهن ڪري هن جي لڳ لاڳاپن ۽ ادبي ذوق جي ڪري، سيني ڪاليج وارن، هن ۾ فنڊ وغيره ۽ انٽرويو وغيره لاءِ وڏيڪ اميدون رکيون. ڪافي ميل جول ۽ ڪچهرين ڪان پوءِ سومري صاحب کي ڪم سونپيو ويو تہ هو منگي صاحب سان لاڙڪاڻي رابطي ۾ رهي.

ان سلسلي ۾ ڊي سي آفيس جو هڪ پيري احوال ڏنائين تہ "منگي صاحب سان ٽائيم وٺي وڃي مليس. اجا مختصر حال احوال ٿيا تہ ڪمشنر صاحب جي آفيس مان منگي صاحب لاءِ فون آيو. مون کي تاڪيد ڪري ويو تہ ويجهاڻ نہ، مان اچان ٿو. ڪمشنر آفيس پهچي فون رستي مون سان مسلسل رابطي ۾ رهيو ۽ اچڻ جو چوندو رهيو. ٿي ويہ چانهيون، منجهند جي ماني کان پوءِ آخر پي اي کي ٻڌائي هليو آيس."

(5) ايف ايم لاڙڪاڻي تي منگي صاحب جو انٽرويو هليو. مرحوم هدايت منگيءَ ڪانٽس انٽرويو ورتو هو. مون ان سلسلي ۾ سومري صاحب ڪان پڇيو. هن چيو تہ "منگي صاحب ۽ مان گڏجي ريڊيو اسٽيشن تي ويا هئاسون. انٽرويو ٿيڻ ڪان پوءِ آخر ۾ سنڌي لوڪ گيت ٻڌبو آهي. منگي صاحب بہ ڪلام ٻڌايا ۽ مون کي چيو تہ ڪو بہ هڪ اوهان چونڊيو....

ڪلام هيو: "عشق هاٿي ڪجي ڪنهن سان، جان جو جانان نہ رهيو" گڏجي ٻڌو هيوسون. بيماريءَ دوران ملندا هياسين تہ منگي صاحب لاءِ پڇندو هو. هند جا سنڌي اديب، سنڌ ياترا دوران جڏهن سکر ساڌ بيلو گهمڻ آيا تہ منگي صاحب هنن جي ڊنر ڪئي. مون ڪان پڇيو هئائين تہ توکي منگي صاحب ٻڌايو هو مان ڪيس مختصر جواب ڏنو هو تہ "نہ" هو ان وقت ڊي سي او سکر هيو.

سومري صاحب جي تڏي تان جڏهن واپس آيو هيس تہ منگي صاحب کي ڪراچي ۾ فون ڪئي هيم. هن سچو تفصيل ورتو هو.اميارٽنٽ ڪال اچڻ ڪري لائين ڪٽجي پئي وئي تہ وري لائين ملائي يا هولڊ ڪرائي مرحوم بابت پنهنجا تاثرات ڏنا هئائين، ڪافي ويجهڙائي هين.

(6) مرحوم پروفيسر دادوءَ کي ساري ڪئين ڳالهيون ٻڌائيندو هو. استاد بخاريءَ لاءِ تہ "سائين جي ايم سيد، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ ڏانهن. استاد بخاريءَ کي خط لکي ڏنائين. استاد بخاريءَ اهو خط وٺي حيدرآباد شاهہ صاحب کي ڏنو ۽ ڪيس ٻڌائين تہ سائين جي ايم سيد نوڪري ڏيڻ لاءِ ڏنو آهي.

شاهہ صاحب وٽ پيا بہ ماڻهو ويٺا هئا. هن ورائيو تہ جي ايم سيد جو نوڪر آهيان. هل! ڪانهي ڪا نوڪري.

استاد بخاريءَ چيو تہ مان سائينءَ کي موٽي اچي شڪايت ڪئي تہ ڪهڙي ماڻهوءَ ڏي موڪليو اٿو. هن تہ دڙڪا ڏنا آهن. سائين ڪجهہ ڪو نہ ڪڇيو هو.

رات جو سائين غلام مصطفيٰ شاهہ ڪار تي آيو ۽ سائين جي ايم سيد کي منهنجو آرڊر ڏئي ويو ۽ ڪا پل چڪ خدا معاف ڪندو. باقي قصو بلڪل ائين آهي.

(7) دادوءَ جي هڪ زميندار جي ڏاڍي لڳندي هيس. سومري صاحب ان بابت مون کي ٻڌايو تہ "لاڙڪاڻي بدلي ڪرائڻ ڪان، ان مون کي روڪيو هيو ۽ بلڪل صاف چيو هئائين تہ "تون لاڙڪاڻي ۾ خوش رهي ڪو نہ سگهندين." جيئن تہ قدآور آهين تنهن ڪري منهنجي صلاح تي عمل بہ نہ ڪندين.

(8) هڪ عورت جو قصو بہ ٻڌايو هئائين پر لکڻ مناسب نہ ٿو لڳي. ان ۾ ڪا بہ خرابي نہ هئي پر هڪ عورت جي غيرت منهنجي لاءِ حيرت جو باعث هئي.

(9) هڪ من موجي موڊ ۾ چيو هيومانس "ڏاڍو ظالم آهين، ضعيفن ڪان نفرت ڪندو آهين، اها لڪائي بہ نہ سگهندو آهين. تنهنجي منهن مان هڪ اهڙي ڪيفيت هجي ٿي پيو سامهون وارو ڏسندو آهي."

وڌو ٿهڪ ڏنو هئائين ۽ هڪ قصو ٻڌايو هئائين.

"هڪ واقفڪار سان وچي مليس، ڪيس هٿ ڏ ِم جواب ۾ هن چيو تہ مان توهان کي ڪو نہ سڃاڻان ٿو. تعجب لڳو هو پر سور سهي ويو هيس."

ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ ريل ۾ ويٺو هجان، اهو همراهہ اچي پرسان ويٺو چيائين سڃاڻو ٿا. جواب ۾ چيو مانس بلڪل نہ ۽ منهن پري ڪري آرام سان ويهي رهيو هيس.

(10) دادو ڪاليج ۾ گڏ رهندي پروفيسر عبدالڪريم مگريي صاحب ۽ مرحوم دين محمد تنيي جا ڪيئي قصا ٻڌائيندو هو. انهن مان بہ هڪ لکان ٿو. مگريو صاحب، دادوءَ ليڪچرر مقرر ٿيو اتي هاسٽل ۾ چيائين تہ تنيو

صاحب سان گڏ ڪمري ۾ رهندس.

مگريو صاحب هڪ ڏينهن شهر ويو تنهن صاحب چيو ته هن جو لڪس صابڻ ڪٽي جوراب، رومال ۽ گنجي وغيره ڌوتائين. لڪس صابڻ پاڻيءَ ۾ ڳري باقي وڃي چپر بچيو.

سائين اڇي صابڻ سان هي حشر ڏٺو پر ڪجهه ڪو نه سگهيو. مون کي اڇي احوال ڏنائين پوءِ معاملي کي ٺاهي ڇڏيوسين.

"ائين وقت ڪٽيو ائين عمر لٽي" (اياز)

سائين مگريو جهڙو ڪير ٿئي! شريف ۽ همدرد انسان. آخري ڏينهن ۾ هڪ دوست کي چيائين: "حج تي ٿو وڃان يار جو منهن به نصيب ٿيندو الائي ڪو نه" روئي پيو.

مڪي ۾ سومري صاحب جي وفات جي خبر پيس. موٽي اچي ٻڌايائين، هن لاءِ عمرو ڪيو روئي مالڪ کان هن جي مغفرت لاءِ دعائون گهريم.

قرآن شريف جي هڪ آيت جو مفهوم آهي.

"موت پنهنجي مقرر وقت تي اچڻو آهي."

موت بابت شاهه عنايت شهيد ۽ سرمد جا فارسي شعر پڙهڻ وٽان آهن.

(11) وارهه جي ماستري بابت ٻڌايو هئائين ته "عبدالغفار سومرو صاحب (لاڙڪاڻو) ۽ مون کي گڏ آرڊر مليو هو. پهرين رات وارهه جي مسجد ۾ ستا هئاسين. ڪو به ڏٺل وائٺل ڪو نه هيو. عبدالڪريم پروفيسر صاحب ٻڌايو عبدالغفار سومري صاحب جي پيءُ جو اتي واقفڪار هيو ان به ڪٿون ڏنيون هين. بعد ۾ عبدالغفار سومرو صاحب CSS ڪري تعليم کاتو ڇڏي ويو.

(12) وارهه کان بنگل ديري بدلي ٿي آيو. محمد صالح پنو صاحب هيڊ ماستر هيو. ان بابت ٻڌايائين ته هڪ ڏينهن هن ٻڌايو ته مان سيالٽي سکر ويندس.

دير سان نڪتس، رتيديري کان لهي شهر هليو ويس، چانهن وغيره پي هاءِ اسڪول بنگلديري پهتس. ڏسان ته پنو صاحب آفيس ۾ ويٺو آهي، وڃي سلام ڪري هٽ ملايومانس. صحيح ڪيم ٻاهر نڪري آيس.

دوستن ٻڌايو ته صاحب سکر وڃي رهيو هو تنهن کي رتيديري گهمندي ڏسي واپس آيو آهي. سو اهڙو هوندو هيو اسڪولن جو انتظام. پيو ٻڌايائين ته پنو صاحب ڪوٺ ڪرسيءَ پويان رکي پاڻ نڪري ويو هو. اسان سمجهيو ته پنو صاحب اتي آهي. آخري پيرڊ ۾ خبر پئي ته اسڪول جو انتظام ڪوٺ پيو هلائي.

منهنجي گهر وارن وٽ ايترو ڪجهہ آهي جو هو منهنجو علاج ڪرائي سگهن ٿا. تنهن ڪري ڪنهن اهڙي جي سار لهو جنهن وٽ واقعي ڪجهہ بہ نہ آهي.“

سومري صاحب پوءِ انهن بيانن جو سچو پسمنظر ٻڌايو. استاد بخاري ڏاڍو پيار ڪندو هيو. بخاري ”استاد“ لنڊن کان موٽي آيو. سِگا وارن جو ساليانو ڪنوينشن ولي پائي آڊيٽوريم ۾ هيو استاد (1980ع) اتي مهمان خاص هيو.

سانجهيءَ کان اڳ ۾ سيٽن جي رزرويشن شروع ٿي ۽ آهستي آهستي سڄو هال ڀرجي ويو. ايڏيون گهڻيون سنڌي فيمليز ۽ شخصيتون هڪ هنڌ مون ڪڏهن بہ نہ ڏٺيون هيون.

سائين غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ ٻيا نامور سنڌي دانشور موجود هئا. هال جي گئلري، ڪنڊون پاسا ۽ سينٽر وارو رستو بہ ٻيٺل ماڻهن سان ڀرجي ويو هو.

ڊاڪٽر سليمان شيخ، ولي محمد روشن ۽ ٻين تقريرون ڪيون. آجياڻو سِگا جو تفصيل وغيره وغيره.

استاد بخاري صاحب پنهنجي واري وقت تقرير ڪرڻ لاءِ اٿيو. ڪجهہ اٿيا، تاڙيون وڳيون. استاد چيو. ”هيڏي آجيان، هيڏي پنهنجائپ!“ ٻئي هٿ ڪٽي جهيڻي انداز ۾ وڏيڪ چيائين: ”اجا استاد بيمار رهندو!؟!“ ڪوڪريا پئجي ويا. مرد ۽ عورتون، پار ۽ ٻيا، سڀ اٿي ٻيهي رهياسون ۽ تاڙيون بس ئي نہ پيون ڪن.

مون سوچيو هو. اسان سڀ ان وقت هڪ فيملي هئاسون. سومري صاحب قصو ٻڌي، استاد جي صحبت جون ڪئين ڳالهيون ٻڌايون هيون. تحريڪ ايم آر ڊي جي ڳالهہ ڪندي ٻڌايو هئائين، ڪاليج ۾ برگيڊيئر اچڻو هيو. عابد لاکو ۽ ٻيا پتڪا ٻڌي آيا هئا. برگيڊيئر تقرير شروع ڪئي تہ ڪنهن ڳالهہ تي سڀ اٿي هليا ويا. برگيڊيئر سيڪجهہ ڏسي ڳاڙهو ٿي ويو هيو. پوءِ استاد جي تمام گهڻي حجت ۽ سمجهائڻ تي سڀ موٽي آيا هئا ۽ ڊڏو ٿري ويو هو. هونءَ بہ دادو ضلعو MRD دوران سخت Reaction رڪارڊ ڪرايو هو.

پوسٽ آفيس ۾ الله ڏنو ٻوهڙو صبح جو منجهند لاءِ گهران ماني کنيو ايندو هو. مان گهران ماني گهرائيندو هيس. وڏي سنگت ٿي ويندي هئي. ڪڏهن 4-5 کان گهٽ نہ ٿياسين. ماڻهو وڌي ويندا هئا تہ تندور جي ماني ۽ ڀاڄي، هوٽل تان گهرائيندا هئاسين. انبڙين جي مند ۾ انبڙيون، گجرون، موريون ۽ ونگين جو موسم آهر سلاد بہ گڏجي ٿاهيندا هئاسين. ڊشن، ڏونگن، پليٽن ۽ پنڊين وغيره جي لسٽ پٽ تي لڳل هوندي هئي تہ هي هي سامان اسان وٽ موجود آهي. گڏجي ماني کائڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو خاص ڪري الله ڏني صاحب جي ڪٽڪ جي

"سوپي ۽ جوپي" صاحبان تان گهوري بر ڪت جي باجي تي رکياسين. پوءِ تہ نوٽن جا مينهن وسڻ لڳا. ماڻهن سو سو جا نوٽ بہ ڏيڻ شروع ڪيا ۽ تاڙيون وچنديون رهيون ۽ سڄي رونق ئي متجي وئي.

اياز منهنجي محبت جي ميدان جو استاد آهي. هن مونکي پنهنجي ذات، خاندان، گهر، دوستن، روايتن، ڪلچر، تاريخ، ٻولي، سچائي، ڪتابن ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي ڪنڊي ۽ ڪانڊيري سان عشق ڪرڻ سيکاريو آهي. هن جا لفظ منهنجي ڪنن ۾ ٻُرن ٿا.

"پٽي! اڄ تہ ڊوڙيون. پنهنجي وڏن جي هڏن جي دز جيئن اسان جي قدمن تائين هلي وڃي"

موهن جي دڙي جي سير دروان رشيد پٽيءَ کي چيو هئائين.

هو دهريو هو تڏهن بہ استاد مسلمان ٿيو تہ بہ استاد. اوهان انصاف ڪريو. سچ ۽ چنڊ دهريا آهن؟ اياز سنڌ جو سچ بہ آهي تہ چنڊ بہ آهي. پل اهو پيو ڪونہ مڃي، هر ڪو آزاد آهي. پر اياز کي ڪو گاريون ڏئي اهو غير مهذب رويو آهي.

اياز جي صرف هڪ خامي آهي جو هو پين جا لوڙها لتاڙڻ، پنڌڻن ۾ سکيو. ان ڪانسواءِ هن جو هر پاسي کان Defense ڪري سگهجي ٿو. هو پٽائيءَ کي پنهنجو چوٿا سڏن؟ هو بہ تہ روحانيت جو قائل ۽ وحدت الوجودي هيو.

سچو منظر موٽي اچي محفل ۾ دوستن کي ٻڌايو هيم. قادري صاحب چيو هو تہ اهو لک، سومري صاحب بہ تائيد ڪئي هئي. پر منهنجي "نَہ کي نَوَ ڪوٽ" دليل هيو.

سنگت لکي پئي، ڇا رهيل آهي، جو مان لکان مان نالو ۽ شهرت واري عزت ڪمائڻ، ڪو نہ ٿو چاهيان، مان تہ عاشق صرف "گمر نام عاشق"رهڻ ٿو چاهيان.

اچو پاٽي لڙيو ٿيو ڪالو ريو ڪنگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سر متي هنجڙا
(شاه)

مان هنج نہ سهي، پر اياز منهنجو هنج آهي. اياز سان هٿ ملائيندي مان محسوس ڪندو هيس تہ ڄڻ ڪو عاشق محبوب سان هٿ ٿو ملائي، باقي "قاضي ڄاڻي، قيام ڄاڻي" اتي ڪنهن جو وس نہ آهي. فارسي شعر جو ترجمو آهي. سواءِ "اي سنڌ!" جي،

" اي سنڌ! تنهنجي عشق ۾ هو مون کي کهن ٿا. وڏو غوغاءُ آهي، تون بہ

ڪوٺي تي چڙهي ڏس، ڪيڏو نہ وڻندڙ نظارو آهي.“

سائين جي ايم سيد ۽ ايان موجوده دور جا سنڌ جا ٻہ وڏا عاشق هئا. صدين گذرڻ کانپوءِ اهڙا ماڻهو جمندا آهن. روز روز جنم ڪونہ وٺندا آهن.

18/12/2005 تي لاڙڪاڻہ رائيٽرس ڪلب وارن جي سڏ تي نظاماڻي ليبر هال ۾ پروفيسر نذير احمد سومري جي تعزيتي پروگرام ۾ غلام حسين صاحب ۽ مان گڏجي شريڪ ٿياسي. محفل ۾ موجود هڪ دردوند ڪامريڊ، سومري صاحب لاءِ چيو هو.

”وڏين ڪارين اکين، ڪارن وارن ۽ وڏي قد وارو منهنجو پيارو دوست......“

هن جي ادائگي ۾ لفظ ڏاڍا وڻيا هئا. اسان جلدي هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ويا هئاسون. مسلم شميم (اردو اسپيڪنگ ڪراچي) ناز سنائي ۽ ٻين مهمانن بہ سٺو نڀايو هو.

سومري صاحب مرحوم کي، علاج لاءِ مشورا ڏيندڙ اي ڊي او هيلٿ ڊاڪٽر خليل احمد کٽپر بہ پنهنجا تعلقات بيان ڪيا ۽ هن جي شخصيت بابت تاثرات ڏنا هئا.

واپسي تي گهمڻ کان لاچار ٿي پيو هيس، سو پاڻ کي بهتر ڪرڻ خاطر، غلام حسين کٽپر کي چيو هيم تہ ڪو فارسيءَ جو ترجمي سان شعر ٻڌاءِ

هن چيو هو ڪهڙو؟

لاهور واري مغل ملڪہ نور جهان وارو

بر مزارِ ما غريبان، ني چراغ ني گل،

ني پرِ پروانہ سوزند، ني صدائي بلبل.

ترجمو: ”اسان غريبن جي قبر تي نہ ڏيئو ٻرندو نہ گل ٽڙندو ۽ نہ ڪنهن پتنگ جو پر سڙندو ۽ نہ وري ڪا بلبل جي صدا هوندي“

مان کٽپر صاحب کي چيو ”غريب لفظ ڪڍي تو ڇڏيان. هوءَ مسافر تہ هئي، تنهن ڪري اهو سهڻو ٿي لڳي. هونءَ بہ اسان سڀ مسافر تہ آهيون.“

نئون ديري شهر ۾ پروفيسر مرحوم جو جن سان واسطو هيو انهن سيني کان ويجهو ”ديوان هوند راج“ هوندو هيو. هن کي ميڊيڪل اسٽور آهي. خط پٽ واري زماني ۾ معرفت هن جي هوندي هئي. سائين ايوب ۽ مان بہ هن جي غائب ٿيڻ کانپوءِ هن جي ڳولا اتان شروع ڪندا هئاسين.

سومري صاحب کي هوند راج متعلق مان چوندو هيس تہ ديوان جڏهن

سفاريءَ سان گڏ هيٺ پائيندو آهي تہ يورپين ڪنٽريز جي ڪنهن يونيورسٽيءَ جو پي ايچ ڊي ڊاڪٽر لڳندو آهي.

سندس گورو رنگ، ڪلين شيو مٿو وارن کان خالي، مهذب رويو ۽ مرڪ ڏسڻ وٽان هوندي آهي. مان ڪيس عرصي کان ڊاڪٽر سڏيندو آهيان. سندس پاڳوند پٽ ڊاڪٽر دليپ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهيو جاپان جي اسڪالر شپ تي اوڏانهن ويو. هاڻي آغا خان اسپتال ڪراچيءَ ۾ نوڪري ڪري ٿو. پروفيسر صاحب، بيماريءَ دوران اتي علاج لاءِ ويو تہ خصوصي طور انٽرنيٽ تي ويهي، بيماري ۽ علاج لاءِ معلومات ورتي، دوائون تجويز ڪيون هئائين ۽ ڪيس چيو هيائين تہ يورپ ۽ آمريڪا ۾ بہ هن بيماريءَ جو ان کان وڌيڪ علاج نہ آهي.

ڊاڪٽر ڪيپٽن رٽائرڊ سليم الله صاحب سان بہ سومرو صاحب، علاج بابت ويجهو رهيو. آخر ۾ تہ مجبور ڪيو مانس تہ ڊاڪٽر صاحب کي سڄو فائيل ڏيکاري صلاح وٺوس. قدرت الله هن کي وٺي ويو هو ۽ پوءِ شڪايت ڪئي هئائين تہ پروفيسر صاحب مڪمل ڊوز نہ ٿو وٺي. عذر اهو ڏيندو هو تہ فائدو نہ آهي.

ڦـــڪـــيـــون تـــڏهـــن فـــرق ڪـــن
جـــڏهـــن امـــر الاهـــي ٿـــئـــي.
(شاهہ)

ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جو پنهنجي زندگي بابت ڪتاب آيو. ڪتاب ۾ هن سائين غلام مصطفيٰ شاهہ ۽ شيخ اياز تي تنقيد ڪئي آهي.

پروفيسر صاحب ان بابت صلاح ڪئي تہ جواب تيار ڪيو آهي شايع ڪرايان ٿو. مان هن کي روڪي نہ سگهيو هيس پر اصل ۾ مان چاهيان پيو تہ هو نہ لکي. جواب شايع ٿيو تعريفي خط آيس وغيره. اهو سڀ ڪجهہ شيئر ڪندو هو پر مان ڪليل نموني پنهنجو موقف هن کي نہ ٻڌائيندو هيس. تہ متان هن کي دل ۾ تي پوي. ڏاڍو حساس هوندو هو پر جذباتي اصل (مون سان) نہ هيو.

منهنجي ڊاڪٽر مبارڪ سان عقيدت ڪو نہ آهي. اهو ڪتاب مون بہ پڙهيو هو. مان چاهيان پيو تہ ان جي جواب ۾ ڪو يونيورسٽيءَ ۾ هن سان گڏ رهندڙ لکي تہ اهو بهتر نموني لکي سگهيو پئي.

مون کي ياد آهي تہ علي محمد شاهہ راشدي جنگ اخبار ۾ "مشرق و مغرب" لکندو هو. راشدي صاحب ۽ زيڊ اي سيلري جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيا. راشدي صاحب، پنهنجي اسٽينو ٽائپسٽ کي گهرائي ٻن ٽن قسطن ۾ اهو مواد شايع ڪرايو آخر سليري راشدي صاحب کان معافي ورتي هئي.

ڊاڪٽر مبارڪ بہ انسان آهي، هن جون بہ ڪمزوريون هونديون، جن جي خبر آهي، اهي انهن کي عيانِ ڪري، بهترين جواب تيار ڪن ها.

نمبر پيو تہ ڊاڪٽر مبارڪ پاڪستان جو نہ پر برصغير جو ميجيل ليڪ آهي. ان جي جواب ۾ ابراهيم جويو، سراج ميمڻ، پليجو يا قادر جوڻيجو صاحب وغيره لکن ها، تہ مزو اچي ها. آخر ۾ بلڪل نئين ڳالھ "اسان ۾ خاميون ڪمزوريون، ڪوتاهيون ۽ ڪچايون آهن تہ ضرور" انهن کان اسان ڪيسٽائين ڪنڌ ڪيرائيندا سين. موهن جي دڙي جي تهذيب، منڇر ايشيا جي وڏي ڍنڍ، سنڌي ادبي سنگت ايشيا جي وڏي ادبي تنظيم، پڻو صاحب ۽ بينظير پڻو جي آسري ڪيستائين جيئندا سين. پنج دفعا سنڌي وزيراعظم ٿيا آهن پوءِ بہ خوار خراب آهيون. ڪا تہ خرابي آهي.

پير ڳوٺ، جيڪو نئون ديرو جو محلوئي آهي. قديم ڳوٺ آهي. پيرن (راشدين) جي ڪري هنڌين ماڳين مشهور هيو.

پيرن جي حڪمت ۽ پيري مريديءَ کان پوءِ مرحوم ذوالفقار شاھ راشدي جي شاعري بہ ڳوٺ جو نالو نمايان ڪيو آهي. مرحوم ذوالفقار راشديءَ جي ياد ۾ هن جي پٽ جڏهن ذوالفقار اڪيڊمي قائم ڪئي تہ سومرو صاحب ان سان وابستہ رهيو.

جڏهن شعر ٻڌائيندو هو تہ ذوالفقار راشديءَ جا شعر بہ چئي ويندو هو. هڪ دفعي پڇيو هئائين: "ڇا ڳالھ آهي. دل کولي داد ڪونہ ٿو ڏين." رهي نہ سگهيو هيس. هن کي چيو هيم: "راشدي صاحب، نورالهدي شاھ جي لکڻين تي ڏر ٻڌجي، اهڙي تنقيد ڪئي هئي جو جيڻري مان ان کي وساري نہ ٿو سگهان."

مان نور الهديٰ شاھ جي ڏر آهيان توڙي جو ادب ۾ منهنجي ڪا بہ حيثيت نہ آهي، مان تہ صرف پڙهندڙ آهيان. راءِ رکڻ ۽ محبت ڪرڻ ۾ آزاد آهيان. مرحوم ذوالفقار راشدي سٺو شاعر هجڻ سان گڏ نقاد بہ هيو. هو عاشق مزاج ۽ خرچ ڪرڻ وارو انسان هيو. شهري اديبن ۽ دانشورن کي دل کولي ٻهراڙيءَ جون سوکڙيون، سڄو گيھ، ماکي، آڙيون، بدڪون ۽ تتر وغيره موڪليندو هو.

ڪڇي جي ڪري هتي تتر جام ٿيندا هئا. شاھ صاحب وڳڻ جي پاسي بہ رهندو هو. اتي سندس زمينون هونديون هيون. وارھ، نصير آباد ۽ وڳڻ وغيره جون ڍنڍون ۽ ڍورا سائبيريا جي پکين سان سياري ۾ پرجي ويندا هئا ۽ تمام سستا وڪامندا هئا. غريب ماڻهن جو روزگار هوندو هو. مان ڪيترا دفعا جيئرا خريد ڪري گهر کڻي آيو هيس. هنن جو گوشت سخت ۽ لذيذ ٿيندو هو.

B.Ed جي دوران سکر ۾ رهڻ ڪري ان سان منهنجو خاص انس رهيو آهي. اتي استادن ۽ دوستن سان ڪيل رهاڻيون، هاسٽل جتي رهندا هئاسون، لب مهراڻ بن پلين جي وچ ۾ درياهہ جو پيٽ، ۽ پيٽ ساڌ ٻيلو ٻيڙيون، آواره گردي ڪندڙ جوانن جا روپ، چڻ ڪلهہ جون ڳالهيون آهن. توڙي جو ايترو وقت گذري چڪو آهي، جو وار ڪارن مان اڇا ٿي ويا ۽ هاڻ تہ اڇا وار بہ اڏامندا پيا وڃن. پروفيسر سان حال احوال ٿيندا هئا. ڪارن نيڻن ۽ ڪارن وارن سان گڏ ادائن ۽ صدائن جو ذڪر خير بہ ٿي ويندو هو. ڏاڍي وقار ۽ حجابن وارو دور هيو.

سائين محمد هاشم ڍڪڻ صاحب (پيرڳوٺ خيرپور) ۽ سائين رشيد احمد ميمڻ صاحب (آسٽريليا رٽرن) (اصل دادو) منهنجا پسنديده استاد هئا، هوشيار، ذهين ۽ صلاحيتن وارا استاد هئا. مون سان والد وانگر، شفقت سان پيش ايندا هئا. ڍڪڻ صاحب وٽ وڃڻ معنيٰ چانهہ ضرور پيئڻ. روزانو 15، 16. پاڻ چانهہ جو بل ڀريندو هو. سومري صاحب سان جڏهن ڳالهيون ڪندو هيس تہ بي ساختہ چوندو هو. "منگي وڏو خوش نصيب آهين."

هڪ دفعي ڪمپيئرنگ ڪري رهيو هو هڪ ادي اسٽيج تي اچي مائيڪ جي سامهون بيهي رهي، نہ ڪجهہ ڳالهائي رهي هئي ۽ نہ وري اسٽيج تان هيٺ لهي رهي هئي. پرسان ويجي آهستي چيو هيو مانس تہ ادي هلي پنهنجي سيٽ تي ويهو.

هاسٽلرس جي ساليانی فنڪشن تي سکر جون فيمليز ايتريون ايندڙيون هيون جو ڪرسين ۽ ويهڻ جو مسئلو پيدا ٿي پوندو هو. سڄو آڊيٽوريم ڀرجي ويندو هو.

B.Ed ڪاليج ۾ مسٽر فضل محمد پٽي پرنسپل ٿيو تہ سومرو صاحب خيرپور ايندي ويندي لهي پوندو هو. تڏهن چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ڪو نہ هيو تہ اتر سنڌ جو بي ايڊ ڪاليج سکر ڪو ايجوڪيشن جو وڏو ڪاليج هيو. نواب شاهہ کان بہ اسٽوڊنٽس ٽيچرس ٽريننگ لاءِ ايندا هئا.

مسٽر فضل محمد پٽي اسان جي شاعر "تبسم" صاحب جو ويجهو "عزيز" آهي ۽ نئون ديرو هاءِ اسڪول ۾ استاد بہ ٿي رهيو آهي. هن جا ڪافي شاگرد سنين نوڪرين تي آهن. هن جي ڪليگس سان بہ منهنجو اٿڻ ويهڻ رهيو آهي. پٽي صاحب کان اڳ ڪميشن پاس ڪري ڪاليج سائيڊ ڏانهن هليو ويو. ان وقت سيڪنڊري اسڪولن ۽ ڪاليجن مان محنت ڪري ڪميشن پاس ڪري تعليم کاتي جو گهڻو تعداد روينيو پوليس ۽ ڪسٽم وغيره ۾ چونڊجي

ويندو هو.

لاڙڪاڻي جي ٽينڪ روڊ تي ڪافي دفعا مون سان سومرو صاحب ملندو هو پڇڻ تي ٻڌائيندو هيو تہ پٽي صاحب ڏانهن وڃان ٿو. اڄ ڪلهہ هو رٽائرڊ آهي ۽ اسٽيشن جي سامهون ڪٽي گهر اٿس.

پروفيسر ۽ مان محبت ۽ پيار جو مبهم ۽ شائستہ لفظن ۾ پنهنجي عمرين جي حساب سان ذڪر ڪندا هياسين. مان محبت کي رات جي طوفاني برسات ۾ ڪنوڻ جي تجلي وانگر سمجهندو آهيان. جنهن کي بہ اهو جلوو ملندو آهي، اهو زندگي جا ڏک سولائي سان سهي ويندو آهي. جيڪو رهجي ويندو آهي، ان مان انسانذات کي فائدو نہ رسندو آهي. هو پنهنجي محرومين جا پلو مظلومن مان پيو ڪڍندو آهي. هو هميشہ لاءِ رلي ويندا آهن. "محبت" مون وٽ سهارو آهي، "سختين سهڻ جو!" اهو سهارو ٽٽي پوندو آهي تہ ماڻهو اندران ئي اندران پور پور ٿي ويندو آهي.

"ڪنوڻ" کي ڏسي سگهجي ٿو پر محبت کي ڏسي نہ ٿو سگهجي. آگسٽ ۽ سيپٽمبر ۾ شام جو چٽ جي گرمي ۽ اپس جي هوا جو هلڪو جهونڪو گلاب ۽ رابيل جي خوشبو محبت وانگر آهي، انهن کي محسوس تہ ڪري سگهجي ٿو پر لفظن ۾ بيان ڪرڻ ڏکيو آهي.

محبت ڪجي پر سنڌي روايتن ۽ اخلاق جي خلاف بڻجي نہ. نہ پاڻ تماشو بڻجي ۽ نہ ٻين جي عزت جو جلوس ڪڍجي. محبت لڪندي ڪو نہ آهي. پر پوءِ بہ ان کي لڪائڻ ۾ سيني جي عزت آهي. سومري صاحب عرصو ٿيو جو مون کي انگلستان جي بادشاهہ ايڊورڊ ائين جي آمريڪي عورت سان عشق ۽ محبت جو داستان ٻڌايو هو. برطانيہ جي آئيني رڪاوٽن جي ڪري هن 1936ع ۾ بادشاهيءَ کي لت هڻي ان محترمہ سان شادي ڪئي هئي. هوءَ شادي شده هئي، هن جو نالو ويلس ۽ مڙس جو نالو ارنسٽ سيمسن هيو. ايڊورڊ جڏهن طلاق يافتہ ويلس سان شادي ڪئي تہ فرانس ۾ رهي پيو. 35 سال گڏ رهيا. مرڻ کان پوءِ ايڊورڊ جو لاش برطانيہ آندو ويو هو ۽ ويلس واپس فرانس ۾ رهي پنهنجا ڏينهن پورا ڪيا هئا.

سومري صاحب، مٿين جوڙي جو پيو قصو بہ ٻڌايو هو پر ڪتابن مان مون کي اهڙي تصديق ٿي نہ سگهي آهي، ان ڪري اهو نہ ٿو لکان.

ان وقت عبدالقادر منگي صاحب جي گهر واري گذاري وئي هئي. فورن ان کي خط لکيو هيم يا کيس ٽيليفون تي ٻڌايو هيم ۽ چيو هيم تہ: "وارو ڪر

ڪا محبت جي ٿي ہي شادي ڪر. ٻچي پوندين گناهن ڪان. ” هو ان قصي کان اڳ ۾ ئي واقف هيو. جواني، تي نوجوان ٻار (ٻه نياٽيون ۽ هڪ پٽ) مڙس قاسي پيو هو. فيصلي ڪرڻ ۾ جلدي ڪو نه پئي ڪيائين. اولاد کي پيءُ سان گڏ والده واري ڪوٽ بہ پرڻ جا جتن ڪرڻ لڳو هو. ان ذهني خلفشار واري دور ۾ بنگلا، ڪارون ۽ ڪاڏا پيتا ڪو نه وٽندا هوندس. پڙهيل لکيل ۽ سمجهدار هيو. زماني جي ٿڌي ڪوسي ۽ جهان کان واقف هيو سڀ پاسا سوچي، اولاد جي رضامندي سان ہي شادي ڪيائين.

تازو هڪڙي محترم شخص سان ملڻ ٿيو هن پنهنجي اسڪول جي زماني ۾ گڏ پڙهندڙ ڇوڪريءَ سان محبت جو قصو ٻڌايو. هن جو لهجو جملن جي ادائگي، چهرو ۽ سنجيدگي، ڳالهہ کي وزن وثائي رهي هئي. هن چيو تہ 40، 45 سالن کان دل ۾ سانڍيل منهنجي محبت آهي. هن کي بلڪل خبر نہ آهي، پر هن سان منهنجو انس رهيو آهي. مان هن کي ڪڏهن بہ دل ۽ ذهن مان ڪڍي نہ سگهيو آهيان. هن کي پلائڻ جي ڪوشش بہ نہ ڪئي اٿم. تي سگهي ٿو هن محسوس ڪيو هجي. پر ڪڏهن بہ هن کو اظهار بہ نہ ڪيو آهي، جو مان ڏاڙ هٽي سگهان. اسان جون فيمليون وقفي وقفي سان ملنديون رهنديون آهن. هن جو مڙس ۽ ٻار، منهنجا ٻار ۽ گهر واري، هڪ ڊرائنگ روم يا پڪنڪ پوائنٽ تي گڏ هوندا آهن. “

اهو انسان سومري صاحب جي واسطي وارو آهي. محبتن کي ائين لڪائڻ ۽ ساهہ سان سانڍڻ ڪڏهن سنڌ جي روايتن ۾ شامل هو.

هن جو نالو لکڻ مناسب نہ آهي، ”گلاب کي ڪهڙي نالي سان بہ سڏيو هو خوشبو ۽ رنگ ۾ ساڳيو هوندو. “ (شيڪسپيئر)

سومري صاحب سان جڏهن بہ ملڻ ٿيندو هو تہ جلدي سوال ڪندو هو تہ ”ڇا ٿو پڙهين؟ “ هڪ دفعي ڏاڍو اداس ۽ تتل هيس. فورن چيو مانس، ”يار ڪتابن ۾ ڇا آهي؟ اڄ ڪلهہ ماڻهن جا چهرا ۽ نيتون پيو پڙهان. بظاهر شريف ۽ پڙهيل ماڻهن جي منافقت، نگين ۽ هيرا ڦيرين وارو ٻاب، ڏاڍو حيرت ۾ وجهندڙ ۽ دلچسپ آهي. “

سياڻو ماڻهو هو گڏجي هلي، ايوب قادريءَ کي ڳولي ڪچهري ڪري ۽ چانهہ وغيره پي تازا ٿيا هياسين.

ٻئي دفعي بہ ائين ڦاٿي پيو هيس، هن سان، ”سومرا، منهنجي ذهن ۽ اندر ۾ دوزخ واريون ڇوليون آهن. مان خاڪ ٿي ويندس. زمانو ائين ئي رهندو. “

پوءِ هميشہ چوندو هو "مون کي روز نئين دوزخ کي پار ڪرڻو ٿو پويءِ شل الله رحم ڪري" ائين چئي پوءِ چوندو هو "تون بہ هڪ دفعي اندر جي دوزخ جو ذڪر ڪيو هيو."

منهنجي ذاتي راءِ آهي تہ انسان اگر هزارين سال زندهہ رهي، پوءِ بہ هن ماندياڻ کي سمجهي ڪو نہ سگهندو. اسان جي ايڏي Approach نہ آهي. اسان جهڪڻ ۽ ڀاڏائڻ کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ ٿا ڪري سگهون. جنهن ايمان جو حڪم ٿيل آهي، ائين ڪيون ۽ بهتر ٿيڻ جي ڪوشش ڪريون. پيو ڪجهہ اسان جي وس نہ آهي.

مرحوم نذير احمد سومري جو واسطو سردار الله بخش جلباڻي مرحوم سان بہ هيو. سومري صاحب کي ذاتي طور تي سڃاڻندو هيو. لاڙڪاڻي ڊويزن جو ڪمشنر جناب نظر محمد مهر صاحب، هسٽاريڪل سوسائٽي طرفان رتوديرو ۾ فنڪشن ڪرايو موضوع هيو "رتوديرو جي تاريخي حيثيت".

پروفيسر صاحب ڪمپيئرنگ ڪري رهيو هو. اسٽيج تي مهر صاحب ۽ سردار صاحب سان گڏ ٻيا بہ ويٺل هيا.

جلباڻي صاحب ان وقت سخت غصي ۾ اچي ويو جڏهن رتوديرو نالي ڀنيان مقررن رتو مل وغيره ونڻ شروع ڪيو. بدر ابڙي صاحب چيو هو تہ "ممڪن آهي رتوديرو موهن جي دڙي جي دور جو هجي." مان اتي موجود ڪو نہ هيس. اهو جلباڻي صاحب، سومري صاحب ۽ ٻين جي زباني ۽ اخبار ۾ پڻ پڙهيو هو. سردار جواب ۾ ڳالهائڻ پيو چاهي. پر مهر صاحب هن سان حجت ڪندي چيو هو تہ "توهان ۽ مان آخر ۾ ٿا ڳالهايون، جيئن هميشہ ٿيندو آيو آهي."

جلباڻي صاحب فنڪشن ڇڏي ڳوٺ هليو آيو هو. جڏهن مان ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پنهنجي ذاتي ڪم خاطر مليو مانس تہ امام راشدي ۽ پروفيسر تي ڏاڍو ناراض هيو. بہ اڍائي ڪلاڪ گفتگو ڪئي سون. موضوع ڪٿي ئي نہ. رات ٿي وئي، لاچار ڪانئس موڪلائي نئون ديرو آيس. سومري صاحب کي ڳولي سمورو تفصيل ٻڌايم. آخر ۾ طئي ٿيو تہ گڏجي جلباڻي صاحب وٽ هلنداسين. قدرت جي ڪرڻي اهڙي ٿي جو اوچتو جلباڻي صاحب ڪراچي هليو ويو ۽ اتي اهڙو سخت بيمار ٿي پيو. جو وفات ڪرڻ کان پوءِ سندس مڙهہ مسو ديرو آيو. ٻہ ٽي سال لاڳيتو ڪراچيءَ جي اسپتالن ۽ پنهنجي بنگلي تي بيمار رهيو.

جلباڻي صاحب جا وڏا، سياست ۾ ايوب کهڙي ۽ قاضي فضل الله جي ويجهو هئا. اهڙي طرح جنرل ضياءَ جي دور ۾ مجلس شوريٰ جو ميمبر ۽ صوبائي

صلاحڪار ٿي رهيو. سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽرس ۽ ايل ايل بي ڪئي هئائين. اتي جيئي سنڌ وارن جي ويجهو رهيو پر Active يا عهديدار نہ هيو. مرحوم عبدالحميد جتوئي، غوث بخش بزنجو امان الله شيخ ۽ شاهہ محمد شاهہ وارا ايم آر ڊي تحريڪ هلڻ کان اڳ مسو ديري آيا هئا. جلباڻي صاحب سڄو جلبُ گهرائي سڀني مانيءَ جو بندوبست ڪري سٺو آڌرڀاءُ ڪرايو هو. مان اتي موجود هيس، جتوئي صاحب، شيخ صاحب ۽ شاهہ محمد شاهہ سان ڪچهري ٿي هئي. عبدالحميد جتوئي تہ ڀہ ٿي سوال اهڙا ڪيا جو جلباڻي صاحب جي موجودگيءَ ۾ مان جواب ڏيڻ کان لنوائي ويو هيس. بعد ۾ امان شيخ مون کي ٻڌايو هيو تہ "سابق جيئي سنڌ وارا پڇن پيا تہ جلباڻي صاحب جي راڄ ۾ رهندي ڪو ائين ڳالهائي ۽ سوچي سگهي ٿو."

منهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ سردار صاحب مون کي ڏاڍو ڪم آيو هو. مائٽن جا قضا، نوڪريءَ جي بدلين جا چڪر، سنگت جا ڪم ڪار مطلب تہ جيڪي وس ۾ هوندو هيس، اهو وڏن ابي ۽ چاچي جي ڪري چانهہ بہ پياريندو هو ۽ مسئلي جي حل ۾ بہ مدد ڪندو هو.

سندس ننڍو ڀاءُ مير لياقت علي خان مرحوم چوندو هو: "ڪم سان آيو هوندين، ائين ڪچهري ڪرڻ لاءِ چو نہ ٿو اچين؟" گڏ ڪيڏيا ۽ پڙهيا هياسين، مان مانيٽر هوندو هوس. فيئر بوڪ بلڪل نہ ٺاهيندو هو. استاد اهڙا هوندا هئا جو غريبن ۽ سردارن جي ٻارن ۾ ڪو فرق نہ رکندا هئا. مان هن کي لم ٽپ ڪري اٿي بيهڻ کان بچائي وٺندو هئس. سردار صاحب کان گهڻو پرپرو ٿي ڪچهري ڪندا هئاسين. هاڻي تہ صرف سندس ٽيون نمبر ڀاءُ امجد علي خان ئي منهنجي سڃاڻڻ وارن مان بچيو آهي. باقي سڀ نوجوان آهن. الله کين خوش رکي.

مسو ديري ۾ اڄ بہ جلباڻي قبيلي جون بہ شاخون جدا جدا پاڙن ۾ ويڙهن جي صورت ۾ رهن ٿيون. (1) رتاڻي شاخ (2) ڳاڙهاڻي شاخ. رتو خان جلباڻي جي پاڙي مان آهن. رتاڻي پاڙي مان ئي سردار هيو. پڳ جا حقدار رتاڻي خاندان مان آهن.

ڳاڙهاڻي، ڳاڙهو خان جلباڻي جو اولاد آهن. ٻنهي شاخن جي خاندان کي وڏن جون زمينون ورثي ۾ مليون. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هندن جون زمينون بہ انهن آباد ڪيون. ڪجهہ ڪليم ٿيا پر شروع کان اهي اردو وارا مسو ديري ۾ اسان ڪو نہ ڏٺا. اهي سڀ سامهون جون ڳالهيون آهن. شجرن ۽ ڪتابي ڳالهين ۾ ويجهو تہ تمام گهڻي ڊيگهہ ٿي ويندي. پانڊي واري مقبري ۾ بہ دفن ٿيل جلباڻي

مرحوم آهي. هن وقت قبيلي جو موجود سردار علي نواز خان ولد الله بخش آهي، جيڪو نوجوان ۽ ڪيڊٽ ڪاليج جو پڙهيل آهي.

سومري صاحب جي زندگيءَ ۾ ڪچايون ڦڪايون هونديون. اهي نه لڪڻ جو مان ذميوار آهيان. پر ڪنهن ڏي جوابده بلڪل نه آهيان. جيئن مورخ هوندو آهي.

مان ڪوپ مان چانهه جي سپ وٺڻ جو عادي آهيان. تنهنڪري ڪوپ جا تلها ڪنا به چانهن پيئڻ ۾ مون کي بي مزي ڪندا آهن. سومرو صاحب بسيءَ ۾ چانهه پيئندو هو. جنهن ڪري اڪثر ڪري هن جا صاف ۽ ڪلف ٽيل ڪپڙا چانهه ۾ خراب ٿي پوندا هئا. هن جي ڪپڙن ۾ سگريٽن جا سوارخ هوندا هئا. پنج وقت نماز پڙهندو هو جنهن ڪري بوٽن سان ته حالت ڪندو هو. بوٽن جو پويون پاسو سينڊل وانگر ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي نئون بوٽ وٺي آيو. اهو مون کي به وٺيو. لاڙڪاڻي مان وڃي اهڙو وٺي آيس. صرف نمبرن جو فرق هيو. اهو بوٽ مسجد مان ڪو چورائي ويس. ملڻ سان بغير وقت وڃائڻ جي چيائين، ”منگي هٽي ڇڏيئي! بوٽ چورائجي ويو. ڏاڍو ڌڪ ٿيو“ سمجهايو مانس: ”هيتري عمر ٿي اٿئي، نماز پڙهڻ جا به ڪجهه آداب آهن. بوٽ هميشه پنهنجي سامهون يا اهڙيءَ طرح پير ۾ رکجي جو چورائڻ وارو ڏهه دفعا سوچي ته مالڪ نه صرف نماز پڙهي رهيو آهي، پر بوٽ ۽ سامان جي چوڪيداري به ڪري رهيو آهي.“

سائين ايوب جي وفات کان پوءِ سرور سومري (غلام سرور سومرو ڳڙهي خدا بخش پٽو) جي هوٽل تي پروفيسر سان گڏجي رهاڻ به ڪندا هياسين ۽ چانهه به پيئندا هئاسين. هوٽل وري ڇا آهي. هڪ بينچ جو اوپر منهن آهي ۽ هڪ اسٽول. تمام ننڍڙي ايراضي آهي. پرسان مائٽ جي پڙي اٿس. ان بينچ جو منهن اولهه طرف آهي، ماڻهو وڏي ويندا آهن ته ان تي به ويهندا آهن. سالن کان چانهه اتي پيئندا اچون. چانهه تازي ٺهندي آهي. جيئن ڪراچي ڪلفٽن تي سمنڊ ڪناري لهرون ڏسبيون آهن. تيئن مان اُتي ويهي ماڻهن جي اچ وڃ ڏسندو آهيان. ڏٺل وائٺل، اڻ ڏٺل، فقير، فقيراڻيون، هيروئنچي، داداگير، پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل، روزگار سان ۽ بي روزگار هر ڪو هُل هُلاڪن ۾. ڪنهن کي مرڻ جيئڻ جي ڪا پرواهه نه. بظاهر هر ڪو ڪيڏو خوش ۽ چالاڪ نظر اچي ٿو. دردن مٿان اسان ڪيئن تهه چاڙهي ٿا ڇڏيون. ايئن ڇو آهي؟ فنڪاري آهي يا فطرت جي تقاضا؟ پلا رڙين ڪرڻ سان حالتون تبديل ته ڪو نه ٿيون ٿين. تنهنڪري مرڪندي

وقت گذارجي تہ بهتر.

اڄ اڪيلو ويڃي چانهن پيتم. اتي اڪيلو ويهڻ سزا سمجهندو آهيان. ويچارو ٿي پوندو آهيان. پوءِ بہ ويهي رهيس. سرور سومري کان پڇيم. پهرين چانهہ گهٽي ۾ وڪڻندو هئين. ٻڌايو هئائين، ”ٻين آني ۾.“ هاڻي اها ڇهين روپين ٿي وئي آهي. 12 پئسن واري چانهہ 600 پئسن ۾ ٿي وئي آهي. پر اها ٻي آني واري چانهہ لاڙڪاڻي جي سپنا هوٽل جي چانهہ کان بهتر هوندي هئي. مون کي ياد آ، هر هر ٿري لاهڻي پوندي هئي. چانهہ جي ٿري ڇپن کي چنبڙي پوندي هئي. اڄ نج کير ئي ڪونہ رهيو آهي، چانهہ جي مٿان ٿري ڪيئن ٺهي.

ڇاڻي واڻي سرور سان پروفيسر جو ذڪر ڪونہ ڪيم. اڳ بہ ٿي دفعا ذڪر ڪيو اٿمانس. اڄ ڪلاڪ کن ويهي اٿي آيس.

مرحوم احمد علي شاهاڻي بہ سومري صاحب جي ويجهن صحبتين ۾ هيو. سندس ڳوٺ چوهڙ پور هيو جتان مائٽن جي جهيڙن ڪري ڏاڍو تنگ ۽ خفا ٿي، لڏڻ جو پروگرام ٺاهيائين. مون سان صلاح ڪيائين. مان نہ روڪي سگهيو مانس ۽ نہ وري همٿايو مانس تہ وارو ڪر. الائي ڪيترن ماڻهن سان صلاحون ڪيائين. نئون نئون ديرو، هيڏي هوڏي، شريف ترين ٻچڙيوال ماڻهو اصل ٻي ڇين ٿي پيو هو. سومري صاحب ڳالهہ ٻڌائي تہ ڳوٺ شاهاڻي صاحب آيو ۽ مون کي چيائين تہ پير ڳوٺ ۾ جاءِ وٺي ڏي، اتي گهر ٺاهيندس. سومري صاحب جيڪو چيس، اهو مون کي ٻڌاياڻين، جيڪو لڏڻ مناسب ناهي. نتيجو اهو نڪتو تہ شاهاڻي صاحب، لڏڻ کان بس ڪري ويهي رهيو يا اسان سان ڳالهيون ڪرڻ ڇڏي ڏنائين. مرحوم احمد علي شاهاڻي ترت پوءِ هن جهان مان لڏي ويو. هن جا ٻچڙا اڃا اتي چوهڙ پور ۾ رهن ٿا. هو پڙهيل لکيل، عربي ۽ فارسي ڄاڻندڙ بااخلاق ۽ دو ٽوڪ جرئتمندي سان ڳالهائيندڙ چوندو هو ”ادا منگي! اهڙو جهان ٿي پيو آ، جو جنهن کي چانهن پيارينديين اهو اٿڻ کان ٻ ۽ ضرور تنهنجي گلا ڪندو! نہ تہ ماني نہ وٺندس.“

هڪ دفعي ٻڌاياڻين: ”هڪڙي ماڻهوءَ کان نالو پڇيم! هن نالي کان اڳ ۾ حاجي سان نالو ٻڌايو. مان هن کي چيو تہ ادا، مان نمازي احمد علي شاهاڻي آهيان.“ اهڙا انسان هليا ويا. جن جون ڪيئي ڳالهيون اکين اڳيان ترن ٿيون.

سائين نجي الله صاحب سان اروڙ ۽ ڪالڪان ديوي جي (مندر) گهمڻ جو پروگرام هيو. صبح جو عبدالخالق ۽ مان سائين وٽ پهتاسين تہ شاهاڻي صاحب اتي اڳ ۾ ئي ويٺو هو. پڇڻ تي ٻڌاياڻين تہ ”ڳوٺ مهمان آيل آهن. سوير

پاڇي وڃڻ آيو آهيان." اسان پوٺوهار گاڏي جي پنين سيٽ تي ويٺاسون. شاهاڻي صاحب کي سائينءَ پاڻ سان ويهاريو ته "موٽي ٿا اچون." سکر، روهڙي نيٺ اوڙ پهچي محمد بن قاسم واري شهيد ٽيل (ڏٺل) مسجد جا آثار ڏٺاسون. ماموئين وارو بيت زبان تي تري آيو:

هاڪ وهندو هاڪڙو پڇندي ٻندَ اروڙ
ٻهه مڇي ۽ لوڙهه سمي ويندا سوڪڙي

پوءِ جو ڏسون ته شاهاڻي صاحب غائب آهي. ڪافي دير انتظار ڪرڻ ۽ هيڏي هوڏي ڏسڻ کانپوءِ، ان کانسواءِ ئي ڪالڪان ديوي جي رستي تي، جبل ڏانهن هلياسون.

ڳوٺ اچي جڏهن شاهاڻي صاحب سان ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ملياسون ته ٻڌايائين ته "ادا، نجي الله صاحب زور آور ماڻهو آهي. لڪي ويهي رهيس. توهان ويا پوءِ بس آئي. ان تي روهڙيءَ، سکر ۽ نيٺ ڳوٺ پهتس."

عبدالخالق ڪنڌر صاحب، سومري صاحب ۽ منهنجي واسطي وارو آهي. منهنجي زندگيءَ ۾ اهو واحد سنجيده نوجوان آهي، جنهن سان اٿڻ ويهڻ، گهاٽائپ، حجت ۽ دل جون ڳالهيون آهن. مان وڏي واڪ چوندو آهيان، "جيڪڏهن باقي شهرين مان ٿي اهڙا ماڻهو مون کي ملن ته شهر جي سوشل لائيف اسان بدلائي سگهون ٿا." ڏاڍو سنجيده ۽ ڪاز سان سچو رهڻ وارو آهي. لالچ بنهه نه اٿس، هر ماڻهوءَ کي ڪم اچڻ وارو انسان آهي. هٿ جو ڪشادو. پنن جي شهر ۾ اهڙا پنڪا ڪم ڪندو آهي، جو الامان، الله پناهه ۾ رکندو اٿس. سنڌ بوڪ اسٽال. چڻ الائي ڪيترن ماڻهن جي اوطاق ۽ گڏجڻ جو ذريعو آهي. سومري صاحب کي جڏهن فون تي نه ملندو هيس ته اتي ايندو هو. منهنجو مڙهه مقام اهو هئو. ڪچهري، کائڻ پيئڻ ۽ چانهه وغيره به اتي. نه ملندو هيو مانس ته نياپو اتي ڇڏي ويندو هو. هو پئي پاڻ ۾ به گهرا هئا. ڪتاب ۽ رسالا به ڪانئس وٺندو هئس.

بيماريءَ جي دوران مولوي عبدالرحيم ڪنڌر صاحب سان مسجد ۾ ملڻ ايندو رهندو هو. هن کان دعائون گهرائيندو هو. مولوي صاحب، عبدالخالق ڪنڌر جو وڏو ڀاءُ آهي. هيءُ سچي فيملي فقيرن جي نالي سان مشهور آهي. عبدالرحيم صاحب، مدرسن ۾ مذهبي تعليم پڙهيل ۽ ڪميشنڊ پروفيسر آهي. وڏن کان وٺي پيير مٺا جي مسلڪ سان لاڳاپيل آهن. هو تبليغ لاءِ پنجاب، سرحد ۽ دبئي وغيره تائين ويندو آهي.

سومري صاحب سان پين بہ ڪيترن جو تعلق هيو کهڙا لکي ڪهڙا لکان؟ عاجز آهيان!

نڪتيون، تنهن جون ڳالهڙيون،
جيئن پاڻيءَ تي هنج (اياز)

زندگيءَ جي رڃ ۾ زخمي هرڻ
تا پڪارن، ڪو وڃي پاڻي پرڻ (اياز)

ادائون، صدائون بڻجي ويون
محبتون جفائون بڻجي ويون،
عجيب آهي قانونِ فطرت،
يادگيريون سزائون بڻجي ويون. (عاشق)

***

# وڻ- راهون ۽ چانورا

اسان شهرين وٽ پٽي صاحب جون خوش گپيون بہ مشهور آهن. ايوب خان جي دور ۾ جڏهن پٽو صاحب جيل مان آزاد ٿي بنگلي تي پهتو تہ سڀ راڄ وارا اچي گڏ ٿيا هئا. ياد رهي تہ شهرين خان بهادر احمد خان جي وفات کان پوءِ، پٽي صاحب کي "پڳ جا وَرَ" ڏنا هئا ڇو تہ خان بهادر کي پٽاڻو اولاد ڪونہ هو.

اسان جي علائقي ۾ ان وقت "ڪوڪر" دلير، ۽ ويڙهو وغيره هئا. جنهن ڪري سدائين پوليس ۽ ڪورٽن ۾ پيا حاضريون ڀريندا هئا. يعقوب ڪوڪر اهڙي نموني جي ڪيسن ڪري مشهور هو. پٽي صاحب کِلي ۽ ڏاڍي بهتر انداز ۾ سيني کي چيو تہ "ايوب خان جي هاڻي ٻيهر جيل ۾ وڌو تہ مون ۾ ۽ يعقوب ڪوڪر ۾ ڪوبہ فرق نہ رهندو." سڀ خوش ٿي مرڪيا ۽ کليا هئا. پٽي صاحب ۾ هڪ وڏي خوبي اها هوندي هئي تہ شهرين کي نالن ۽ ذاتين سان سڃاڻندو هو. هنن جي عزت ڪندو هو. کين توجهہ سان ٻڌندو هو.

جوانيءَ ۾ بي فڪر زندگيءَ ڪري، ٽول ٺاهي سڄي سنڌ پيا گهمندا

هئاسي. نئون ديري ڪري ٻاهريان ماڻهو ڏاڍي عزت ڏيندا هئا ۽ ڳالهيون ٻڌي خوش ٿيندا هئا. نوابشاهہ ڏي ڪنهن ٻڌايو تہ پٽو صاحب اقتدار واري دور ۾ غلام المصطفيٰ جتوئيءَ سان اچي رهيو هو. هڪ گريجوئيٽ نوجوان ٻنيءَ مان رونبي مان نڪري رستي تي گاڏي روڪرائي، پٽي صاحب کي درخواست ڏني. پٽي صاحب کي چيائين تہ گريجوئيٽ آهيان. پٽي صاحب چيس تہ وليم ورڊس ورٿ جي شاعري ٻڌاءِ. نوجوان شروع ٿي ويو ۽ پٽو صاحب ٻڌندو رهيو. پٽي صاحب هن کي ايس. ڊي. ايم بڻائي ڇڏيو. هو ان معاملي ۾ ڏاڍو فياض هيو.

وليم ورڊس ورٿ انگريزي شاعر کي "فطرت پسند" شاعر سڏبو آهي.

پٽو صاحب چوندو هو: "هنن کي نوڪري ڏيو ڪم ڪرڻ پاڻهي سکي ويندا."

پٽا، نواب ۽ جاگيردار رهيا آهن. هو سرڪاري نوڪري يا وزارت وغيره ڪرڻ پسند نہ ڪندا هئا. جڏهن پٽو صاحب وزير ٿيو هو تہ خان بهادر هُن کي چيو هو تہ وزارت نہ وٺ، هتي ڪمڙي ڪوٽ اٿئي. پر پٽي صاحب جواب ۾ چيو هيس تہ "توهان وڏڙا آهيو. دُعا ڪريو. جيستائين قسمت ساٿ ڏنو" هي سينہ بہ سينہ ٻڌل ڳالهہ آهي. الله ج وڏيڪ بهتر ٿو ڄاڻي.

1973ع واري ڀوڏ ڪان پوءِ جيڪا پهرين عيد آئي تہ اسان سڀ نماز ڪان پوءِ بنگلي تي هليا وياسون. هڪ شهر جي معزز پٽي صاحب کي عيد مبارڪ ڏيندي ڀوڏ فنڊ لاءِ چيڪ ڏنو. پٽي صاحب نالو پڇيس. هن ماڻهوءَ جي ڪا شڪايت پهتل هئي. نالو ٻڌي پٽو صاحب ڳاڙهو ٿي ويو. سامهون بيٺل شخص سمجهي ويو. ساهہ سُڪي ويس. ٻانهون ٻڌي معافي ورتائين ۽ رونق وري خوشگوار ٿي وئي هئي.

1973ع جي ڀوڏ ڪان پوءِ پٽي صاحب نئون ديرو باءِ پاس ٺهرايو هو. گوڏ، گنجي يا صاف سترا ڪپڙا پائي، باءِ پاس تي ائين هليو ويندو آهيان جڻ اُتي ڪو منهنجو انتظار پيو ڪري. اڪيلائپ ۾ نئون ديري جو ماضي، منهنجي آڏو ائين ايندو آهي جيئن جوانيءَ جو جوين.

اسان سنڌين جو معاشرو برائين ۽ گندگين جو ڍير بڻجي ويو آهي. اسان جو سون جهڙو ڪلچر ۽ سنايون، اسان جي آڏو پور پور ٿي رهيون آهن. سڀ سنڌي تماشائي، اعليٰ قدرن ۽ آدرشن تان هٿ کڻي رهيا آهيون. فڪري طور سنڌ هارائي رهي آهي. اسان منجي رهيا آهيون. اسان جون مخالف قوتون منظم ۽ سگهاريون ٿي رهيون آهن ۽ اسان ڪمزور ۽ ڇڙوڇڙ ٿي رهيا آهيون.

پٽو صاحب جي 1973ع جي آئين وقت، بلوچن ۽ پٺاڻ اڳواڻن پڙ ڪڍيو

هو. ڀُٽي صاحب، سائين جي. ايم. سيد جي معرفت اهو چئي قائل ڪيو تہ "ڀھريون سنڌي اقتدار ۾ آيو آهي ان کي مضبوط ڪريو." پاڪستان جي اڻ لکيل اها تاريخ آهي تہ ان سائين جي ايم سيد جي چوڻ تي ولي خان ۽ غوث بخش بزنجي وارن 1973ع جي آئين جي تائيد ڪئي پر ان مرحلي گذرڻ کانپوءِ ڀُٽي صاحب، اسٽيبلشمينٽ جي چوڻ تي پٺاڻن ۽ بلوچن کي اقتدار کان الڳ ڪري، بلوچستان تي فوجي ايڪشن جو حڪم ڏنو. ائين ڀٽو صاحب پاڪستان پاليٽڪس ۾ اڪيلو ٿيندو ويو. ان فوجي ايڪشن ۾ عطاءُ الله مينگل جي پٽ اسد مينگل جي لاش جو اڄا تائين ڪو پتو نہ پيو آهي.

هن وقت پٺاڻ انٽرنيشنل سياست ۾ پيسجي رهيا آهن. بلوچ آزاديءَ جي راهہ تي کلي ڳالهائي رهيا آهن پر اسان سنڌي، پ پ جي ووٽن تي سنڌ اسيمبلي جا سنڌي ايم. پي. اي، رحمان ملڪ ۽ فاروق ايڇ نائڪ کي سنڌ جي ڪوٽا مان سينيٽر چونڊي رهيا آهيون. ڇا پ پ وارن وٽ سنڌ مان سنڌي ڳالهائيندڙ کُٽي ويا آهن جو ٻين صوبن جي ماڻهن کي چونڊي رهيا آهن. ڪيڏي نہ افسوس ۽ ڏک جي ڳالهہ آهي.

ڀُٽي صاحب کان پوءِ بہ مارشل لا، پاڪستان ۾ لڳيون پر آئين کي ختم نہ پر معطل ڪيو ويو. سبب اهو آهي تہ سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ سِڌا ڪونہ ٿيندا اچو تہ ٽيئي صوبا گڏجن تہ بہ پنجاب جا ميمبر گهٽجا ٿا ٿين.

1973ع واري ٻوڏ ۾ سکر بئراج مان 12 لک ڪيوسڪ پاڻي وهيو هو. ٻُل پاڻيءَ جي دٻاءَ ڪري لُڏي رهي هئي جنهن ڪري درياءَ جي ڪاڇي ڪپ کي روهڙيءَ کان مٿي بند لڙهي ويو هو. سڄو ڪچو ٻڏي ويو هو. ڳوٺاڻا ڪچي وارا سامان ۽ مال سميت پڪي تي نڪري آيا هئا. ڀٽي صاحب وڏو سامان ورهاست لاءِ موڪليو هو. گيهہ، چانورن، اٽي، داليُن، کنڊ ۽ صابڻ وغيره جون ٽرڪون موڪليون هيون. ڪجهہ غريب غربن کي مليون ڪجهہ پاندن ۽ ٻين هنڌن ڏانهن منتقل ٿيون. ماڻهو راتو رات "لک پتي" هيرا ڦيريءَ ڪري ٿي ويا. ان وقت ممتاز علي ڀٽو سنڌ جو وزير اعليٰ هيو. ريڊيو تي هُن جا اعلان هئا تہ "اتر وڃو." پر ڪير ٿو گهر ڇڏي

رائيس ڪئنال کي ساڄي ڪپ کان ٽوڙيو ويو. نئون ديرو ۽ شگرمل کي ائين بچايو ويو هو. ان ٻوڏ 1942ع کان پوءِ وڏي تباهي آندي هئي. پر ڀٽي صاحب ۽ ممتاز خان ڀٽو جي ترت ڪميونيڪيشن ڪري گهٽڻ جي واهر ٿي هئي. حڪومت پاڪستان کي وڏو مال امداد طور مليو هو. سنڌ ۾ 1942ع واري ٻوڏ

”چتي ٻوڏ“ ڪري مشهور آهي. ڪافي ملڪيتن ۽ فصلن جو نقصان ٿيو هو.

هن ڌرتيءَ تي ازل کان ڪو وهنوار ائين پيو هلي. شريف پيو سنجي ۽ بي ايمان پيو عياشيون ڪري. هينئن اسان سڀ ايماندار ۽ سچا آهيون پر وقت اچڻ تي ”ايمان، مهمان ٿيو وڃي.“ ۽ هر هڪ پيو پڪاري ”يا بي ايماني! تيرا آسرا.“ ٻوڏ جي ورهاست اڪين سان ڏٺي ۽ گهڻو ڪجهه ماڻهن جي واتان بہ ٻڌو. الله سڀني کي معاف ڪري.

انساني زندگي بہ عجيب آهي. هر ماڻهو پيچيده ۽ عجوبو آهي. پنهنجي زندگيءَ جو سفر بہ سمجهہ ۾ ڪونہ ٿو اچي تہ هي سڀ ڇا آهي؟ ڇو آهي؟

جيترو سوچجي ٿو اوترو وائڙو ٿي منجهي پئجي ٿو.

غلام حسين ڪٽپر ۽ غلام سرور ناريجو دوست آهن ۽ ويجهو رهيا آهيون. بغير منافقي جي هڪٻئي سان بحث مباحثا ڪندا آهيون. ڪڏهن ڪونہ ٺهيا آهيون. اسان جڏهن بحث ڪندا آهيون تہ ٻڌندڙ بيزار ٿي پوندا آهن پر سڀ ڪجهہ سمجهندي بہ اسان مڙندا ڪونہ آهيون. ڪٽپر صاحب، پڙهيل لکيل، خشڪ مزاج انسان آهي. هو سوشل ايترو نہ آهي جيترو غلام سرور ناريجو. ناريجو ملهہ ۽ ڪوڏي ڪوڏي راند بہ ڪندو هو. هو ننڍين، وڏن ۽ پوڙهن جو يار آهي. هن جي ڪچهريءَ جي ڊمانڊ هر هڪ ڪندو آهي. مون کي بہ وڻندو آهي پر بحث ۾ ٽڪائي وجهندو آهي ۽ ڪا ڳالهہ نہ مڃيندو آهي.

هو ٻئي چوندا آهن تہ تهذيبن جي اٿل پٿل، فاتح ۽ مفتوح، ڪلچر ۽ ٻولين وغيره ايتريون اهم نہ آهن. انساني لڏپلاڻ اتر کان ڏکڻ طرف ٿي آهي. سينٽرل ايشيا وارا افغانستان، هندستان، برما ۽ سيلون کان ٿيندا هر هنڌ پکڙيا آهن. مان سيدو سادو سنڌي منجهي پوندو آهيان ۽ هنن کي چڙي چوندو آهيان، ”توهان مون کان سنڌيت نہ کسيو.“ دوست ٿيو يا نہ ٿيو توهان جي مرضي. وڏا پڙهيل لکيل الائي ڇو ”چريا“ ٿي پوندا آهن.

سنڌ ۾ واهن ۽ شاخن جي ڪپن تي ڏاڍي وڻراهہ هوندي هئي. اها وڻراهہ ايريگيشن وارن جي محنت هئي. 1970ع کان پوءِ انهن ۾ واڌي پئي آهي تہ سڄي سنڌ ”تارين“ کان خالي ٿي وئي آهي. اربن کربن جو ڪاٺ، فوجي، پوليس ۽ چڱا مڙس وڌرائي ويا ۽ ڪجهہ پگهرن جي مُٺ قيمت تي نيلام ڪيا ويا. ائين وڻ ۽ سنڌن ڇانوءَ سنڌجي سونهن اسان جي سامهون اجڙي وئي. هاڻي جو گرمي پد، $53^0$ کان $54^0$ تي پهتو آهي اهو وڻن ۽ ٻيلن جي واڍيءَ جو نتيجو آهي. اسان نئين ديري وارن دادوءَ ۽ رائيس ڪئنال جون شاهي تاريون ڏٺيون ۽ هاڻي رڳو

اسڪالر هاڪاري ٿيندو آهي. هن جو مرڻ جيئڻ قوم سان هوندو آهي. دنيا ۾ ترمنالاجيءَ طور "Think Tank"جو محاورو استعمال ٿئي ٿو. ڪشميرين ۽ فلسطينين جي "ٿنڪ ٽينڪ" انڊين ۽ اسرائيلين جي ٿنڪ ٽينڪ کان الڳ بنيادن تي سوچي ٿي. اهڙي طرح پاڪستاني ٿنڪ ٽئنڪ، پنجابي ٿنڪ ٽئنڪ، اردو ٿنڪ ٽئنڪ کان "سنڌ ٿنڪ ٽئنڪ" الڳ هجڻ گهرجي. سرڪاري ملازم مظلومن جا ٿنڪ ٽئنڪ بڻجي نه سگهندا آهن. جيڪڏهن بڻبا آهن ته سنڌ وانگر ناڪام ٿيندا آهن. سواءِ ابراهيم جوئي صاحب جي، باقي سڀ پگهارن تي ڪم ڪندا آهن."

آمريڪي ٿنڪ ٽينڪ جي پاليسي فلسطين لاءِ جدا ۽ اسرائيل جي حمايت ۾ آهي. عراق يا افغانستان لاءِ جيڪي هنن جون پالسيون آهن اُهي جڳ جهان جي آڏو آهن.

فردوسي، ايراني قوم پرست شاعر آهي. محمود غزنوي درهمن عيوض هُن کان شاهنامو لکرايو. جڏهن پئسا نه مليس ته ڪاوڙجي هليو ويو. مرشد لطيف مفت ۾ شاعري ڏني، ٻولي ۽ سنڌ کي امر ڪري ويو پر اسان ڇا پيا ڪريون. ڪيڏي نه ڏک ۽ افسوس جي ڳالهه آهي. پڳت ڪبير چيو آهي، "جيڪو قوم سان سچائيءَ سان پيار ڪري ٿو ۽ ان تي پاڻ فدا ڪرڻ تائين قائم رهي ٿو اهو ئي عالم، اديب ۽ عزت لائق آهي."

سنڌ ۾ به اهڙو "يومِ الحساب" ايندو جڏهن سياستدانن سان گڏ عالم ۽ اديب به مجرمن وانگر ڪٽهڙي ۾ بيهندا. ڇا اسان سنڌين جو ڌڻي سائين نه آهي؟ الله واڳ ورائيندو."

"ڇڄ ۾ َقطاران، ساٽ چڙهندو لڪين." لطيف رحه

سنڌ ۾ پنج لک شاعر آهن. (ڪاوش رپورٽر) هزارين نثر نويس آهن. سجاڳي ۽ سڪون ڪٿي آهي؟

چين جو چواين لائي، غلام محمد بئريج تي آيل هيو. حيدر بخش جتوئي سنڌ جي هارين کي وٺي اتي اُن سان مليو. ڪامريڊ، چواين لائيءَ کي چيو ته "سڄي سنڌ جا هاري مون سان آهن."

چواين لائيءَ انگريزيءَ ۾ چيس،

"Where is revolution Comrade?!"

"ڪامريڊ انقلاب ڪٿي آهي؟"

سنڌ ۾ انڌير نگري لڳي پئي آهي، هي بڻيا آهن اديب ۽ دانشور، پنهنجون

روشنيون مٽايو! نہ تہ سنڌ ڏيڻ ۾ لهندي ويندي، سڀ غرق ٿي ويندا سون. دنيا ۾ عبرت لائق بڻجي ويندا سون.

سابق صدر مشرف چيو تہ "سنڌي نا اهل آهي." هر بلوچ رڙيون ڪري چوي ٿو تہ "اسين مري ويندا سون پر توهان جي آڻ نہ مڃيندا سون. سنڌين سان جيڪو حشر ڪيو اٿو اهو اسان جي آڏو آهي. اسين بلوچ آهيون، سنڌي نہ آهيون."

سنڌين سان 1947ع کان وٺي حڪمرانن جي ساڳي روش رهي آهي.

ڳالهيون ڪري تہ پوريون ڪيون سين، مگر اڃا،
ڪا ڳالهہ دل ۾ آهي، جا پوري نہ ٿي سگهي آهي.
(شيام)

رکي نگاهہ ۾ نڪتس مگر پُڏايان ڇا،
وڃائجي وئي مون کان تہ واٽ ۾ منزل!
چڙهيو هوائن تکو طوفان، رخ متيو غوراب،
نظر نہ هاڻ اچي دور تائين ٿو ساحل.
(شيام)

قدرت واري جو ڪرم آ، مان سنڌ ۾ رهان ٿو. پر "شيام" جي جذبن کي سمجهان ٿو. ڪنهن کي ڦاهيءَ تي چاڙهجي پر وطن ۾ مٽيءَ کان ڪو ڏار نہ ٿئي. ها! غدارن لاءِ اهڙي سزا قانوني شڪل ۾ ضرور هئڻ گهرجي.

شيام هند ۾ سنڌ جو مقبول شاعر رهيو آهي. سڀ ڪجهہ دُنوي سهوليتون ۽ آسائشون هوندي بہ پنهنجي جنم پوميءَ لاءِ سڄي عمر تڙپندو رهيو آهي. مٽيءَ جو مقام ۽ حيثيت آهي. جتي ماڻهوءَ جي "آورَ" پوريل هوندي آهي. اُن مٽيءَ جي سڏ ۾ سڪ ڪري بي اختيار "شيام" چيو هوندو.

الائي ڪهڙي مهل، ان مان 'شيام' نڪتاسين،
وطن ورڻ تہ ڇا، سرحد ڏسڻ نصيب نہ ٿي.

سيد غلام نبي شاهہ سان واقفيت آهستي آهستي دوستيءَ ۾ تبديل ٿيندي وئي. اميد علي ڪنڀر کان پوءِ مونکي هو ان ڪري وڏيڪ وڻيو هو جو هُن پُڏايو هو تہ انگريزي پڙهڻ دوران جيڪو ڪتابن، بوڪن ۽ پينن وغيره جو خرچ ايندو هو اِهو گهر وارا تڪليف سان ڏيندا هئا. ٽورو ٽائيم پارٽي ۾ شام جو محنت ڪري ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪمائي وٺبو هو. اهڙي نموني مئٽرڪ 1968ع ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي هئائين. ڪاپي اُن وقت هوندي ڪونہ هئي. بعد ۾ ڪراچيءَ هليو ويو. اُتي يو.بي.ايل ۾ ڪلارڪيءَ لاءِ انٽرويو ڏنائين ۽ ميرٽ تي چونڊجي ويو. يو بي ايل ۾

آفيسر مقرر ٿيڻ کان پوءِ منهنجي هن سان واقفيت ٿي. 25_30 سالن کان مون کي ڊائري ۽ ڪئلينڊر ڏيندو آيو آهي. پينٽ شرٽن، ڪوٽن ۽ واسڪيٽن جو شوقين، مهانگيون شيون خريد ڪرڻ هُن جو مشغلو رهيو آهي. ڳالهائڻ ۾ بي رخو ۽ بي پرواهه سچ اهڙو چوندو جو ٻڌندڙ چڙي به هٽي نه سگهندو. هُن جي طبيعت ناريل وانگر آهي ٻاهران سخت، اندران پاڻيءَ وانگر نرم.

هو پنج وقت نماز جو پابند ۽ حرام جي پئسن کان پري رهندو آيو آهي. هِن سان جيڪي ڪم ڪندا آهن، اُهي ٻڌائيندا آهن ته مهيني ۾ اسٽيشنري وغيره لاءِ جيڪي پئسا ملندا اٿس اُهي بچائي واپس بينڪ کي ڏيندو آهي. سندس جونيئر دوست آفيسر بڻجي ويا پر هي پنهنجي حال ۾ خوش. سڀ سندس عزت ڪندا آهن. بينڪ طرفان گاڏي مليل هئس. ڪريڊٽ آفيسر طور ڊيوٽي پوري ڪري هن وقت ايل. پي. آر تي آهي. آرام ۽ سُڪون سان وقت گذاري پيو. پوٽن سان دلچسپي اٿس.

. سکر خريداريءَ لاءِ گڏجي ويندا آهيون. اڪيلو نه ويندو آهي. ڪراچي سڄي گهميل اٿس، اتان اڪيلو ٿي ايندو آهي. شايد جوانيءَ ۾ اتي عشق ۾ پيرين پنڌ سڀ ڪجهه ڏسي چڏيو اٿائين. چوندو آهي سکر سمجهه ۾ نه ٿو اچي. پلجي ويندس.

هو منهنجو پسنديده يار آهي، هُن سان ڪوشش ڪري گهٽ بحث وغيره ڪندو آهيان. هُن جهڙي سادگي ۽ سچائي، مون کي ٻين ۾ نه ملندي آهي. ڏاڍي نفيس طبيعت جو مالڪ آهي. جلدي ناراض ٿيندو آهي ۽ بعد ۾ سڀ ڪجهه وساري ڇڏيندو آهي. آفيسرن ۽ پنهنجي محلي ڪانسواءِ ٻين سان گهٽي ڪونه پويس. ٿورا دوست اٿس. بينڪ آفيسر هئڻ ڪري ادب، شاعري ۽ ٻيا ڪتاب ڪونه پڙهي سگهيو آهي. هاڻي ٽائيم اٿس، سنڌي ادب پڙهڻ لاءِ ڪيس راضي ڪندس.

اسان ڏاڍي وڏي خطري ۾ آهيون. ڇو ته ٻولي، ڪلچر، روايتون، ملڪيتون ۽ اقتصادي وسيلا، پاڻي ۽ تاريخ وغيره وارا مسئلا پنهنجي اهميت وڃائي رهيا آهن. هر ماڻهو مفادپرست بڻجي ويو آهي. ٻين جو حق طاقت جي زور تي قبائڻ، هيراڦيري ڪرڻ، ميرٽ ۽ اخلاق کي نظرانداز ڪرڻ، معاشري جو ڪو مسئلو نه رهيو آهي. هرهڪ ڪار، بنگلو، بئنڪ بئلنس، مطلب ته آسائش طلبي ٿو. اهي شيون هٿ ڪرڻيون آهن. حلال ۽ حرام، اخلاق ۽ بداخلاقي وارا موضوع ئي نه رهيا آهن. جيڪي جماعتون سنڌ جي مسئلن کي اهميت ڏئي رهيون آهن. انهن کي ٻُڌڻ لاءِ اڪثريت سنڌين جي تيار ئي نه آهي.

اپريل ۽ مئي جي مهينن ۾ سنڌ سان ملحق بلوچ ۽ بروهي رهندڙ

بلوچستان جا قبيلا هر سال نقل مڪاني ڪري سنڌ ايندا رهيا آهن. سنڌ سرسبز ۽ پاڻيءَ واري آهي، ائين هنن جو مال مرڻ کان بچي ويندو آهي. ايندڙ موسم لاءِ سنڌ مان محنت مزدوري ڪري اناج واپس پنهنجي وطن کڻي ويندا هئا. ائين سوين سالن کان اهو سلسلو هلندو پيو اچي. 1970ع کان پوءِ وڏي تعداد ۾ اهڙن لاڏائو قبيلن جا سنڌ ۾ ڳوٺ ٺهي ويا آهن ۽ اُهي هتيار ۽ منشيات وڪڻي سنڌ جون زمينون خريد ڪري رهيا آهن. پڙهي نوڪريون ڪري رهيا آهن ۽ جرم بہ ڪري رهيا آهن. ڪجھ ماڻهو پاڪ صاف زندگي بہ گذاري رهيا آهن. پر اُهي بلڪل ٿورائيءَ ۾ آهن.

رتيديري جي پرسان مرڪياڻي زميندار هوندو هو. اُن کي خبر پئي تہ ڪو ياڳ ناڙيءَ پاسي اچي، لڏو لاهي ويٺو آهي. روڊ رستي ياڳ ناڙي رتيديري کان گهٽو پنڌ پري آهي پر مون کي ياد آهي تہ ننڍي هوندي اسان جي ڳوٺ مسوديري جي رند قبيلي جا ماڻهو ڊور ڏيگا ڪاهي پنڌ، ڳڙهي خيري وغيره کان اوڏانهن ايندا ويندا هئا. سائين چيزل شاهہ جي ميلي تي فتح پور بہ پنڌ ايندا ويندا هئا. اوتان هوا ڇي جوٺر، ڪارڪون، نر شهارا ۽ ننيڙا ڪتڙا منڙا شڪل ڳاڙها پير آٽيندا هئا. انهن پيرن کي ڄاڳوري پير يا ان سان ملندڙ جلندڙ لفظ سان اچاريندا هئاسي. مرڪياڻي زميندار گهوڙيءَ تي چڙهي انهن سان ملڻ ويو. ان خاندان ۾ هڪ خوبصورت نوجوان ڇوڪري هئي. ان ڇوڪريءَ کي ڪيئي ماڻهن شاديءَ لاءِ آڇون ڪيون پر ڇوڪريءَ صرف هڪ شرط وڌو "مُنهنجي اُٺين ۽ رڍن کي پاڻي آڻي پياريو. آءٌ ان جي ڪنوار ٿينديس." نوجوان الهڙ ڇوڪريءَ بغير تعارف ۽ ڳالهہ ٻولهہ جي ان مرڪياڻيءَ کي بہ ساڳيو پيغام ڏنو. رتيديري ۽ آسپاس سينہ بہ سينہ هيءَ ڳالهہ مشهور آهي.

"مرڪياڻي پنهنجي راڄ وارن دوستن زميندارن جي هارين وغيره کي ڪوٺ ڏئي سکر واهہ مان، شاخ ڪوڏارين تي ڪيرائي ان خاندان جي مال تائين سنڌوءَ جو پاڻي پهچايو. بعد ۾ مرڪياڻي اجرڪ اُوڍي، گهوڙيءَ تي چڙهي پاڻيءَ سان گڏ اتي پهتو. جانورن پاڻي، پيتو. نياڻي ڪنڌ جهڪائي پنهنجي خاندان سميت، مرڪياڻيءَ وٽ پهچي چيائين تہ "واعدي سميت، مان تنهنجي آهيان، سڀ رسمون ادا ٿيڻ گهرجن.

مرڪياڻيءَ اجرڪ لاهي، نياڻيءَ کي اوڍائي چيائين تہ، "مردن سان هاٺ (ضد) نہ هٽندي ڪري اڄ کان تون منهنجي نياڻي آهين. اُها آفاقي سنڌ اُڏامي وئي. تخم منجي ويا، سنڌ جا قدر لتجي ويا. (تخم تاثير، صحبت اثر). سنڌ جي

صحيح ۽ سچي تاريخ قلمبند ٿيڻ گهرجي ڇرجي تہ هونءَ بہ ويا آهيون.
نئون ديرو شهر جي سوشل لائيف ۾ راڳ رنگ، والي بال جون ٽورنامينٽون، ملهون، ڪوڏي ڪوڏي، ونجهہ وٽي ۽ ڏيٽي ڏڪر جهڙيون رانديون ٿينديون هيون. ننڍا ٻار موسم آهر چڪريون، چدا ۽ لغڙ وغيره اڏائي شوق پورو ڪندا هئا.
ڪڪڙن جون ميلون، تترن جي ٻولڻ جا مقابلا، ڏاندن جي گوءِ ۽ گهوڙن جي ڊوڙ بہ ٿيندي هئي. غلام سرور ناريجو علي مردان پٽو جيڪو خوشحال گهر جو ڏاڍو خوبصورت نوجوان هوندو هو. ماڻهو هن جون ٽنگون ۽ پٽي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيندا هئا. محمد علي ڪَلي، گهري سانوري رنگ جو منهنجي پاڙي ۾ رهندو هو. هو ڏاڍي بهترين ڪوڏي ڪوڏي کيڏندو هو. باڪسر محمد علي جي نالي ڪري ڪَلي سڏيندا هيا سونس. هو صحتمند ۽ طاقتور هوندو هو. ان وقت پهرين جوڙ ۾ "ڊبو شيدي" راند ۾ سوپارو نالو هو ان نسبت سان هن کي "ڊبو" بہ سڏيندا هئاسي. محمد حيات لوهر وارن جو مائٽ هو. عباسي ذات هيس. پوليس ۾ پرتي ٿيو ڪٿي رهي ٿو اها هاڻي خبر نہ آهي.
دادو ڪئنال تي پڪنڪ تي هڪ دفعي ناڪومل ڪپڙي واري ڪوڏي ڪوڏي ۾ مون کي ڏاڍو ڏک هنيو. ان کان پوءِ ملهہ ۽ ڪوڏي ڪوڏي کيڏڻ ڇڏي ڏنم. "ناڪو" ڏاڍو سهڻو ۽ صحتمند هو بعد ۾ هو انڊيا هليو ويو. راندين ۾ طاقت ۽ فن، ٻئي اهميت رکن ٿا.
نئين ديري جي چوڌاري، مسوديري جي ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ مان جنت جهڙي زندگي گذاري آهي. ڳيرن جي گهوگهو تترن جي پير پير پڌر جهرڪن جي چون چون، ڪانون جي ڪان ڪان، هيڙهن جي هل هنگامن جو آواز طوطن جون لاتيون ۽ نر بلبن جو مادين پنيان ڊڪڻ جهڙا نظارا روز ڏسبا هئا. سنڌ ۾ ٻاهريان ماڻهو تہ خير آهن ئي آهن پر گ.هہ اسڪول ماهوتا ۾ ٻاهر گهمي رهيو هئس تہ بربلن جو جوڙو ويٺل ڏٺم. حاجي پٽيوالي کي سڏ ڪري هن کان پڇيم. هُن ٻڌايو تہ هي ايراني آهن سنڌي نہ آهن. سنڌي بربلي جي پڇ هيٺان "ڦڪي" رنگ جو نشان آهي جڏهن تہ هِن کي "گلابي نشان" آهي. اهڙي طرح پنجاب جي ماڪي پهتي آهي جيڪا ڏنگي ٿي تہ ماڻهو بي هوش ٿي وڃي ٿو. ڪٿي تہ ڊور ۽ ماڻهو مري بہ ويا آهن. ماهوتا هاءِ اسڪول جو اسٽاپ "هيرا واهہ" سڏبو آهي. واهہ هاڻي ڪونہ آهي، واهڙي بہ نہ آهي. ٽالٽي جي پنيان باغن ۾ اسڪول آهي. اُتي جنت جهڙي ماحول ۾ پڙهائڻ جو پنهنجو لطف آهي. مون کي گمان آهي تہ هيرا واهہ جو مُنهن گهاڙ واهہ مان هوندو. ٽالٽي جي ذڪڻ ۾ گهاڙ واهہ جا آثار اڄ بہ آهن صرف باغ

ٽپيو تہ گهاڙواھ ڏسبو. پرسان مقام وٽان بہ گهاڙ واھ ڏسي سگهجي ٿو. ان مقام سان گڏ ڏکڻ طرف وڏو دڙو آهي. اهو قلعو چوڻ ٿا جيڪو پراڻي "ماهوٽا" کي چوڏاري هيو.

هڪ گل قطار پئونر تہ، هڪ پئونر، گنج گُل،
هِن باغ جي بهار جون کمڙيون کچيون کيون
(استاد بخاري)

يوناني ديو مالائي قصا ۽ ڏند ڪٿائون اڄ بہ منهنجو توجهہ ڇڪي وٺنديون آهن. ٿورا ماڻهو راسپوٽين ۽ ميڪاولي بڻبا آهن نہ تہ ڪتابي دنيا ماڻهوءَ کي مهذب ۽ سڌريل بڻائيندي آهي. مظلوم ماڻهو پئي تي ظلم نہ ڪري سگهندو آهي. اخلاق ۽ مذهبن جون حدون جت ڪٽ اورانگهجي رهيون آهن. تڏهن ڌرتيءَ تي ظلم وڌي ويو آهي. ملڪي ۽ بين الاقوامي قانون هارائي ويا آهن. ڪجهہ ٿيڻ گهرجي. ظالمن کي لغام اچڻ گهرجي پر صرف ڳالهين مان ڪجهہ ٿيڻو نہ آهي. بديءَ کي متائڻ لاءِ "ڪَنڌُ" گهرجي. رت جي ريج مان نيڪئ ۽ انصاف ڦٽندا آهن.

وزير علي شيخ، نئين ديري جو پهريون اخباري رپورٽر هو. بعد ۾ غلام عباس ڏوڪيءَ اهو ڪم سنڀاليو. عبدالخق ڪنڌر بہ اهو ڪم ڪيو. سڀ مفت ۾ خبرون موڪليندا هئا. هاڻي پريس ڪلب آهي ڪافي رپورٽر آهن پر خبرن موڪلڻ لاءِ ڪجهہ "ونڊ" ڪرڻو پوندو آهي ڇو تہ اخبارن جي مالڪن وٽان هنن کي ڪجهہ ڪونہ ملندو آهي.

بشير اردو ميڊيم وارو سڄي شهر ۾ اخبارون پهچائيندو هو. 90ع واري ڏهاڪي ۾ ڪراچيءَ ويو تہ عبدالخالق ڪنڌر کي اخبارون حوالي ڪري ويو. هاڻي هن جا ملازم اخبارون ورهائيندا آهن.

غلام عباس ڏوڪيءَ "شاھ عنايت شهيد لئبريري کولي جيڪا ڪجهہ وقت کانپوءِ بند ٿي وئي.

سڪندر علي ڪٽپر، نئون ديرو ميونسپالٽيءَ جو وائيس چيئرمين رهيو آهي. هن جو وڏو پاءُ شگر مل ۾ آفيسر ٿي رهيو آهي. هو ٺنڊي چام جو پڙهيل آهي. منهنجا ڪافي دوست هن بابت پڇندا آهن. مرحوم غلام سرور دائودپوٽو هن شهر جو پهريون شهري آهي جيڪو ڊپٽي ڪليڪٽر بڻيو. پٽي صاحب جيڪي آفيسرس لاٿا هئا، ان لسٽ ۾ هن جو نالو بہ هيو. چون ٿا تہ لٽل آفيسرن ۾ سنڌي آفيسرن جي گهڻائي هئي. فضل الله قريشي سابق سيڪريٽري "ٽاڪ شو" ۾ چيو هيو "جڏهن بہ پ پ اقتدار ۾

ايندي آهي تہ سڀ منظم ٿيڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. سِگا وري ساهہ کڻڻ شروع ڪيو آهي. "سٽيزن ڪلب" نوان عهديدار منظم ڪري رهي آهي. " نئين ديري جو وڏو مسئلو آهي تہ هي شهر هاڻي تعلقو ٿيڻ گهرجي پر الائي ڇو هلندي پڄنديءَ وارا ڏڄي رهيا آهن اهڙو مطالبو ڪندي.

غلام حسين ڪنڀر گذريل سال (2007) هڪ "فورم" جوڙيو هو. ان پليٽ فارم تي هو ليڪچر ڪرائيندو هو. سنڌي ادبي سنگت بہ چڱي فارم ۾ نہ آهي. شخصيتون هڪ ٻئي سان ساڙ رکنديون آهن. ٽڪراءَ ۾ ايندیون آهن ۽ آهستي آهستي تنظيمو وجود مٽائي وينديون آهن. مان گذريل 20 سالن کان اڪيلو سنگت ساٿ سان مزي سان، دانشورن کان پري رهان ٿو. ذاتي طور سيني سان چانهہ پيئندو آهيان ۽ ٿڪ ڏيندو آهيان. باقي تنظيم سان هلڻ عذاب سمجهندو آهيان. ڪافي تجربو آهي. هن شهر ۾ شروعاتي طور جيڪي ويسيون رکيون ويون، انهن ماڻهن کي ڏاڍو ٻرو ڏنو آخر ۾ هو ماڻهن جا پئسا کڻيون پڄيو وڃن. نالا ڪٽي سگهجن ٿا پر شهر وارن کي اهي ياد آهن. ٻيا هنن کي سڃاڻن ڪونہ. نئون ديرو ۾ "شهبازي" موچي اهلسنت (بريلوي) جو هوندو هو. "خدن" ويراڳي شيعن (اثناعشري) جو اڳواڻ هوندو هو. ٻئي لاڙڪاڻي ڊي سي صاحب کان ڏهين محرم ۽ ٻين ڏينهن تي اجازت وٺڻ لاءِ گڏ ويندا هئا. لاڙڪاڻي گڏجي ماني وغيره کائيندا هئا. ڏاڍو پرامن پروگرام ٿيندا هئا. اسان عيدگاهہ ۾ سنين جو واعظ ٻڌندا هئاسي. پٽ بہ ملي ويندو هو. وري اتان اُٺي "پِتِڪو" بہ ڏسندا هئاسي. ان وقت وهابين (ديوبندين) جو ٻاهر ڪوبہ ميڙ نہ ٿيندو هو.

هاڻي نفرتون وڌي ويون آهن. مون کي ان وقت ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي جڏهن اُهي مذهبي ميڙ ڪندڙ (سُني، ديوبندي ۽ اثناعشري، يو.بي ايل وارو رستو بند ڪندا آهن. سياسي ماڻهو بہ ائين ڪندا آهن. ڏاڍي شهرين، بسن جي مسافرن ۽ ٻين سوارين کي تڪليف ٿيندي آهي. مذهب تہ ماڻهن جي آرام سڪون ۽ انصاف لاءِ آهي، پوءِ ان جا پوئلڳ ماڻهن کي تڪليف ڇو ٿا ڏين. ڪنهن مناسب جڳهہ تي سيني کي گڏ ٿي پنهنجو پرچار ڪرڻ گهرجي.

افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ قبرستان هڪ اهڙي جڳهہ آهي جتي غريب، امير وغيره جو ڪوبہ فرق ڪونہ آهي. پير گهرگهل واري مقام ۾ ماڻهن ڇا ڪيو آهي تہ جنهن جي وڏڙن جي قبرن جي چوڌاري پٽيون ۽ چبوترا جوڙائي غريب ۽ امير، فقير ۽ دولتمند جي آخري آرامگاهہ جو ڏيکاءُ ڪيو ويو آهي. عام دولتمند ۽ مذهبي ماڻهو سڀ ان ۾ شريڪ آهن. انهن پٽين جي هيٺان يقيناً غريبن جي

جسم جي خاڪ ۾ هڏڙيون هونديون يا آهن. يا انهن قبرن جي مٿي مٿائي وڃي ٿي. اها مري ويل ماڻهوءَ جي بيحرمتي آهي. اسلام ان ڳالهه کان منع ڪري ٿو. "باڳي" چري مقام (پنهنجي صاحب جي سيلر جي پنيان" ۾ ته ماڻهن گهر ۾ اوطاقون ٺاهيون آهن. قبرستان ۾ ته بوٽ پائي وڃڻ جي به منع آهي. هڪ دفعي حضور صه جن هڪ شخص کي جُتيءَ سان قبرستان ۾ ڏٺو. پاڻ سڳورن ان کي منع ڪئي. سائين محمد اسماعيل منگيءَ (مهربان بزرگ) حج تان موٽڻ کانپوءِ تحفي طور "جنت البقيع جو نقشو" پنهنجي سوڪڙين سان گڏ موڪليو. مٿين حديث شريف اتان ڏسي لکي اٿم. نئين ديري ۾ ٽيون بخاري وارو مقام آهي. سائين نور محمد ميراڻيءَ جي امام بارگاهه به اتي آهي.

حاجي گل محمد جوکيو صاحب، ماستريءَ ۾ خود انسپيڪٽريءَ کان وٺي واسطي ۾ رهيو آهي. مان نوڪري سڪون ۽ آرام سان ڪري نه سگهيو آهيان. بدليون وغيره ٿينديون رهيون آهن. گل محمد صاحب، سائين نجي الله ۽ مسوديري جا جلباڻي صاحبان اهڙي نموني مدد ڪندا هئا جو ياد ڪري مون کي الله ج ياد اچيو وڃي. انهن بدلين ۾ ڪڏهن مون ڏک نه ڏٺو. صرف پسند جو اسڪول ڇڏڻو پوندو هو يا وٺڻو پوندو هو. ائين زندگي گذري وئي. الائي ڪيترن جا قرب ۾ ٿورا آهن. الله ڪڏهن اڪيلو نه ڇڏيو آهي.

غلام حسين سان جيڪي ڳالهيون ڪري نه سگهندو آهيان، اُهي غلام سرور ناريجي سان ڪري مزو ماڻيندو آهيان. ناريجو جڻ افلاطون هجي. ڳالهيون پڌي پوءِ حل ٻڌائيندو آهي. غلام حسين جي مقابلي ۾ مطالعو گهٽ اٿس پر اعتماد اهڙي سان ڳالهه ڪندو جڻ "يورپين لئبريريون" پڙهيو وينو آهي. مرڪندڙ ۽ ٺمڪ ڏيندڙ چهرو سنهڙو ٿولهه کان آجو نفيس طبيعت جو سنجيده ڪيڏي به زيادتي ڪيوس، وينو آرام ۽ سڪون سان پڇندو. آخر ۾ ان کان اهڙو پلٽ ڪندو ته سامهون وارو هڪو ٻڪو ٿي ويندو نه جواب ڏئي سگهندو ۽ نه وري اُٿي پڇي سگهندو. وڏو فن اٿس گفتگوءَ جو هميشه هڪٻئي جي عزت ڪندا آهيون. هو مون کي جهڳڙالو جذباتي ۽ بخت وارو سڏيندو آهي. مان خوش ٿي هُن تي حاوي ٿي وڃڻ واري حيثيت ۾ چوندو آهيان، "مڙس ماڻهو آهين. مجين ٿو نه ڪٿي ته توکان ڪٿي ورتم. عاشقن جي نصيب سان تون ڇا پڇندين."

هو ڏاڍي افسرده لهجي ۾ چوندو آهي، يار! سڄي عمر ڪنهن محبت ڀريل نيڻن سان نه ڏٺو آهي. مان مزو وٺندي هن کي چيڙائيندو آهيان، موڊ ۾ اچي چوندو: مولا سان ڪجهه ڪونه هو مڙئي تنهنجو وهم آهي. ڳالهه ڪندي گلاب جي گل

لابارا، گيت ۽ ٺهڪ، امن امان ۽ ڪچهريون. اوطاقن ۾ ٻهاريون، ڇنڪار ڇنڊ جي روشني ۾ تارن جي ٽم ٽم ۾ گجهارتون، بيت، چنگ، بينسريون ۽ بوٽينڊا وغيره ائين ڪنن کي وڻندا هئا جڻ "ازل ۽ ابد" جا فلسفا انهن سُرن ۾ سمائجي ويا هجن جن کي ٻُڌي انساني جسم ۽ روح جهومي پوندا هئا.

مان چنگ وڄائڻ سکي نہ سگهيس، باقي مٽيءَ جا بوٽينڊا ٺاهي انهن مان آواز ڪڍي وٺبو هو. اِهي ڳوٺ مسوديري جون ڳالهيون آهن. ڏنار ڏاڍو بهتر نموني چنگ، بوٽينڊا ۽ بانسري وغيره وڄائيندا هئا.

سال ۾ هڪ ڀيرو دفعو ناچن جا راڳ، سرنديءَ وارن جي اميدن پڄڻ (پٽن جي طهرن ۽ شادين) تي "عورتون" گهرائي راڳ رنگ جون محفلون مچنديون هيون. ست ڪوهيءَ ۾ هَل ٿي ويندو هو تہ فلاڻي تاريخ تي وڏو راڳ آهي. مشڪرا مشڪريون وجهندا هئا. پگهر ۾ پورهئي مان ڪمايل پئسا گهوريندا هئا. بٽتريءَ جي لائيٽ تي ناچون يا نچڻيون "ڇم ڇم" ڪنديون ڳائينديون، جهمريون، ناز ۽ نخرا ڪنديون جڏهن پئسن ڏيڻ واري وٽ پهچنديون هيون تہ پئسا ڏيندڙ معتبر ٿي پوندو هو. مان ننڍو هوندو هئس. سحر ۾ منهنجو ساهہ سُڪي ويندو هو ۽ گهبرائجي ويندو هيس. ائين منهنجا مارو "ڪائنات کي تسخير" ڪري وٺندا هئا ۽ صبوح جو وري ساڳيو ڪار وهنوار. شڪر ۽ سليقي سان جيئڻ جو زمانو هو. سنڌ جو سھڻو ڪلچرا ائين اڏامي ويو آهي جيئن ڪنهن ڪنوار جو سهاڳ لٽجي ويو هجي. اسان سڀ مفتوح بڻجي ويا آهيون. افسوس ان جو آهي تہ "احساس" مري ويا آهن.

اسان جو معاشرو ٿرپارڪر وارو "رڻ" سنڌوءَ واري "ڏُبڻ"، سنڌوءَ جي ڪناري وارو ڪنبڻ سان پريل جهنگ، بيلي وارن سَرن، ڪانهن ۽ پکين ۽ جانورن جي گند جي بدبوءِ بڻجي چڪو آهي. ڪوبہ سڪون ۽ آرام ۾ نہ آهي. جيئڻ جا معيار بدلجي ويا آهن. ڪو ڪونہ ٿو ڪُڇي. سنڌي سماج ۾ "جانور پڻو" شرافت جي جاءِ والاري چُڪو آهي. نہ اسلام نہ اخلاق نہ قانون، نہ حياءُ ۽ شرم. ڪجي تہ ڪجي ڇا؟

سنڌ جي بادشاهہ "ڄام فيروز" جي سازشي درٻارين، دولهہ دريا خان کي ناراض ڪرائي، "ٺٽو" سنڌ جو تخت گاهہ ڇڏائي، پنهنجي جاگير "ڳاها" پهچايو هو. جڏهن ارغونن ۽ تُرخانن هٿان، سنڌ جي وجود کي خطرو ٿيو تہ فيروز جي ماءُ "دولهہ" کي "سنڌ" جو واسطو ڏئي موٽائي ٺٽي وٺي آئي. دولهہ بهادري همت ۽ ڏاهپ سان غيرن جي فوجن کي سبيءَ کان ٻاهر ڀڄائي ڇڏيو.

مڪار ۽ غدار وري منظر ٿيا، لالچون، بيوفائيون ۽ سازشن نئين سر منصوبہ بندي ڪئي. "فيروز" جي نا اهلين ڪري سنڌ هارائي وئي "دولهہ" پنهنجي سپاهين سميت شهيد ٿي ويو. ڌرتي ماءُ تان سِر "گهور" ڪرڻ سنڌ جي روايتن ۾ ائين شامل آهي جيئن "پيار ۾ چمي".

ويهن سالن جي عمر کان سنڌ جي تاريخ ننڍيون ڦٽائي ڇڏيون آهن. 1972ع ۾ اڪيلو گرمين ۾ ٺٽو ۽ مڪلي گهمڻ ويس. ڳوليندي ۽ پتڪندي آخر "دولهہ" جي قبر ڳولي لڌم. ننڍڙي پٽ جي اندر آسمان جي هيٺان، "دولهہ" جي قبر ڏسي، آسمان کان پڇيو هيم، ارغونن ۽ ترخانن، ظالمن ۽ لٽيرن ڪي مقبرا، منهنجي سنڌ جي وارث، شهيد ۽ سپه سالار مٿان ڪو ڇنهن بہ نہ آهي. حيف آهي سنڌ جي عالمن، دانشورن ۽ سنڌ سان پيار ڪندڙن سان هو هڪ سنڌ جي غيرتمند سپه سالار سان بہ انصاف نہ ٿا ڪري سگهن. سنڌي تاريخدان ڪوڙا ۽ مَڪار آهن. تاريخ ۾ لکيل آهي هوشو شيديءَ جي قبر حيدرآباد جي پڪي قلعي ۾ آهي. عبدالخالق ڪنڌر ۽ مان ڳولي ڳولي، پڇي پڇي ناڪام ۽ مايوس ٿياسي. آخر ان نتيجي تي پهتس تہ "هوشوءَ جي قبر جنگ جي ميدان ۾يا پرپاسي دبي ۽ مياڻيءَ وغيره جي پرسان هوندي. قائد اعظم ڪراچيءَ ۾ جائو. اهو هنن جو پيو ڪوڙ آهي. هو "جهرڪن" ۾ جائو هو. ٻيا ڪيترا حوالا بہ لکي سگهان ٿو.

مڪليءَ کي ڏسندي، سوچيندي سومهڻي ٿي وئي هئي. منهنجو اندر وارو انسان چڙي پيو هو. ٺٽي ۾ رات رهندي چرڪ ڀري جاڳي پيو پوان. ڏسان پيو ارغونن ۽ ترخانن جا گهوڙا منهنجي وجود مٿان ڊوڙي رهيا آهن. سڄي سنڌ کي رت جو ريج آهي. ڪي ڪرن ۽ مرن پيا تہ ڪي منظر تي وڙهن پيا. ڌرتيءَ جي "سينڌ سنوارڻ" ڪو آفاقي پيغام آهي. وطن يا ڪفن "مخدوم بلاول" جو گهاڻي ۾ پيڙجڻ. مان ڪنن سان شاهہ لطيف جو پيغام ٻڌو:

"لوڪ وَهي لهنوارو تون اوڀارو وَهُہ" سنڌ جي تاريخ جو مڪمل اولڙو جنهن شخص تي پيو اهو هو "سائين جي.ايم سيد". ڪيئي دفعا هن جي اوطاق ۾ وڃي ترسيس. مون کي حيرت ٿيندي هئي، هُن کي ڏسي. "سنڌ جا سڀ ارڏا ڪردار هن شخص ۾ مون گڏ ڏٺا آهن." حسين رضہ يزيد جي بيعت نہ ڪئي. هوبہ حسيني هو. پاڪستاني حڪمرانن جي جبر ۽ ظلم آڏو ڪڏهن ڪين جهڪيو.

اندر ٻري پيو آهي. حافظو ساٿ ڇڏي ويو آهي. دلچسپيون ۽ رونقون گهٽجي ويون آهن. پاڻ گهليندو جيئان ٿو. سنڌ ڇا اجڙي آهي، منهنجو وجود

اجڙي ويو آهي. جيئن پکيءَ جي آکيري کي پار ٽوڙي ڇڏيندا آهن. سنڌ کي ساڃاهہ نہ آئي آهي باقي کهڙي "جُٽ" رهيل آهي جو اسان سڏرنداسون.

سنڌ جي تاريخ ائين ياد ٿي وئي هئي جيئن ٻارن کي "سنڌي ڪوڙا" ياد هوندا آهن. پر "ڊپريشن" ساٽو ڪري ڇڏيو آهي. هن ڏرتيءَ سان عشق بہ منهنجي لکڻيءَ وانگر آهي جنهن جو ڪو انت نہ آهي. هي ريسرچ يا ڪو وڏو ڪم نہ آهي، "هي تہ اجڙيل دلين جو داستان آهي." مظلومن جو سُر ڪيڏارو آهي. منهنجي دل لکڻ تي چاهي، باقي سمجهان ٿو انهن ڳالهين جي ڪا ضرورت نہ رهي آهي.

"مير مرتضيٰ" سنڌ جو ارڏو ڪردار آهي. بيگم نصرت ڀٽو جو هُن سان ڪيترو پيار هو اهو منهنجي هٿان لکجڻ منهنجي وس جي ڳالهہ نہ آهي. بنگلن جا نوڪر چاڪر ۽ سياسي سچائيون بيان ڪن ٿيون.

جڏهن مير صاحب لاڙڪاڻي جي صوبائي ٽڪ تان بيٺو هو تہ بيگم صاحبہ لاڙڪاڻي شهر جي ووٽرن ڏانهن "گهر گهر" وئي هئي. "سنڌ ۾" مير جي موٽي اچڻ لاءِ بيگم صاحبہ لاءِ صرف اهو ڳڻتو هو تہ هو صوبائي اسيمبليءَ ۾ پهچي.

"پڃل" ايس پيءَ جي وقت، لاڙڪاڻي جي شيخن سان پوليس ڏاڍو ظلم ڪيو هو. شيخ اهو سڀ ڪجهہ وساري مير صاحب کي ووٽ ڏنا هئا. بيگم صاحبہ جي گهر گهر ورڪ ڪرڻ عورتن، مردن کي بہ مجبور ڪيو هو تہ "مير صاحب" کي کٽرايون. "سنڌ جي ماءُ جي ممتا" کي کٽرايون. هڪ جذباتي ڪيفيت ٺڄي چُڪي هئي. اعتبار ڪريو ان ڏينهن کان محترمہ مون کي "چام فيروز جي ماءُ" وانگر لڳندي آهي. جيئن هوءَ ٽٽو ڇڏي دولهہ وٽ آئي هئي. فرق اهو آهي تہ "چام فيروز" سنڌ جو نالائق ڪردار آهي ۽ "مير مرتضيٰ" سنڌ جو غيرتمند ڪردار. ماءُ جي ممتا جي ٻولي، ڪلچر ۽ دين ڌرم جدا هوندي بہ جذبا ساڳيا هوندا آهن.

مان چاهيان ٿو تہ امان شيخ يا سندس ڀاءُ انعام شيخ بيگم صاحبہ جي ان ورڪ ۽ جذباتي ڪيفيتن تي لکن. هنن وٽ حقيقتون وڏيڪ واضح آهن ۽ ٻئي ڀائر مڃيل ليکڪ بہ آهن.

هڪ دفعي ڳوٺ مسوديري ۾ سوير گهران نڪري ٻاهر ٻنين ڏانهن هليو آيس. هڪ ٽُڪري ۾ سورج مُکي پوکيل هئا. انهن جي اندر گهري ويس هڪ ٻوٽي وٽ ڀهتس تہ ڏٺم تہ سورج مُکي جو گُل آهستي آهستي کُلي رهيو آهي. مان ڏٺو تہ اڌ گل کليل آهي ۽ اڌ بند آهي. بند حصي ۾ مون ڏٺو "ڪارو ڀونئر" مئو پيو

آهي. مون کي خوف وڪوڙي ويو. وجود ڏڪي ويو. پيار، محبت ۽ عشق کان خوف ٿيڻ لڳو.

"عشق نہ آهي راند، جو کيڏن ٻيرو." شاهہ

هڪدم خيال آيو تہ سچ لهڻ کان اڳ اهو پونئر ان سورج مکيءَ تي اچي وينو هوندو. وصال جي گهڙين ۾ نہ "پونئر کي هوش نہ گل کي ڪو خيال." آهستي آهستي گل بند ٿيوءِ هوا نہ ملڻ ڪري "پونئرو" شهيد ٿي ويو.

پتنگن پهہ ڪيو مڙيا متي مچ،
ڏسي لَهس، نہ لُڇيا، سڙيا متي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڃائيا.
(لطيف رحہ)

اڄ نہ سورج مُکي ٻوتجن تا، نہ پونئر مرن ٿا. اُها سورج مُکيءَ جي جنس ئي ختم ٿي وئي جيڪا سچ سان گڏ مُنهن ڦيرائيندي هئي. بدر ڏامراهي ٻڌايو تہ "پيڻ جو گل بہ بند ٿيندو آهي." اياز هن کي "نيل ڪنول" سڏيو آهي. هن سَرَ جي گدلي سينور ۾ هي نيل ڪنول بہ تہ ڏوهي آ.

مان سنڌي مسلمان آهيان. دهرين کي ويجهڙائيءَ سان پڙهڻ کان پوءِ "الله" جي وجود کي وڌيڪ پختگيءَ سان مڃان ٿو. هر مذهب ۾ سچائيون آهن. علم جي حاصلات تمام ضروري آهي. جنهن شيءِ جو علم نہ هجي اُن تي بحث نہ ڪرڻ گهرجي. نئون ديري ۾ اسيءَ واري ڏهاڪي ۾ ڪميونزم جي لهر اُٿي هئي. ورڪرن جو چڱو جٿو تيار ٿيو هو. مان انهن کان يا هو مون کان پري رهندا هئا. حالانڪ سڀ دوست هئاسون.

يهوديت، عيسائيت ۽ اسلام کان پوءِ ڏکڻ ايشيا جا مذهب هندو ازم، جين ڌرم، ٻڌ ازم ۽ ڪنفيوشس وغيره کي بنيادي معلومات طور پڙهيو آهي. ٻڌن ۽ هندن جي جوڳين وغيره جون مشقون حيرت ۾ وجهي ڇڏينديون آهن. مذهبن ۾ ڪجهہ ڪامن شيون آهن. الله جي هڪ ذات ڪانسواءِ عبادتن وغيره ۾ بہ ڪامن شيون ملن ٿيون. ڪرامتون هر مذهب جي ماڻهن ۾ ٿين ٿيون. جادو ۽ برايون وغيره بہ هر هنڌ ٿين ٿيون. شاهہ صاحب چيو آهي:

ايڪ قصر، در لک، ڪوڙين منجهس ڳڙکيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

"قدرت جو جلوو" مڃتا آهي سيني مذهبن جي هر پيغام پهچائيندڙ جو دور ۽ فقه پنهنجو پنهنجو آهي. انسانيت لاءِ جيڪا شئي فائديمند آهي اُها سيني

جي ائين گڏيل ملڪيت آهي جيئن سج جي روشني ۽ هوا وغيره. مذهبن کي "انسان" لاءِ دَيا ۽ رحم جو هٿ سمجهندو آهيان.

غلام سرور ناريجو ۽ غلام حسين ڪٽپر هن شهر نئين ديري ۾ اهڙي قوت جا قائل ۽ پرچارڪ آهن. مون لاءِ منهنجو الله ڪافي آهي. منهنجو اهو خالق آهي جنهن جي تعريف صورت اخلاق يعني "قل هو الله" جي سڄي آيت سڳوريءَ ۾ لکيل ۽ سمجهايل آهي.

"ڪرشن" هندن جو ديوتائي ڪردار آهي. هڪ دفعي ڪرشن گنگا تي غسل ڪري رهيو هو. ڪناري تي "گوپيون" سندس انتظار ڪري رهيون هيون ته مهاراج ٻاهر نڪري "مون سان رقص ڪري" ڪرشن ڪناري تي پهچي هڪ گوپي کي سوري رقص شروع ڪيو. هزارين گوپين سمجهو ته ڪرشن هنن سان رقص ڪري رهيو آهي، ائين سڀ ذهني ۽ جسماني طور خوش ٿي ويون. هندو ڌرم ۾ رقص ۽ موسيقي شامل آهي. هنن جي مندرن ۾ پٿرن مان جيڪي مورتيون جوڙيون ويون آهن، اهي ڏسڻ وٽان آهن. نيشنل جيوگرافڪ چينل تي جهنگن ۽ شهرن ۾ سوين مندرن جون ڊاڪيومينٽريز هليون آهن، سي ڏسڻ وٽان آهن.

***

منهنجون ٻه ننڍڙيون ڀائٽيون آهن. مون وٽ اچي ٽي.وي تي ڪارٽون ڏسنديون آهن. ٽي سال کن عمر اٿن. مون کي چيائون، "بابا! توکي اسان گيت ٻڌايون." مان کين چيو ته "ها، ٻڌايو."

هو ٻئي گڏجي شروع ٿيون، "اٿو مهانگو تيل مهانگو چانهه مهانگي، پاپا مهانگا............"

آخر ۾ شروع ٿيون، "سنڌ اسان جي ماءُ آ." ان کي بار بار ورجائي رهيون هيون، ٻاتاٽا ٻول، ٻڌي مان حيرت ۾ پئجي ويس ۽ مان به انهن سان گڏجي چوڻ لڳس، "سنڌ اسان جي ماءُ آ." بابا مرحوم مسوديري ۾ هڪ دفعي چيو ته "تون جي.ايم. سيد جو پوئلڳ آهين. مان چيس ته "ها". پر توهان اهڙو سوال ڪڏهن نه ڪيو آهي. چيائين ته وڏيري تنهنجي باري ۾ ٻڌايو آهي. بابي کي ڏاڍو غصو هو. مان چپ ٿي ويس. نئين ديري سالن کان پوءِ گڏ رهندا هئاسي. منهنجي ڀاءُ کي ۽ ٻين سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي رات جو پوليس نئين ديري مان گهران گرفتار ڪري وئي. جنرل ضياءَ جو زمانو هو. شهر جون 10_11 فئمليون پريشان ٿي وياسي. 87_1986ع ۾ هڪ ٻن ڏينهن کان پوءِ بابي مون کي چيو ته "تون گهر ۾ ستو پيو آهين، منهن جو پٽ ٿاڻي تي وينو آهي. گهر مان نڪري وڃ"

وچان تہ وچان ڪيڏانهن؟ آخر ممتاز علي خان ڀٽي سيني کي ڇڏرايو. هنن سيني اليڪشن ۾ ممتاز صاحب جي ورڪ ڪئي. شهر ۾ ۽ آسپاس روزانو گاڏين تي وچي ورڪ ڪندا هئا. نئين ديري ۽ آسپاس ايترا ووٽ مليا هين جو ٻين اليڪشنن ۾ اهو ٽارگيٽ پورو ٿي نہ سگهيو آهي.

قدرت جي ڪرٽي اهڙي ٿي جو بابي کي پيشاب جي نيڪال ۾ گدود ڪري رڪاوٽ ٿي پئي. آپريشن لاءِ ڊاڪٽرن انڪار ڪيو. انگريزي دوائن ڪري وقتي فائدو ٿيندو هيس. آخر خبر پئي تہ سَنَ ۾ هڪ حڪيم آهي. بابو منهنجي ياءُ سان گڏجي اوڏانهن علاج لاءِ ويو. اُتي سائينءَ جي اوطاق تي رهيا. حڪيم 15 يوناني ٽڪيون ڏنس. پئسا بابا کان ڪونہ ورتائين. هر 15 ڏينهن کان پوءِ مون وارو ياءُ انعام يونيورسٽيءَ مان ايندي ويندي 15 ڳوڙهيون دوا جون بابا لاءِ موڪليندو هو يا پاڻ کڻي ايندو هو.

بابا جڏهن سائينءَ وٽان موٽي آيو. حال احوال ڏيندي ڪلندي مون کي چيو هئائين، ”ماڻهو تہ ٻچڙا آهن. هو گلا خور آهن. تون سائينءَ سان ملڻ لاءِ ويندو ڪر هو تہ وڏو جو ولي آهي.“ خوشيءَ مان، مان. ٽڙي پيو هيس.

ڏينهن هجي يا رات، سائينءَ جي حويليءَ واري اوطاق يا جتي ميڙاڪا ٿيندا آهن اُهي کُليون پيون هونديون هيون. سائينءَ جي وفات کان پوءِ جڏهن پهريون دفعو وياسون تہ ٻئي اوطاقون بند هيون. مستقبل ۾ سنڌ جي سائينءَ جون ڳالهيون ائين ٻڌايون ويندیون جيئن شاهہ جا شعر هڪٻئي کي ٻڌائيندا آهيون.

سائينءَ جو ڪردار، يوناني ديوتائن وارو ڏند ڪٿائن وارو ڪردار لڳندو آهي. اجان منهنجي قلم ۾ اها سگهہ نہ آهي جو هُن سان انصاف سان لکي سگهان. جڏهن بہ موقعو مليو. قوت سمجهيم تہ يوسف جي خريدارن وانگر ضرور هن جو قرض لاهيندس.

سنڌين جي اڪثريت، سائينءَ کان ائين لاتعلق رهي آهي جيئن يزيد جي مقابلي ۾ عربن جي امام حسين رضہ سان روش رهي آهي. ووٽن جي حساب سان نہ پر فڪري حساب سان سائين هميشہ زنده رهندو. هُن جو فڪر اڄ بہ سنڌين جي ذهنن ۾ آهي پر ”سچ“ قرباني وٺندو آهي، اسان ماڻهو تڪليفن سهڻ لاءِ تيار نہ آهيون. حق وٺڻ ائين لڳندو آهي، جيئن بغير پاڻي ۽ مانيءَ جي رڻ جهاڳڻ. ايڏي تڪليف سهڻ لاءِ سنڌين جي اڪثريت تيار نہ آهي.

اڄ اندرَ ۾ بيچل وارا سُرَ ٻُري رهيا آهن. سنڌ جي شخصيتن مان حيدر بخش جتوئي ۽ سائين جي. ايم سيد منهنجا آئيڊل آهن. هنن ٻنهي جي قربانين

۽ فڪر جي مقابلي ۾ رڳو اونده آهي. لطيف سرڪار جي شاعريءَ کان پوءِ هنن جون زندگيون سنڌ لاءِ اپل ۽ آسرو رهيون آهن. جيڪو ڪجهه سنڌي هن وقت به آهيون اهو انهن جي سوچن ۽ تحريڪن ڪري آهيون. نه ته ڪجهه ڪونه بچي ها. ڪائنات ۾ الله ج جو آسرو ۽ سنڌ جو آجپو متين ۽ انهي مفڪرن جي روشنيءَ ۾ حل ٿيڻ گهرجي.

مشتاق علي خان پنهنجي مرحوم وٽ ڪچهريون ٿينديون هيون. هو صاحب يورپ گهميل هو. پنهنجي صاحب جو سڳو سوٽ هو. هو اسان کي يورپ جي ملڪن جون سنايون ۽ برائيون ٻڌائيندو هو. اسان چين ۽ روس جو سوشلزم پڙهيو هو. ان کي هو اهميت نه ڏيندو هو. هو چوندو هو ته سنڌ جي مسئلن جو حل اسڪينڊينيوئن ڪنٽريز (ڪئناڊا، ڊنمارڪ، ناروي ۽ سئيڊن وغيره ملڪ) موجب آئين هجي. هنن ملڪن جو بنياد "فلاحي مملڪت" واري تصور تي ٻڌل آهي. سنڌ جي زمين ان کي ملڻ گهرجي جيڪو آباد ڪري، حڪومت مقرر ٽيڪس وٺي زميندارين سسٽم ۾ زمين غير آباد پئي آهي ۽ اپت به گهٽ ٿئي ٿي. جديد ايگريڪلچر جو نظام قائم ڪيو وڃي. تعليم، صحت ۽ نوڪرين جا موقعا سڀني لاءِ هئڻ گهرجن. مئرٽ سڀ کان مٿانهين هئڻ گهرجي. بعد ۾ الطاف شيخ جا احوال ۽ ٻين اردو رائيٽرس جا ليک پڙهيا ته مرحوم ياد اچي ويندو هو. دنيا ڪيڏي سڌري وئي آهي پر اسان ڏينهون ڏينهن پٺتي پيا وڃون.

ناروي ۽ سئيڊن وغيره جو ٽيمپريچر بارهوئي مائينس رهي ٿو. جيڪو 15 _ تائين به رهي ٿو پوءِ به سٺي حڪومت (Good Govern)ڪري عزت ۽ شان سان زندگي گذارن ٿا. هُتان جون حڪومتون بيروزگاري الائونس، تعليم، صحت، امن امان، رهائشي جاين کي گرم رکڻ، ٽرانسپورٽ ۽ ڪم وارين جاين کي گرم ڪرڻ سڀ ڪم حڪومت جي حوالي آهن. هتي اهڙي موسم هجي ته، ماڻهو تڙپي تڙپي مري وڃن.. اسان کي قدرت واري پنهنجي فياضيءَ سان سڀ ڪجهه ڏنو آهي پر حڪمران رڳو پنڻ لاءِ منصوبه بندي ڪيو وينا آهن.

نئون ديري جي گهاڙ واهه جي پر سان عاشق علي ۽ الله ڏني جن جا گهر هوندا هئا. اوطاق هوندي هئي. اُتي ورزش جو سامان هوندو هو. سنڌ جي چوٽيءَ جا ملهه مهمان ٿي ايندا هئا.

عاشق علي پڃريون ۽ وزن (ويٽ) کڻندو هو. وڏو شوق هوندو هوس. ڪير، مکڻ جو دور هو "شمن شاهه" ۽ ٻين کي استاد عاشق، گهاگهريون ڪيرن جون پياريندو هو. سڄو گهاڙ اوطاقن ۽ ڇڇڻن سان پريو پيو هوندو هو. محرم علي به

ساڳي خاندان مان هو. تنهن تي پاڻ گذاري ويا آهن. غلام علي سمون ڪي. ٽي. ايس وارو انهن فئملي سان تعلق رکي ٿو.

عاشق مرحوم دلبر انسان هو. قربائتو ڪلٺو ۽ عزت ڪرڻ وارو. آخري ڏينهن ۾ ملندو هو ته چوندو هو ته "منگي! فنا جو جهان آهي. شگر هر شيءِ ڪسي ورتي آهي. تڪليفن هوندي به مرڪندو رهندو هو هو. الله سيني تي پنهنجو رحم ڪري. "قيامت جي ڏينهن اميرن ۽ بادشاهن کي جيڪڏهن الله جنت ڏني ته قبر مان ٿي نه اٿندس. شيخ سعدي رح." غريبن ۽ مسڪينن جا ڏک ۽ ڏولاوا ڏسي ائين چوڻ تي مجبور ٿيو هوندو. منهنجي نئين ديري اچي رهڻ کان اڳ ۾ محبوب علي سولنگيءَ جو پاءُ عبداللطيف سولنگي، سکر چاڪن جي زخمن سان قتل ٿيو هو. سائين غلام اڪبر جو پاءُ لاڙڪاڻي جهيڙي ۾ ماريو ويو هو. ڊاڪٽر طارق علي شاهاڻيءَ کي ڪراچيءَ ۾ زهر ڏنو ويو. هو خالد حسين شاهاڻيءَ جو وڏو پاءُ ۽ اسان جي واسطي وارو هو. طارق شاهاڻيءَ جي رهائش واري فليٽ جو دروازو ٽوڙي، هنجي بادي نئون ديري آندي وئي هئي. محمد مراد پنهور کي ڏينهن ڏٺي جو بازار ۾ گوليون هنيون ويون. هو نثار احمد پنهور (ناظم) جو پيءُ ۽ محترمہ جي قريب هيو. جميل احمد قريشي کي باءِ پاس تي صبوح جو قتل ڪيو ويو. الائي ڪيترن ماڻهن کي جهيڙن ۽ سازشن ۾ هن ڌرتيءَ تان مٽايو ويو.

محبوب، مائٽ، دوست ۽ زندگي بي اعتبار آهي. ڪنهن تي ڪنهن جو ڪو اختيار نہ آهي. هڪ دفعي هڪ دوست سان ڳالهين ۾ ڏکوئجي پيس. سوچيندي سوچيندي پاڻ کان پڇيم، پنهنجا ڪارا وار ڪاريون اکيون، ڪشش وارو چهرو ۽ جواني ڪاڏي ويا. "مُرڪي پين جي شڪايتن ڪرڻ کان پاسو ڪيم. جڏهن پنهنجو جسم ٿي بي وفائي ٿو ڪري تہ پين تي اختيار ڪهڙو آهي. بلڪل فريش ٿي ويس.

"هڪ نہ رُسي هوت، گهوري پاجهہ پين جي." شاهہ

1970ع تائين سنڌي اديبن جيڪو مزاحمتي ادب سرجيو آهي، اُهو ان دور جي نوجوانن پڙهيلن جو آئيڊيل رهيو. پنهور صاحب جي اچڻ سان "آسائش واري زندگيءَ جي ڊوڙ شروع ٿي. نظريا پنتي هليا ويا. محترمہ ۽ مير صاحب جو پاڻ ۾ اختلاف بہ سنڌين کي حيرت ۾ وجهيو ڇڏي. سچائيءَ سان اهو سور سلطو ٿو پوي تہ جنهن حالت تي اسان سنڌي پهتا آهيون، ان ۾ صرف ڏاريا شامل نہ آهن. پنهنجن جون بہ گهڻيون زيادتيون شامل آهن. ارباب رحيم، ايم. ڪيو. ايم سان گڏجي سنڌ جي ضلعن کي ورهايو. پ پ پ اڪثريت ۾ هوندي بہ اردو

ڪميونٽيءَ سان ناهه ڪري، ڪجهه ڪرڻ کان قاصر آهن. سنڌ جي عزت نفس مجروح آهي. ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ اڳي وانگر سنڌين جا لاش ڪراچيءَ کان پنهنجي گهرن ڏانهن موڪليا وڃن ٿا.

پٽو صاحب مرحوم والد جي طرفان جاگيردار ماءُ جي طرف کان سندس نانا ٽانا هندو (ياد رهي تہ پٽي صاحب جي ماءُ مسلمان ٿي سر شاهنواز ڀٽي سان شادي ڪئي هئي.) آسائش هن کي ورثي ۾ مليو ذهانت هن کي قدرت ڏني، حُسن ۽ جوش سان گڏ دنيا جي بهترين تعليمي ادارن ۾ تعليم ورتائين. پنهنجي قابليت تي نالو روشن ڪيائين پر پاڪستان جي پاليٽڪس سمجهي نہ سگهيو ۽ هارائي ويو. هن جي فئمليءَ تمام وڏي قيمت ڏني پر سنڌي ماٺهو ڪٿان جا بہ نہ رهيا. هن جي ذهانت، علم ۽ قرباني سنڌي قوم کي پنهنجو جائز مقام ڏئي نہ سگهي.

ٻي جنگِ عظيم کان پوءِ دنيا جون ٻہ طاقتون نروار ٿيون: روس ۽ آمريڪا. ڪابي ڏر جا اڳواڻ استالن ۽ خروشيف، مائو ۽ چواين لائي، گانڌي ۽ نهرو انڊونيشيا جو سوئيڪارنو. ويٽنام جو هوچي منهه مصر جو جمال ناصر، يوگو سلاويہ جو مارشل ٽيٽو ڪيوبا جو فيڊرل ڪاسترو ڪمبوڊيا جو پرنس سهانوڪ، الجزائر جو بن با الله، فلسطين جو ياسر عرفات. شام جو حافظ الاسد، لبيا جو ڪرنل قذافي، دنيا جي نوجوانن جا آئيڊيل هوندا هئا. ترڪيءَ جي ڪمال اتاترڪ پنهنجي حڪمت عملين سان پنهنجي ملڪ کي بچائي ورتو. ٻئي طرف آمريڪي لابيءَ جا اڳواڻ هوندا هئا. ايوب خان، شهنشاهه ايران، شاهه فاروق مصر ۽ ٻيا ڪٺ پتليون جيئن عربن جا بادشاهه وغيره. دنيا جي سياست ۾ توازن هو. پر روس جي ٽٽڻ کان پوءِ آمريڪي ۽ اسرائيلي وڏيڪ مضبوط ٿيا آهن، ڏسجي تہ هنن جو سڄ ڪيستائين ٿو اپريل رهي. خدا بي نياز آ. جڏهن هو چاهيندو تہ ڌرتيءَ تي توازن پيدا ٿيندو باقي هن وقت مسلم قومن لاءِ ڏاڍو ڏکيو ۽ جابرانہ رويو آهي ناٽو ۽ آمريڪا جو. افغانستان، عراق ۽ پاڪستان جا قبائلي علائقا ان جا مثال آهن. هزارين بي گناهه ماڻهن جو رت وهيو آهي ۽ اجا تائين اهو رڪجڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.

ناصر 1967ع جي شڪست کانپوءِ صدارت تان استعفيٰ ڏني هئي. سڄو مصر احتجاجن اٿي پيو هو تہ "جمال ناصر" تون ئي اسان جو صدر آهين.

مري ويو تہ هن جي اڪائونٽ ۾ ڪجهه ڪونہ هو. هارٽ اٽيڪ دوران ڊاڪٽر منع ڪيس تہ سگريٽ نہ ڇڪ. شڪايتي لهجي ۾ هن کي چيو هئائين، "هن ڌرتيءَ تي صرف سگريٽ پيئڻ جي عياشي ڪندو آهيان، اُها تہ مون کان نہ

توجان آهِ مون کي پڻ گهرڙو، تو جا ناهه مون کي به زمين،
گل ٻوٽن جي ڪونڌين سان، گهر ۾ ڪا ساواڻ ڪريون.
(شيام)

پٽي صاحب جي شهادت کان پوءِ، سائين جي ايم سيد، بيگم پٽو صاحب کي چيو ته مان لاڙڪاڻي عذر خواهيءَ لاءِ اوهان وٽ اچڻ چاهيان ٿو. بيگم صاحب باءِ روڊ لاڙڪاڻي المرتضيٰ هائوس تي پهتي هئي. دُعا ڪانپوءِ سياسي ڳالهيون ٻولهيون ٿيون. وقت اچڻ تي اهي سڀ تفصيل ذميوار ماڻهو ظاهر ڪن ڇو ته اهو سڀ ڪجهه سنڌين جو اثاثو آهي. اخبارن ۽ رسالن ۾ تفصيل ڇپيا هئا پر مان لکڻ مناسب نٿو سمجهان. اميد آهي ته سنڌ جي ڏکن جي سموري تاريخ مستقبل وارو مؤرخ قلمبند ڪندو هوندو. آسمان منظر محفوظ پيو ڪري، نيٺ ته انصاف جي عدالت لڳندي.

پليجو صاحب لکڻ ۽ ڳالهائڻ جو شهنشاهه آهي. سنڌي عوامي تحريڪ دوران هو نئون ديري ايندو رهندو هو. هن جون لکڻيون هر عام ۽ خاص وٽ مقبول آهن. هن محنت ڪري، ڪارڪن تيار ڪري وري تهيل تُڪيل پارٽي ڦٽائي ڇڏي. غلام قادر پليجو لاڙڪاڻي ۾ نئون ديري مان پارٽي فنڊ وٺڻ ايندو هو. بعد ۾ پ پ پ ۾ ايم بي اي ٿي ويو. ايم آر ڊي تحريڪ ۾ ايترو مال گڏ ڪيائين جو سندس ٻار ۽ گهر آمريڪا ۾ آهي. "هاري ۽ مزدورن" جا اڳواڻ ائين بدلجي وڃن ته اسان غريبن جا ٻار، روزگار لاءِ ٿاٻا نه کائيندا سون ته ڇا ڪندا سون. پر يارَا هرهڪ ٽڪجيو پوي، غريب جا ٻار آهن. پل! جاوا ڪن. هرويرو خان بهادر نوابن ۽ وڏيرن پراڊو، لينڊ ڪروزر ۽ پيجارو تي هلڻ جو ٺيڪو ڪنيو آهي ڇا؟

هڪ انڌي سان ڪنهن عورت شادي ڪئي. هڪ ڏينهن ان عورت، "حافظ، مڙس کي پيار ۽ محبت ڪندي چيو ته ڪاش! توکي اکيون هجن ها ته ڏسين ها ته مان ڪيتري سهڻي آهيان. حافظ وراڻيس ته "اکين جي روشني ڪونهي پر ايترو ضرور سمجهان ٿو ته "جيڪڏهن چوين ٿي جي ائين هجين ها ته هي اکين وارا توکي مون لاءِ ڇو ڇڏن ها. "سمجهون سڀ ڪجهه ٿا.

"پنڻ واريون پڌريون، پيون ائين ئي هٽ هٽن." شاهه

سنڌ ۾ جيڪا سجاڳي ۽ مزاحمت آهي ان جو ڪريڊٽ پليجي، آريسر، جام ساقي ۽ ٻين قوم پرستن ڏانهن وڃي ٿو. هنن تڪليفون سهي، سنڌ کي بچايو آهي.

اسان جي معاشري ۾ مسلمان هوندي به "برهمڻ ازم" آهي غريبن جا تعليمي اسڪول، اسپتالون، مارڪيٽون، سواريءَ جا ذريعا مطلب ته هر شيءِ جدا

آهي. جڏهن تہ دولتمندن، آفيسرن ۽ وزيرن، مشيرن ۽ جاگيردارن جو اٿڻ ويهڻ، ڪلبون، اسڪول، ميڊيڪل سينٽر، گاڏيون، هوائي جهاز شاپنگ سينٽر ۽ رهائشي ڪالونيون وغيره الڳ آهن. اها طبقاتي ڪشمڪش ڏينهون ڏينهن نروار ٿيندي پئي وڃي.

مون جهڙن غريبن جا ٻار پڙهي، نوڪريون ڪري هيرا ڦيريون ڪري، حلال ۽ حرام مال ڪمائي، هن شهر ۾ بہ پنهنجي حيثيت مڃرائي رهيا آهن. "سٽيزن ڪلب" هڪ اهڙو پليٽ فارم نئين ديري ۾ جڙيو آهي. بنيادي ميمبرشپ جي في پنج هزار آهي. ماهوار في جدا ۽ جڏهن ڪينٽين وغيره تيار ٿي تہ کائڻ پيئڻ وغيره جي جدا رقم. ڪلهہ جيڪي اسلام ۽ سوشلزم جا پرچارڪ هئا، اُهي اُن ڪلب جا روح روان آهن.

اڄ جيڪڏهن نہ تہ سڀاڻي منهنجي خاندان جا بہ ميمبر ٿي پوندا تہ پوءِ ڪنهن کي معيار ڏبي.

"جتي عمر گذري وئي، پٽڪندي ئي،
لڳن ٿيون سڃاتل تہ راهون اُهي ئي." (شيام)

منهنجي شهر وارن ۽ آسپاس جي ماڻهن لاءِ تعلقي رتيديري جي آفيسن ڏانهن وڃڻ پئسن ۽ وقت جو زيان آهي.

هن شهر نئين ديري کي هاڻي "تعلقو" ٿيڻ گهرجي. لطيف يونيورسٽيءَ جو ڪئمپس ملڻ گهرجي. سنڌ ڪلچرل ڊپارٽمينٽ طرفان لئبريري ملڻ گهرجي. ڇا هي ڏکيا ڪم آهن؟، توهان جي وس ۾ نہ آهن؟! هي چوٿون دفعو پ پ پ اقتدار ۾ آئي آهي. خلق خدا کي ڪجهہ تہ ڏيو. قيامت ڏينهن ڪهڙو جواب ڏيندا. هينئين شعر موجب، منهنجي سامهون صرف سنڌ، سنڌي معاشرو ۽ نئون ديرو آهي.

"تنهنجي دنيا اي ڪلي، آهي اڃا بہ ننڊ ۾،
باک ڦٽندي گنگنائڻ آيون ماکيءَ مکيون!
روشني ۽ رنگ جي دنيا آهي گهڻو وسيع،
پر اڳيان هوندينم جي تون،
ڇا ڏسي سگهنديون اکيون؟
(شيام)

***

# سارين جا پلوڙ فصل ۽ ذڪار

"پاڻيءَ جي صوبائي وزير سيد مراد علي شاھ پنھنجي ھڪ بيان ۾ چيو تہ پاڻي پنجاب نہ پيو چورائي، 45 سيڪڙو پاڻيءَ جي ڪوٽ آھي. 40 سيڪڙو ماڻھو متاثر ٿيا آھن."

سنڌو تہ اسان جي جياپي جو سھارو آھي. ان جي وھڪري ڪي برقرار ۽ جيئن جو تيئن رکڻ ڪانسواءِ اسان وٽ ٻيو ڪو چارو نہ آھي. اچو تہ 40 سال اڳ سنڌ جي سانوڻي موسم ۾ سارين جي فصل بابت ماضيءَ جا ورق ورايون.

1960ع کان 1970ع تائين منھنجو ٻالڪپڻ ۽ نوجواني آھي. اپريل مھينو ايندي ئي ھاري وٽاڻ جو گڏ ڪيل ياڻ ٻنين ڏانھن ڏاند گاڏين تي ڍوئيندا ھئا. ھر ڏئي سارين جي ٻج پوکڻ وارين ٻارين ۾ ياڻ ڪنديري مٿان پلال ۽ گند وجھي ان کي باھ ڏيندا ھئا. جڏھن وٽاڻ جو ياڻ ۽ گند خاڪ ٿيڻ جي ويندو ھو تہ پرسان ڪوھہ وغيره جي لوٽين ۾ ڏينگھي سان نڪتل پاڻيءَ سان انھن ٻارين کي پربو ھو. بعد ۾ سارين اڇلائي ڇڏيبيون ھيون. ھفتي جي اندر ٻيجارو ڦٽي

نڪرندو هو. اسان ڪان اڳ ۾ سڳداسي ساريون ٿينديون هيون، پر پوءِ جيت لڳڻ ڪري اها جنس ختم ٿيندي وئي. باقي جنسون بدڙو ساريون جن جو رنگ هلڪو ناسي هوندو هو ۽ اندران چانور سنها هوندا هئا، ٻي جنس جو نالو ڪنگڙيون سڏبو هو. غريب غربو ڪائڻ لاءِ ٿي اٽي پيهائڻ لاءِ ان جو استعمال ڪندو هو. اٽي لاءِ جوئر بہ استعمال ٿيندي هئي، جيڪا اڄڪلهہ ڏاڍي مهانگي آهي.

اتڪل 64_1963ع ۾ انهن جنسن تي بہ جيت ۽ پوپٽ جو حملو ٿيو. جنهن ڪري بہ ٽي سال اتر سنڌ ۾ ڏڪر جهڙي صورتحال هئي. زراعت کاتي ۽ حڪومت مغربي پاڪستان طرفان سارين کي ڦوهارو ڪرڻ لاءِ باقراڻي، نئون ديرو رتوديرو روڊ تي وارهہ ڪئنال جي پل جي ويجهو رن وي ٺاهي ڦڪن جهازن سان سارين جي فصل کي ڦوهارو ڪيو ويندو هو. ڏاڍي زهريلي دوا استعمال ٿيندي هئي. اڳ ۾ خبردار ڪيو ويندو هو جنهن ڪري مالوند ماڻهو تن ڇئن ڏينهن جو گاهہ گڏ ڪري رکندا هئا. ڦوهارو ٿيل گاهہ مال کي نہ ڏبو هو. پاڻيءَ ۾ مڇي جو بيجارو وغيره مري ويندو هو. رات جو زراعت کاتي وارن مفت ۾ هارين ۽ زميندارن کي لالٽين ڏنا هئا تہ هو رات جو پوک ۾ پاڻيءَ جي پاٽ پري ان ۾ سِر وغيره رکي، ان تي لالٽين ٻاربو هو. ڪيئي پوپٽ اچي مڙندا هئا هيٺ پاڻيءَ جي پاٽ ۾ ڪري مري ويندا هئا، ماڻهن الله کي راضي ڪرڻ لاءِ ختما ڪيرايا ۽ ٻارڙن کي مئا پت ڪارايا تہ ملڪ مان ڏڪر ختم ٿئي.

73_1972ع ڪانپوءِ فلپائن مان ريسرچ ٿيل اِري 6 آيو ۽ آهستي آهستي مٿيون جنسون مٽجي ويون. پٽي صاحب پنهنجي دور ۾ ڏوڪري رائيس ريسرچ انسٽيٽيوٽ کوليو هو. ڪنگڻي ۽ بدڙي جنسن جي پيداوار گهٽ ۾ گهٽ ٿيندي هئي، جڏهن تہ اِري 6 جي پيداوار 40 کان 50 مڻ تائين پهچندي هئي.

اپريل جو سڄو مهينو ٻج پوکڻ سان گڏ واهن ۽ واهين جي کاتي کٽبي هئي. سنهو ڪم هاري پاڻ ڪندا هئا. گهڻو ڪم زميندار ۽ سرڪار "لالن پناٽن کان" روڪ رقم ڏئي کاتي کٽائيندا هئا. موجوده مشينن ۽ ٽريڪٽرن وغيره جو رواج پوءِ پيو. مون کي ياد آهي تہ پهرئين مئي تي "چڙيو پاڻي" درياهہ مان واهن کان اچڻ کان اڳ ۾ سيني واهن جي پيٽ ۾ پاڻي بلڪل ٿوري اندازي ۾ وهندو هو. ان مان اهو فائدو هوندو هو تہ مال ۽ ماڻهن کي پيئڻ جو پاڻي ملندو رهندو هو جيڪو 1980ع ڪانپوءِ آهستي آهستي گهٽجي آخر اهو بند ٿي ويو. پاڻي نہ هئڻ ڪري ڏُٻن جي پاڻي پيئڻ ڪري ماڻهن ۾ هيپاٽائيٽس جا ڪيس وڌيا آهن ۽ مال ۾ بيماريون پڻ وڌي ويون آهن. صاف ظاهر آهي جديد دنيا ۾ اسان سنڌي پٺتي ويا آهيون.

ختم ٿي ويندو.

افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ لاڙڪاڻي، نئين ديرو ۽ آسپاس جر جو پاڻي هيٺ لهي آيو آهي. نلڪا يا تہ ٿورو پاڻي ٿا ڏين يا خراب ٿي پيا آهن. اڳ اسان وٽ 35 فوٽ "جر" هوندو هو يعني 35 فوٽن تي نلڪو پاڻي ڏيندو هو هاڻي اهو 60 تي بہ ڪونہ پيو هلي. مستقبل لاءِ منصوبہ بنديءَ سان گڏ دعائون بہ گهرڻ گهرجن.

هنزه درياھ اسان جي سامهون هنزه ڊئم ٺهڻ بڻجي ويو آهي. ڪجھ خدا جو خوف ڪريو. اسان سنڌين تي رحم نہ پر اسان سان انصاف ڪريو. هندن ۽ انگريزن اسان جي سنڌوءَ جي پاڻيءَ جو خيال ڪيو. 1810ع کان رڪارڊ ۽ دستاويز آهن. توهان اسان جي پاڻيءَ تي ڌاڙو چو ٿا هڻو.

دنيا ۾ صرف اسان پڇڙي ۾ نہ آهيون، مصر ۽ سوڊان جو نيل درياھ وارو مسئلو بہ پنجاب ۽ سنڌ جهڙو مسئلو آهي. هر ڪم بين الاقوامي قانون موجب ٿيڻ گهرجي. ڏاڍ مڙسيءَ تي انڊيا ۽ اسرائيل کي ننديون ٿا تہ اسان لاءِ توهان ساڳيو نسخو چو ٿا پسند ڪيو.

جڏهن پ پ اقتدار کان ٻاهر هئي ٿل ڪئنال جي خلاف احتجاج رڪارڊ تيل آهي. اڄ اهو وهي ٿو. سڀ سنڌي وزير ۽ ميمبر وغيره چپن کي چونو هنيو ويٺا آهن.

محترم آبپاشي جا صوبائي وزيرا ايڏي حمايت پنجاب جي زور آوريءَ جي چڱي نہ آهي. ڪجھ تہ ماضيءَ کي ياد ڪريو ۽ حقيقتن کي آڏو رکو! سچ ڳالهائڻ ۾ بيان تبديل ڪرڻا نہ پوندا آهن. تنهنڪري اهو سچ آهي تہ پنجاب پنهنجي 5 لک غير آباد زمين وڏيڪ آباد ڪرڻ چاهي ٿو تہ چا سنڌ جي آباد زمين غير آباد نہ ٿي ويندي. تنهن ڪري سنڌ جي ووٽن ۽ نمڪ جو حق انصاف سان ادا ڪريو. حڪومت جي مزن کان پري آهيو تہ قومپرستن کان بہ اڳ ڪيڏي ٿا ويچو. جڏهن اقتدار ۾ اچو ٿا تہ مرڪز اوهان لاءِ مجبوري بڻجي پوي ٿو. اهو مردن وارو ڪردار نہ پر سنڌين جي تباهيءَ وارو رول آهي.

بن مانگي موتي ملي،
مانگي ملي نہ بيک،
منگن سي مرتا ڀلا،
کهتا آيا ڪبير.
(ڀڳت ڪبير)

سنڌي ماڻهن کي هاڻي ڪجھ گهرڻ بجاءِ متجڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي. 60 سالن کان گهرندا پيا اچن، مسئلا تہ وڌندا ٿا رهن گهٽتائي تہ ڪونہ آئي آهي.

***

# سڪل پلوءِ سيت پريتم

محترم علي قاضيءَ جو "سنڌوءَ بابت سڏ" ائين لڳو جو حيرت ۾ پئجي ويس. سنڌ ڪيڏي سُجي تي وئي آ. هرهڪ پنهنجي ذميوارين ۾ ڪيڏي ڪوتاهي پيو ڪري. لانگ بوٽن جو تشدد، ذاتي ميلشائن جون جُنيون، ووٽ وٺندڙ ايم. پي. ايز، ايم. اين. ايز، سينيٽر، وزير ۽ مشير بڻجي وڃن پوءِ بہ اسان ننڍڙڪا آهيون.

سوشلسٽ قوم پرست، پ پ پ ۽ مسلم ليگ پاڳارو گروپ وغيره جڻ حج تي هليا ويا آهن جو اخباري ڏنڊو ۽ سيٽلائيٽ (K.T.N & Kashash) سسٽم تحت ٽيليويزن نيٽ ورڪ هلائيندڙ اسان جي جياپي تي توجه پيو ڇڪائي. الله هن کي اجر ۽ اجورو ڏئي! سنڌ جو مان مٿانهون ٿو ڪري، هن ڌرتيءَ جو پٽ هجڻ جو سچو ثبوت ڏنو آهي. الله هن کي پنهنجي عافيت ۾ رکي! سڄي سنڌ جون ڪيس اهي ئي دُعائون آهن.

صبوح جو اُٿي تيار ٿي، پنهنجي شهر نئين ديري جو چڪر هنيم. غلام حسين ڪنڀر اوچتو موٽر سائيڪل تي گڏيو. ٻڌايائين تہ "درياءَ تي ٿا وڃون." جڏهن ڏٺل ماڻهوءَ پري پلاننگ تحت اجنبي ۽ ڏاريا ٻڌبا آهن تہ اندر مان آواز

آهي. درياءَ ۾ چاڙهه نہ اچڻ ڪري گاهہ ٻوٽا، تيلي ٻج، ماکي، تتر، سيهڙ، ڦاڙها ۽ ٻيون جانورن ۽ پکين جون ڪيتريون جنسون ناياب ٿينديون وڃن. شاهہ چوائي:

"نہ سي وونئڻ وڻن ۾ نہ سي ڪاتيارڻين، - پسيو بازارون هينئڙو مون لوڻ ٿئي."

لاڙڪاڻي جا ڪرڙا، ناريل (ڏونگهي) مثل آهن. موراڪي تري ڪائجي تہ ان جو سواد لاجواب آهي. ٻيا ڪيترائي مڇيءَ جا قسم آهن جن کي غريب غربو ڪائي ڏؤ ڪري، زندگيءَ جي گاڏي کي گهليندو هو. جهينگا ناياب، پوئڪي سينگاري ۽ گندڻ ايترا ٿيندا هئا جو انهن کي ڪو هٿ نہ لائيندو هو. (ماڻهو ڪائڻ لاءِ تيار نہ هوندا هئا. هاڻي اُهي لاهوري لکين روپيہ ايڊوانس ڏئي، ٺيڪيدارن کان گهرائن ٿا. مٿيون ٿئي جنسون ايڏيون گرم آهن جو پوڙهو ڪائي تہ ٻين دوائن ڪائڻ جي ضرورت ئي نہ پوي. هي اسان جون نيچرل غذائون آهن. ڪکو هر هنڌ ملندو هو. ان ۾ ڪنڊو ڪونہ ٿئي ان کي دريائي ڪڪڙ اسان سڏيندا آهيون. سگداسي چانورن جون جنسون ختم ٿي ويون. جنهن جو هڳاءُ گهرن مان نڪري گهٽين ۾ ڦهلجي ويندو هو. مان ننڍو هوندو هوس تہ اسان جي ڳوٺ ۾ کير ڪونہ کپندو هو. ڪنهن جون مينهون ڏڪيون هونديون هيون تہ پاڙيوارو يا ڳيو (مال وارو) ساسرون پري (چونريون پري) کيس کير مفت ۾ ڏيندا هئا. ايئن وري انهن جو وارو ايندو هو تہ "احسان جو بدلو احسان سان ڏبو هو" اڄ جتي ڪٿي کير وڻڻ وارن جا دڪان ڪمپنين وارن کوليا آهن. ديسي آنا ختم، ديسي ڪڪڙيون ختم. سياڻي هي کير بہ ڪونہ ملندو. شهري بابو جاوا ٻيا ڪن اسان جا مارو کير لپ لاءِ سڪندا. مال جو چارو مهانگو ڪٿي مهانگي، ساريون سستيون آهن.

ڪا عقل ۽ انصاف جي ڳالهہ ڏاهپ ۽ سنجيدگيءَ جي تقاضا آهي تہ "اسان جو مرڻ جيئڻ سنڌ، سنڌوءَ ۽ سنڌين سان آهي. اسان جي قول فعل ۾ هتان جي مسئلن کي اوليت هئڻ گهرجي. دبئي، برطانيہ آمريڪا ۽ يورپ وغيره سڀ ڪجهہ آهن پر سنڌين جون قبرون سنڌ جي زمين ۾ ٿينديون. تورو لکيو گهڻو سمجهندا. منهن جو ايمان آهي جنهن مُڙدي جي شفا، سنڌ ڌرتي جي مٽي نہ ڪندي اهو جنت ۾ ڪيئن ويندو. ڪوئي شفا ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو غدار، مڪار ۽ منافق جو.

ياد رکو! مغلن جي زوال کي ياد رکو ورهاڱي کي، پڙهي ڏسو منتو خشونت سنگهہ، آگ کا دريا ۽ غدار ناولن کي، سنڌ جي هندن جي لڏپلاڻ مان سبق سکو. ڪڏهن بنگال ٿو ورهائجي، ڪڏهن پنجاب ۽ ڪشمير. قدرتي بائونڊرين سان

هٽ چراند سان رکو "رت جي هولي" تہ پيدا ڪري سگهجي ٿي پر انسانيت جي خدمت نہ ٿي ڪري سگهجي. جهالت، لالچ ۽ جانور پڻي جي وڏيڪ گنجائش نہ رهي آهي. سازشون ۽ مڪاريون، سچ ۽ چنڊ وانگر نروار ٿي چڪيون آهن.

سنڌ جو سدا حيات مفڪر سائين جي ايم سيد مرحوم، عاشق سنڌ، پاڻيءَ جي مسئلي تي هميشہ چوندو هو تہ شير محمد بلوچ جو "پاڻيءَ منجهہ پساهہ" ڪتاب پڙهي ڏسو. ادريس راجپوت جا مقالا ۽ ڪي ٽي اين تي هن ۽ ٻين ماهرن جون مدلل رڙيون ۽ دانهون (ڪچهريون ۽ تقريرون) ساهہ سان سانديڻ جهڙيون آهن.

60 ـ سالن جي سلوگنس (نعرن ۽ احتجاجن) مان ڇا وريو آهي، اسان ڪي متفق ٿي حڪمت عملي ناهڻي پوندي الله . قرآن شريف ۾ فرمائي ٿو "هن ڌرتيءَ تي آڪڙجي نہ هلو...... ٻي هنڌ فرمائن ٿا، "ظلم نہ ڪريو انصاف ڪريو." هر مرندڙ سنڌيءَ ڪي غسل ڏيڻ لاءِ سنڌوءَ جو پاڻي گهرجي. سنڌين تي نہ پر پنهنجي نسلن ۽ مري ويلن تي رحم ڪريو نہ تہ بدروح بڻجي قيامت تائين ڀٽڪندا رهندا. هن ڌرتيءَ لاءِ سڪندا رهندا.

سنڌ جي تاريخ مان ڪجهہ حوالا، قصا ۽ ڪهاڻيون:

جڏهن سنڌ دهليءَ جي ڏن پرو هئي تڏهن ٺٽي ۾ محمد شاه تغلق گورنر هو. ٺٽو ان وقت درياهي بندر هيو. محمد شاهہ پلو کائي ڏٺو تہ ٻيا سڀ بادشاهي طعام ڇڏي ڏنائين. پلو انتهائي گرم آهي. محمد شاه بيمار ٿي پيو. حڪيمن پلي کائڻ کان روڪيس پر هن انڪار ڪيو ۽ آخر پلو کائيندي مري ويو. ڇا سنڌ ۾ پلي جيتري انتقام جي طاقت بہ نہ رهي آهي. ووٽ وٺندڙ پارٽيون ۽ ميمبر ڪجهہ تہ سنڌين سان تعلق هجڻ جو ثبوت ڏين.

2ـ سنڌ جي اقتصادي تاريخ ۾ لکيل آهي تہ سنڌوءَ جي ڪري سڄي سنڌ ۾ جهنگ، گاهہ اناج ۽ مال ججهي انداز ۾ هوندو هو. ڪير ۽ مکڻ، کائڻ کان گهٽو هيو. دريائي پٽن ۽ واهن ۾ ٻيڙيون، مکڻ جون پرجي وڪامنديون هيون. مکڻ ڪوڏارين جي لپن (تور جو ماپو) طور وڪامندو هو. ڪجهہ پئسن ۾ (شايد روپيو) بہ ـ ٽي لپا مکڻ جا ملي ويندا هئا. اڄ عورتن جي ويم کان پوءِ جيڪو ٻهراڙيءَ ۾ "ڏُڪ" ناهبو آهي ان لاءِ مکڻ بہ ڪونہ ٿو ملي. "ڏُڪ" اسان جي ڪلچر ۾ اهميت رکي ٿو. اُن ۾ ڪير، مکڻ ۽ مصري وجهي ڪراڙيون سسون پنهنجن ننهن ڪي طاقت ۽ رت ضايع ٿيڻ کانپوءِ وڏي قوت واري شيءِ سمجهي کارائينديون هيون.

3ـ سنڌ جا ٻہ هيرا (نادر شاهہ ۽ ڪلهوڙا حڪمرانن جو دور:

سنڌ جي ڪلهوڙا حڪمرانن پيري مريديءَ کان، حرفتون ۽ چالاڪيون ڪري، سنڌ کي غيرن کان آجو ڪيو. جيڪڏهن ڪلهوڙن جا "شاهہ عنايت شهيد". جي رت ۾ هٿ رنڱيل نہ هجن ها تہ هو "سمن" سلطانن جي صف ۾ بيهن ها.

نور محمد ڪلهوڙو ايرانين طرفان سنڌ جو گورنر هيو. ايران ۾ ان وقت "صفوي خاندان" راڄ ڪري رهيو هو.

## نادر مان نادر شاهہ:

نادر جي پيءُ جو نالو امام قلي بيگ هيو. هُن پٽ (نادر) جو نالو "نادر قلي بيگ" رکيو. اُهو سال 1688ع چون ٿا. نادر جو پيءُ هاري يا ٻنار ليکڪ لکن ٿا. نادر جا وڏا شيعہ مسلڪ جا هئا.

نادر ترڪ نسل جو آهي، هن جي قبيلي جو نالو "افشار" هو. افشار قبيلو ترڪن ۽ منگولن جو مخلوط نسل آهي. نادر پندرهن سالن جي عمر ۾ "تلوار" جو ڌڻي بڻجي ويو. ڏاڍو بهادر ۽ بي ڊپو هيو. ان وقت جي معيار مطابق، خونخوار ۽ وحشي هجڻ ڪري، هو جلدي اڳواڻ بڻجي ويو. هو فخر سان پاڻ کي "تلوارن جو پٽ" چوندو هو.

8 مارچ 1736ع تي هن جي رسم تاجپوشي ادا ڪئي وئي ۽ پاڻ کي "نادر شاهہ" جو خطاب ڏنائين. صفوي خاندان جي ماتحت هوندي هن روس، ترڪ ۽ افغان حڪمرانن جي فوجين کي شڪستون ڏنيون. مڙس جو اڳ ۾ ڌاڪو ڄمي ويو هو. هن جلدي افغانستان جي حدن ۾ پنهنجون فوجون آڻي ايران سان ملايون ۽ اُتان دهليءَ جو رُخ ڪيو. 1738ع ۾ مغل بادشاهہ محمد شاهہ دهليءَ جو حڪمران هيو تہ 1738ع ۾ نادر شاهہ هندوستان جي حدن ۾ پير رکيو. 21 مارچ 1737ع تي دهليءَ جو قتل عام ۽ ڦرلٽ ڪرايائين پر محمد شاهہ کي ڪجهہ ڪونہ چيائين. ڇو تہ هن مقابلو نہ ڪيو هو. عام ماڻهو ۽ محلا تباهہ ۽ برباد ڪيائين. هزارين ماڻهن جو مسيون، تن کان جدا ڪيون ويون. مغلن جو مال، هاٿي، گهوڙا وغيره هٿ ڪري واپس لاهور، پشاور ۽ ڪابل پهتو.

ڪابل مان نور محمد ڪلهوڙي ڏي ايلچي موڪليائين. نور محمد ڪن لاتار ڪئي. ڪابل مان وري سنڌ ڏانهن موٽيو. نور محمد کي ڪٽڪ (اطلاع) ملي وئي. هو خدا آباد ڇڏي عمرڪوٽ وٽ وڃي قلعي ۾ محفوظ ٿيو.

نادر سنڌ ۾ واءُ ميٺهن وانگر اچي ڪڙڪيو. وڏي تباهي مچايائين،

# ڪڇي جون زمينون ۽ روزگار

مرشد لطيف رحہ چيو:

دهشت دم درياهہ ۾ جت سناٽا سنسار
بيحد باگو بحر ۾ هيبتناڪ هزار
سارين کان سرير ۾ طاقت توهان ڏار
ساهڙ چام! ستار! سگهو رسج سير ۾!
باگو= واڳو خطرناڪ پاڻيءَ جو جانور.

پٽائي گهوٽ سنڌوءَ جي سانوڻيءَ جي موسم ۾ پاڻيءَ جي خوف ۽ دهشت جو جيڪو نقشو چٽيو آهي اهو سمجهہ ۾ تہ اچي ٿو پر جڏهن ”بيحد باگو بحر ۾“ چيائين تہ سنڌوءَ جي عظمت سمنڊ وانگر بيان ڪئي اٿائين. يعني ٻڌايائين تہ هي عام درياءُ نہ پر بلڪل وڏو درياءُ آهي.

هنن سٽن مان ٻيو اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ پٽائي صاحب رحہ ان

وقت سنڌوءَ جي وهڪري ۽ شان جي تاريخ بيان (قلمبند) ڪئي آهي. جيڪا اڄ تبديل ٿي چڪي آهي.

ڪافي گهڻو وقت اڳ پڙهيو هيم تہ سڪندر يونانيءَ سنڌوءَ کي ڏسي، بي اختيار پنهنجي فوج کي ٻڌايو هو تہ "هي تہ سمنڊ آهي." (حوالو ياد نہ آهي) وڏيڪ ڪتاب پريا پيا آهن. پنهنجي عنوان تي اچان ٿو:

سنڌوءَ کي جيڪي موجود بچاءَ بند آهن، اُهي اسان جي اکين جي سامهون، درياءَ جي ڪچي ڏانهن سوريا ويا آهن. انگريزن جي دور کان پوءِ تقريباً ٻہ دفعا اُهي بند بدليا آهن نتيجي ۾ ڪچي جو علائقو تنگ يا سوڙهوتي ويو ۽ ڪچي جون زمينون پڪي ۾ شمار ٿيڻ ڪري بئراج جي پاڻيءَ تي آباد ٿي رهيون آهن. اهڙي نموني حڪمران طبقي جا ماڻهو پنهنجي مفادن خاطر، سنڌوءَ جي ويڪر، گهٽائيندا آيا آهن.

جوانيءَ ۾ اسان، عمر رسيده ماڻهن کان ٻڌو تہ آبڪلياڻيءَ جي موسم ۾ درياءَ جو پيٽ 7 کان 11 ميلن تائين هوندو هو. زمينن تي جيڪو پاڻي چڙهي ايندو هو ان کي "چر" جو پاڻي سڏبو هو. تيز وهڪرو درياءَ جي پيٽ وارو هوندو آهي. "سير" وچ درياءَ جي وهڪري کي سڏبو آهي. ان ۾ ڳن ٿين، ٻيڙيون اٿلي پون ۽ وڏا وڏا پراڻا وڻ بہ پاڙن سميت ابتا سبتا لڙهندا ويندا هئا.

ڪچي جا ماڻهو ٻي پار وڃڻ لاءِ، ٻيڙيءَ کان سواءِ "سيڻهہ" تي تري ويندا آهن. سيڻهہ ٻاڪري کل مان محنت سان ماهر ٺاهيندا آهن. ان ۾ وات سان هوا ڀربي آهي. ترندڙ ماڻهوءَ کي ٻہ ــ ٽي ميل پاڻي لوڙهي ٻي ڪناري تي پهچائيندو آهي. ڏاڍي مهارت ۽ تڪليف سهڻ وارو ڪم آهي.

شمشير چيو:

تنهنجي نيڻن ۾ جيڪو نهاري ويو،

جڻ سنڌوءَ جي ٻي ڪناري ويو.

شايد شاعر کي اهو عمل وڏيڪ ڏکيو ۽ تڪليف د لڳي ٿو بنسبت سيڻهہ تي تري ٻي پار وڃڻ جي.

درياءَ جو پاڻي گهٽجڻ ۽ لهڻ کان پوءِ آهستي آهستي چيڪي مٽيءَ مان "سنڌوءَ جو سون" ڦوٽهڙو وٺندو آهي. سڄي ڌرتي سائي چادر ويڙهيل نظر ايندي آهي جنهن جي چوڪي وڻ ڏيندا آهن. ڪٽڪ، مٽر، چڻا، سرنهن ۽ ٻيا تيلي ٻج. ٻيرن جا دمڙا (ٻج) ڦوٽهڙو وٺندا آهن، ليون سايون ٿينديون آهن. ٻوڙا، ڪانهن ۽ ٻيا گاهہ وقت گذرڻ سان وڌندا رهندا آهن. ڪنڊ، ڪانديرا، اڪ ۽ ٻيا بيشمار

گاهہ ۽ ٻوٽا رنگ برنگي گلن سان من کي موهي وجهندا آهن. حدِ نظر تائين سرنهن جا گل جڏهن رقص ڪندو ڏسندو هيس تہ سمجهندو هيس تہ "انساني روحن" لاءِ ڪائنات جي مالڪ "جهمر" جو بندوبست ڪيو آهي. شداد جي بيان ڪيل جنت ڪان سنڌوءَ جا ڪنارا وڌيڪ سهڻا لڳندا هئا. چانورا، منڙيون ۽ ٽڏڙيون هوائون، ڪنن ۾ هوائن جا سُرٻات جڻ پرينءَ جو پيغام پيا پهچائين. پکي، جهنگ جا جانور، وڻاٽن جا مال، پريل پيٽ سان "تراڏيون" (آواز ڪري خوشيءَ سان ٽينگ ٽپا ڏئي) جڻ پنهنجي پالڻهار جو شڪريو پيا ادا ڪن.

چوندا آهن تہ جيڪا شيءِ ڌرتيءَ مان ڦُٽي ٿي اُها گُل ڪري ٿي. ٻِپ بہ گل جهليندا آهن. مٽرن جا ننيڙا واڱڻائي گل، چڻن جا پتڪڙا سفيد گل، پلا سرنهن جي گلن جي رنگن کي ڪير وساري سگهندو. انسانن شايد رقص جهومندڙ ٻوٽن مان سکيو آهي. سورج مُکي گل ڪيڏا خوبصورت ٿيندا آهن. وونڻن جا گوگڙا جڏهن ڦاٽندا يا کُلندا آهن تہ ڪاري رات وارا سمورا تارا ڏينهن جو ڌرتيءَ تي لهي ايندا آهن.

رات جو چنڊ جي چانڊوڪيءَ ۾ وونڻن جون ڦٽيون ڏسڻ جهڙيون آهن "نيچر" قدرت اسان سڀني جي اُستاد آهي. پکيءَ کي اڏامندو ڏسي انسان "جهاز" ٺاهيو. "ويل" مڇيءَ کي ڏسي جهاز ۽ آبدوز ٺهيا.

ڪچي جي وڻن مان ڪاٺ جو سامان ۽ ٻارڻ ملي ٿو. ٻوڙن مان واڻ ۽ رَسا، ڪانن مان پترون ۽ موڙا وغيره. هر شيءِ اسان کي ڏوڪڙ ڏيندي آهي ڪابہ شيءِ بيڪار نہ آهي. ائين سنڌوءَ جي مخصوص تهذيب ترقي ڪئي جيڪا هاڻي زوال ڏانهن وڌي رهي آهي. پيٽ پرڻ لاءِ سڀ ڪجهہ پنهنجو ڏِڌ، ڏوڻرو ڪير، مکڻ، گوشت، ڪڪڙيون، آنا، سبزيون، اٽو چانور، گيهہ، تيل، تماڪ وغيره سڀ ڪجهہ پنهنجو هجي تہ باقي ڳڙ، ماني ۽ انگ ڍڪڻ جو ڪپڙو وڻڻ ۽ ٻوٽ وٺڻ ڪو مسئلو نہ آهي. اُها سنڌ اسان جي اکين آڏو اُجڙي رهي آهي. هر طرف انيڪ مسئلا آهن. ڪهڙا بيان ڪري ڪهڙا ڪجن.

شيخ اياز لکيو آهي تہ "جوانيءَ ۾ شڪارپور واري سنڌ واهہ ۾ ترندي ۽ ريل جي پٽڙين سان پنڌ ڪندي، منهنجو جسم "لٿيءَ جي ڇڄي" وانگر لچڪدار هوندو هو." اياز جون تشبيهون مون کي ڇرڪائي "سُن" ڪري ڇڏينديون آهن. سنڌوءَ جي جهنگ ۾ رُلائي ۽ رڻ ۾ رولي ڇڏينديون آهن.

اياز کي جڏهن سندس شاعريءَ ۾ "محبوب جي وارن" جي ڇڳن ۾ الجهيل ڏسندو آهيان تہ کيس چوندو آهيان تہ تون "عورت ۽ جام" مان ڏاپڻ وارو نہ آهين

جي زندگي آزار واري زندگي تي وئي آهي. هڪ طرف ڌاڙيلن جو ظلم تہ ٻئي طرف پوليس جو ستم. شريف ۽ عزت وارا ماڻهو لڏي اچي پڪي تي ويٺا آهن. پڪي جون ڀراڙيون بہ روزگار کان وانجهيل، اتي تہ ڪلاشنڪوف ۽ پوليس جي ياري باشيءَ جو ڪلچر. سڄي سنڌ جو ستر سيڪڙو عوام خوف ۽ پيڙا ۾ پيو گذاري. شل! ڪا سنڌ تي ڀاڄھ ٿئي. جوانن کي ساڃاھ اچي ۽ سنڌ وري ائين خوشحال ٿئي يعني امن امان، قانون، بي فڪري ۽ روزگار هجي جيئن مهذب دنيا (جن وٽ فطرت جو ڪجھ بہ نہ آهي) جيئي ٿي، ائين ئي جيئون. گذريل عرصي ۾ تعليم، صحت ۽ پاڻيءَ وغيره جون بنيادي سهوليتون تہ ڪونہ مليون سگهيون پر صدين کان جيڪي گذريل سفر جا وسيلا هئا، اُهي ڇاڻي واڻي هڪ منصوبي تحت کسيا ٿا وڃن. جديد گلوبل دنيا اسان کان اڃھو ۽ اٿو بہ کسي رهي آهي. تبديلي ۽ خوشحاليءَ جي نالي تي پنڻ ۽ ڏوهن ڪرڻ ڏانهن ڌڪيو ٿو وڃي. موهن جي دڙي جي تهذيب جون محافظ ڀراڙيون جهيڙن، ڏوهن ۽ نشن جي وَرِ چڙهي ويون آهن. ڪنهن سڌاري جو ڪو امڪان نہ آهي. "جيڪو ڏاڍو سو گابو" وارو ڪلچر اسان جي وڏڙن جي سُڪون ۽ صبر واري ڪلچر کي تيزيءَ سان تبديل ڪري، پاڻ مڃائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. غريب جي ٻارن ۽ نوجوانن جو ڪو مستقبل نہ آهي. هر هنڌ جعلسازي، فريب، ڌوڪو ۽ ناجائز دولت جا رنگ آهن. جنهن ملڪ جي قومي اسيمبلي ٺڳي، ڪوڙ ۽ جعلسازيءَ جي بنياد تي مزا ماڻي رهي آهي هن ملڪ جي ڪروڙين عوام کي انصاف، امن ۽ قانون جي حڪمراني ۽ روزگار وغيره تي ڪيئن منصوبہ بندي ڪندا. چوڻ وارا سيڪجھ چون ٿا پر ٻڌڻ وارو ڪير بہ نہ آهي.

آخر ۾ وري مرشد لطيف جو شعر:

"سَر لوهيڙا ڳيا، ڪُسر نسريا،
تو ڪيئن وِسريا، ڍوليا! ڏينهڻ اچڻ جا."
(ڪُسر = ڪوڙا سَر)

***

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بِين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪلاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ ٻڌ ڪان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)